# سویرا

جلد ۳۲، نمبر ۲ و ۳–۱۹۸۳ء



بسم الله الرحمن الرحيم

قرآن ڪريم جون مقدس آيتون ۽ نبي ڪريم جون حديثون
توهان جي ديني معلومات ۾ اضافي ۽ تبليغ لاءِ شايع ڪيون وڃن
ٿيون. انهن جو احترام توهان جو فرض آهي. ان ڪري جن
صفحن تي اهي آيتون هجن، تن کي صحيح اسلامي طريقي
مطابق بي حرمتي کان محفوظ رکيو وڃي.



"مهراڻ" جي "پير حسام الدين راشدي نمبر" جي رونمائيءَ جي تقريب ۾ مهمان خصوصي جسٽس سيد غوث علي شاهه وزير تعليم ۽ ثقافت سنڌ، علامه غلام مصطفيٰ قاسمي چيئرمن سنڌي ادبي بورڊ، جناب غلام رباني آگرو سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ، ڊاڪٽر رياض الاسلام پروفيسر تاريخ ڪراچي يونيورسٽي، محترمه مهتاب اڪبر راشدي ريجنل ڊائريڪٽر يونيورسٽي گرانٽس ڪميشن حيدرآباد ۽ مسٽر نفيس احمد شيخ "ناشاد" ايڊيٽر مهراڻ خطاب ڪري رهيا آهن.

# مهراڻ

سنڌي ادبي بورڊ جو ٽه ماهي علمي ۽ ادبي رسالو

جلد ٣٢] [نمبر ٢ ۽ ٣

اپريل — سيپٽمبر
١٩٨٣ع

•
نگران
علامه غلام مصطفيٰ قاسمي

•
ناشر
غلام رباني آگرو

•
ايڊيٽر
نفيس احمد شيخ

سنڌي ادبي بورڊ
ڄامشورو/حيدرآباد سنڌ

پاران : ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

# مهراڻ

سنڌ يونيورسٽي، نيو ڪئمپس، ڄامشورو سنڌ

فون نمبر:

مهراڻ آفيس ۽ بوڪ اسٽال 23888/6

هيڊ آفيس 71176

پريس 24264

ملڻ جو هنڌ

سنڌي ادبي بورڊ جو بوڪ اسٽال

اسٽيشن روڊ، ڄامشورو

جي-پي-او باڪس نمبر 12، حيدرآباد سنڌ

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

ساليانو چندو: ۴۰-۰۰ رپيا

في پرچو: ۱۵-۰۰ رپيا

Printed and Published by Ghulam Rabbani A. Agro, Secretary Sindhi Adabi Board, at the Board's Printing Press, Tilak Incline, Hyderabad, Sind.

# شعر

# مخدوم محمد زمان طالب المولي

ڪڏهن محوِ چمن آهيون، ڪڏهن زيبِ چمن آهيون،
ڪڏهن سوزِ سخن آهيون، ڪڏهن روحِ سخن آهيون.

اسان مستن جي مشرب ۾ نه ماضي ۽ نه مستقبل،
هميشه حال هڪڙي ۾ ٿي جڻ مشڪِ ختن آهيون.

ڪڏهن ديوانهء ڪثرت، ڪڏهن بيگانهء وحدت،
ڪڏهن منجهه موج منصوري، ڪڏهن دار و رسن آهيون.

ڪڏهن گلگشت ۾ ٿي گهم، ڪڏهن ٿيون باغبان بيشڪ،
ڪڏهن بادِ صبا بڻجون، ڪڏهن سرو سمن آهيون.

ڪڏهن خود پاڻ کان بيخود، ڪڏهن هر چيز تي حاوي،
سفر ۾ بي سفر آهيون، وطن ۾ بي وطن آهيون.

ڪڏهن آواز اناالحق جو، ڪڏهن چئون الت محبوبي،
ڪڏهن هر حسن تي مفتون، ڪڏهن خود سيم تن آهيون.

ڪڏهن خادم خدائيءَ جا، ڪڏهن محبوب ملڪن ۾،
ڪڏهن فاضل فقيريءَ ۾، ڪڏهن شاهِ زمن آهيون.

ڪڏهن ساقي ڪڏهن ميڪش، ڪڏهن رندن جي رمزن ۾،
ميخاني يا ته ڪو جاني، محبت ۾ مگن آهيون.

ڪڏهن خوش هر اذيت ۾، ڪڏهن مخمور مستي جا،
سراپا سوز ۽ سڪ ۾ ڪڏهن رنج و محن آهيون.

الستون اڳ هئڻ آهي، چيو سچ طالب المولي،
پڌو ٿا همنشينو! سرّ اسرارِ ڪُهن آهيون.

جهانِ رنگ و بُو کي گهر ڪري غافل متان سمجهين،
هي آهي جاده منزل، مگر منزل متان سمجهين.

ذري ئي جيتري گر انڪساري اٿه ڪجهه ڪنهن ۾،
تہ اهڙي بي حيا کي يار ڏي سائل متان سمجهين.

هجي جو رب کان خائف، اهو ئي اهلِ دل آهي،
تون ڪنهن بيخوف کي هن ٽولي ۾ شامل متان سمجهين.

عبادت کي محبت جلوه گر هردم بنائي ٿي،
ڪڏهن اي محتسب! تون بره کي باطل متان سمجهين.

سٺي صورت هجڻ سان گڏ، اگر سيرت سٺي ناهي،
تون اهڙي آدمي کي قرب جي قابل متان سمجهين.

ڪيو پيرِ مغان هڪدم عجب ارشاد طالب کي،
نہ آهي جنهن ۾ ڪجهه رقّت اها دل، دل متان سمجهين.

ڏسين جو محو خورد و نوش ۾ اي همنوا هردم،
تون اهڙي مدعّي کي گهٻور جو گهايل متان سمجهين.

او دردِ دل ۾ قاتل جي ڪيئي آهون سحر گاهي،
هٺي سي هنڌ ڪنديون آخر، اهي زائل متان سمجهين.

فضا آهي غبار آلوده رکجئين ڏيان ڪشتيان،
تون ڏوڪي ۾ اچي هر پيٽ کي ساحل متان سمجهين.

سوا ڪوشش ڪرڻ جي سڀ ڪو ڪم دشوار ٿي پولدو،
مگر همّت اڳيان مشڪل کي تون مشڪل متان سمجهين.

اي واعظ طالب المولي برابر ساده لوح آهي،
مگر هر عشق واري کي ڪڏهن جاهل متان سمجهين.

حافظ محمد احسن چنا

## نعت شريف

منهنجو محب مٺو منٺار ٻه تون،
منهنجو سهڻو سڄڻ سردار ٻه تون.

منهنجو دلبر تون دلدار ٻه تون، آهين ملڪ سڄي جو مهندار ٻه تون.
منهنجو شرف ٻه تون ۽ شان ٻه تون، منهنجو علم ٻه تون عرفان ٻه تون.
منهنجو دين ٻه تون ايمان ٻه تون، منهنجو ذڪر ٻه تون اذڪار ٻه تون.
منهنجو عقل ٻه تون ادراڪ ٻه تون، منهنجي دولت تون املاڪ ٻه تون.
تون باعثِ ارض، افلاڪ ٻه تون، آهين شاهِ جهان سرڪار ٻه تون.
منهنجو ڪعبو تون ۽ قبلو تون، منهنجو حيلو تون ۽ وسيلو تون.
منهنجي دل جو دوست اڪيلو تون، منهنجي من جو خودمختار ٻه تون.
منهنجو جسم ٻه تون ۽ ساهه ٻه تون، منهنجو مير منوّر ماهه ٻه تون.
منهنجي حال کان خود آگاهه ٻه تون، منهنجو راز ٻه تون اظهار ٻه تون.
منهنجو مانُ ٻه تون ۽ منصب تون، منهنجو مقصد تون ۽ مطلب تون.
منهنجي ملّت تون ۽ مذهب تون، منهنجو سرّ ٻه تون اسرار ٻه تون.
منهنجو مير ٻه تون ۽ پير ٻه تون، منهنجو مرشد ۽ دستگير ٻه تون.
منهنجي واهر وهلو وِير ٻه تون، منهنجو ٻير پنهل پڳدار ٻه تون.
منهنجو عزّ ٻه تون اقبال ٻه تون، منهنجو قال ٻه تون ۽ حال ٻه تون.

آهين 'احسن' جو ننگ پال ٻه تون،
منهنجي سونهن ٻه تون سينگار ٻه تون.

## فيض بخشاپوري

•

هو مستِ ناز اسير ٿيو جڏهن دامِ عجز و نياز ۾
مليو بي نياز نيازمند کي هر سجود و نماز ۾

آ هلاڪ شيوه آذري تنهنجي چشمِ فتنه طراز کان
آ اسير جادوءِ سامري خمِ دامِ زلف دراز ۾

نه پتو بشر جو نه نور جو سچو هو قصور شعور جو
ٿيو جلوه گر هيو خود خدا بخدا لباسِ مجاز ۾

جتي رند سجدا سرا ٿيو اتي حق آ جلوه نما ٿيو
هو نظر نظر ۾ جلوه گر هر نياز ۾ هر نماز ۾

آهو آئينو آ چا آئينو؟ جنهن ۾ محو آئينه گر ٿيو
مليو اهڙو ڪو نه جهان ۾ نه دڪانِ آئينه ساز ۾

شبِ وصل شعله رو، روبرو نه ٿي هن سان طاقت گفتگو
جو برنگِ شمع جلي ويو تب و تاب سوز و گداز ۾

نه جمال جو هن ۾ حوصلو نه جلال جو تو ۾ تاب هو
مليو طور تي نه ڪليم کي ڏٺو تو نه شيخ نماز ۾

ڪٿي بي نياز جي سرڪشي، ڪٿ نيازمند جي سر خمي
تڏهن خوب سرگوشيون ٿيون جڏهن آيو راز و نياز ۾

تنهنجو رند مستِ الست آ، نه شعورِ بود نه هست آ
نه بلند آهي نه پست آ نه نظر اشيب و فراز ۾

هي اسيرِ زلفِ دراز آ هي قتيلِ ناوڪِ ناز آ
ڪٿي لاشِ ”فيضِ“ شهيد کي ڪريو دفن خاڪ حجاز ۾

## تاجل بيوس

الا، ڇو نيڻ ننڊ ڪن!

آتڻ آڏو آڻ ڏسي ٽيون ٽاريليون ٽڙڪن
الا، ڇو نيڻ ننڊ ڪن

چام تماچي جي ٽڙ ڏي ٽا ڪنهن جا پير وڏن
الا، ڇو نيڻ ننڊ ڪن

۽ هتل وڻ جي ماڪ ڦڙن مان پاهيون ٽيون پڙڪن
الا، ڇو نيڻ ننڊ ڪن

ٻٽ ڏٺيا ڇو تنهنجون وايون، ٻر ۾ ٽيون پٽڪن
الا، ڇو نيڻ ننڊ ڪن.

## شيخ عبدالحليم "جوش"

چنڊ ۾ جيئن چانڊاڻ ٽئي ٽي
گل ۾ جيئن سرهاڻ ٽئي ٽي
ڪرڻن ۾ آلاڻ ٽئي ٽي
ماڻهوءَ ۾ تيئن چاڻ ٽئي ٽي

سائي ڄاڻ صداقت آهي — سا نعمت ايمان ٻـ آهي
سائي ڄاڻ محبت آهي — قدرت جو احسان ٻـ آهي
ڪمزورن جي قوت آهي — انسانن جو مان ٻـ آهي
آزاديءَ جي نعمت آهي — پنهنجي ديس جو شان ٻـ آهي

آزادي الفت جو تالو — جذبو جيئين من ۾ آهي
محنت جي عظمت جو تالو — هلچل جيئين تن ۾ آهي
هيئن جي خدمت جو تالو — قسمت پنهنجي هٿن ۾ آهي
مشڪل ۾ همت جو تالو — جنت ديس جي من ۾ آهي

عزم و عمل جا ڏيا جلايون
ديس کي دنيا ۾ چمڪايون

## انور هالائي

●

ـان شوڪت آبرو نيلام ٿيندي ٿي وڃي
هر سسرت خوگر آلام ٿيندي ٿي وڃي

ـي روئي پاسو وٺي انسانيت تشويش ۾
رفته رفته زندگي ناڪام ٿيندي ٿي وڃي

آفتاب پارسائي ٿي رهيو آهي غروب
هاڪي هلڪي روشنيءَ ۾ شام ٿيندي ٿي وڃي

هر فريبي هن جهان ۾ ٿو گذاري شان سان
۽ صداقت هڪ خيال خام ٿيندي ٿي وڃي

ـي وٺي رخصت شرافت، خون عزت جو ٿيو
بي حيائي ۽ رذالت عام ٿيندي ٿي وڃي

هت ڏوهارين جا ٿين ٿا پاسبان باڪل گهڻا
۽ تباهي قوم جو انجام ٿيندي ٿي وڃي

بد عنن جو سان' آهي ظلم ٿي ويو سربلند
هر تمنا زر بدولت رام ٿيندي ٿي وڃي

ٿا شريفن کي مٿائن قوم جا اڳوان ٿي
رهزني اڄ بندهٔ بي دام ٿيندي ٿي وڃي

ڪته دان ڪوئي نه آهي جاهلن جو جاهه ٿيو
انجمن شعر و سخن بدنام ٿيندي ٿي وڃي

ڪفر تي اهل جهان کي آهه "انور" فخر ناز
بندگي گويا برائي نام ٿيندي ٿي وڃي

## محبوب سروري

●

خلوص اوهان جو خطن تائين ئي رهي محدود،
وفا جو لفظ لبن تائين ئي رهي محدود!

اسان کان پيار ۾ اهڙي خطا نہ ٿي سرڪار!
اوهان جو وعدو ڏڌن تائين ئي رهي محدود!

اسان جي تشنہ لبي جو علاج ٿي نہ سگهيو،
اوهان جو جام هٿن تائين ئي رهي محدود.

اسان جي عشق جي منزل آ وسعت صحرا،
اوهان جو چاهہ چمن تائين ئي رهي محدود.

عمر جي ڪوٺ جون ماڙيون ۽ بنگلا نہ ڪپن،
اسان جو پيار ڀڪن تائين ئي رهي محدود.

سدا رهي هي سلامت اسان جو آکيرو!
اسان جو قرب ڪکن تائين ئي رهي محدود!

الاجي دشت و دمن تائين ڪنهن ڀکيڙي ڳالهہ!
چمن جو راز چمن تائين ئي رهي محدود.

بيانُ ٿي نہ سگهي، زلفِ يار جي خوشبوءِ،
خيال مشڪِ ختن تائين ئي رهي محدود.

سزائي جرم وفا ڏيو، نہ ڏيو: ڪا ٿاهي ڏيو،
هي دڙڪو دارو رسن تائين ئي رهي محدود!

غزل ۾ رمز جا محبوب سروري ئي رکي،
سو نڪتو اهل سخن تائين ئي رهي محدود.

## رشيد "ارشد"

نسين جو سردار محمدﷺ
ڪيڏي وڏي سرڪار محمدﷺ

خالق جو شهڪار محمدﷺ
حق جو آئينه دار محمدﷺ

تو تان سندم جند ڙيءَ کي گهوريان
هڪ ڇا، سهسين وار محمدﷺ

مڪي مديني جون سڀ گهٽيون
هڪ ڀيرو ڏيکار محمدﷺ

دل جي تمنا آهي، جيئري
توکي ڏسان هڪ وار محمدﷺ

شافعء محشرﷺ، ساقيءَ ڪوثرﷺ
رحمت جو ڪردار محمدﷺ

"ارشد" تنهنجو ادنيٰ چاڪر
اي عالي سرڪار محمدﷺ.

## "خاڪي" جويو

●

ڪنڊن، ڪيرڙن، جهنگن، جبلن منجهان راهون اسان گوليون،
ڏئي هن ڏيهه وارن کي، لهوءَ جي لات جون لوليون.

ڏئي کي ونجهه وانجهين کي، وڙهڻ جا ولجهه وانجهين کي،
حياتيءَ جي سندوءَ تي آنديون آهن اسان ڇوليون.

حياتي هيءَ عاجن جي، گذاريون گوندرن ۾ ٿا،
ڏڪاري ڏيهه مان ڏنجي ڏڪن جون نڪتيون ڏوليون.

ڪنهي ڪيڏي وڏي ويڙهاند هرهڪ ڪاپڙيءَ آهي،
ڏنيون سين ڪاڪ ڪاريءَ ۾ هزارين رت جون هوليون.

اسان جي سونهن جي سسئي پهاڙي پيچري تي آ،
پنهون جي ڪاڻ آن کي، پاڻ روهن منجهه ٿا روليون.

ڪٿي کي چنگ وجهندا بنگ پيجل پاڻ کي تاڻي،
پڏايون تار جي ڪنهن وار جي پاڪار جون پوليون.

لٿين ڪنهن سوچ جي اڄ لوچ جا ڪي سنگ ليسرن ٿا،
نکر جي خوبرو "خاڪي" خيالن جون ڪنڌيون ڪوليون.

## "وفا" نائن شاهي

●

هر گهٽي، هر موڙ تي مقتل ملي،
يا خدا! انسانيت کي دِل ملي.

ظلم سهندي، رحم لَهندي ڏينهن ٿيا، — ڪاش! ڪو منصف ملي، عادل ملي.

منزلن ڏي سڀ رهن ٿا گامزن، — منزلِ مقصود تي مُشڪل ملي.

ويو ميلي سون سان ڪوئي اهڙيءَ طرح، — جنهن طرح برسات سان بادل ملي.

سون گهٽي ڪٽ جوڙ ڪئي آهي وفا،
درد ئي ٿو پيار جو حاصل ملي.

## تاج جويو

### شاهه حسين جون ڪافيون

( ١ )

رانجهن جوڳي، مان جوڳياڻي، — چريو لوڪ سڏي!
ماس بدن جو آهه رڙي ويو، — سارو هڏ مڙي:
ساجن سان نه آهي سرتيون! — لمبي رات لڳي:
آءٌ ايالي، نيڻهن لاتان، — برهه باهه ڏکي:
شاهه 'حسين' لڳي سان آهيان، — لالن جي لاڙي:

( ٢ )

پُلجي آءٌ لڳيس ڙي پيڻرا — ايڻ جي چُهي تي:
جن پون پاڪ نگاهون، تن کي، — جڳ ۾ ڪير ٺڳي؟
ڪارو ريشم اڃو نه ٿيندو، — ڪانگ نه رنگ مٽي!
شاهه 'حسين'! شهيد آهو جو، — محبت منجهه مري:

(پنجابي تان ترجمو)

ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ

## چاهت

آئون اڪيلو سوچيان ويو
هيڏيءَ ساريءَ هن دنيا ۾،
ڪوئي آهي جو تو چاهي؟
اندر منجهان آواز اچي ٿو:
ناهي ناهي ڪوئي ناهي.
ڪوئي ناهي، جيڪو چاهي.
هيءَ دنيا ڄڻ نفرت جي ڪا نگري آهي
مون لئي ريت پريت جي ناهي.
ڪوئي ناهي جيڪو چاهي.
جڏهن هھڙو خيال اچي ٿو،
سچ مچي ٿو هنيانءَ پچي ٿو.
پاڻان پوءِ مون سوال ڪريان ٿو،
ويهي ويهي ڏيان ڏريان ٿو:
آئون پلا ٿو ڪنهن کي چاهيان؟
ڪوئي اهڙو ماڻهو آهي؟
منهنجو من ٿو جنهن کي چاهي.
پاڻ منجهان پڙلاءُ اچي ٿو:
هڪڙو ناهي، سيڪو آهي.
سڀ کي آئون چاهيندو آهيان
چاهت لائق پاڻ جي ناهيان،
چاهت لائق پاڻ جي ناهيان.

نديم انصاري

## تاريخ ڪائنات

اي آسمان، اي مردِ جوان حال و پير سال
تنهنجي اکين ڪان ڪين ڳجهو آ ڪو ماهه و سال
تو آ ڏٺو زوال زمين جو ۽ هر ڪمال
ايمان فروش ظالم و بي شرم و بد خصال
عادل، امين، صاحبِ ڪردار، بي مثال
پوشيده توکان آهه نه ڪنهن جو به ڪوئي حال.

هر عصر ۾ آ تنهنجي ۽ هر عمر ۾ زمين
ان جو شباب ۾ تو ڏٺو هوندو باليقين
غم کان ڏٺي تو هوندي سندس پرشڪن جبين
جانِ بهار ان جي گلستان ۾ گل جبين
محوِ خرام هوندا بصد ناز نازنين
گهايل ڪيو ڪو توکي به ڪنهن چشم سرمگين؟

منهنجي سوال ڪي جو ٻڌو چرخ بي حجاب
خنده زني سان مون کي ڪيائين تڏهن خطاب
سچ آ، درست آهه پڇيو جو اوهان جناب
هن مختصر سوال جو پر آ ڏکو جواب
ڇا ڇا ڏٺو آ منهنجي اکين ڇا ڪريان بيان؟
ڪيئن مون ڏٺو مڪين کي ۽ ڪيئن مون ڏٺو مڪان؟

القصه مختصر ته ٻڌايان ٿو واردات
انسان کي ڏٺا مون زمين تي ڪمين صفات
ها سجده ريز نفس جي قدمن تي ڏينهن رات
دولت ڪنهين جي 'لات' هئي، خواهشون 'منات'
الله جو حرام الهن لاءِ هو حلال
۽ ان جو دين تن جي هٿن کان هو پائمال.

ھڪڙن ڪي ھن زمين تي ڏٺم مائلِ فساد
فتنو الهن جو فرض ۽ عادت ھئي عناد
طاقت جي مئي ڪان سي ھئا بدمست بدنهاد
دعويٰ ڪندا ھا ڪي تہ خدائي جي نامراد
خلقِ خدا الهن جي ھٿن ڪان ھئي بيقرار
انسانيت وجود الهن جي ڪان شرمسار

سبزہ زمين جو ۽ گلن جي ٻلن تي ماڪ
زمزم اثر ۽ ڪعبہ صفت دلِ نگاہ پاڪ
جبريل وصفِ جن جو تصور بہ تابناڪ
منهنجا مہ و انجوم بہ جن جي قدم جي خاڪ
اھڙا بہ ھن زمين تي ڏٺم ڪيئي شاھڪار
ذرتي جو نورِ حسن جا موتيءَ ھا آبدار

الله جي رضا ۽ نبي جي ھئا مراد
پروانا شمعِ دين سندا ۽ وفا نزاد
تن کي وطن تان جان ڏيڻ جو سبق ھو ياد
تن جي لهو جي رنگ ڪان دنيا آ شاد و باد
جن جو جيئڻ مرڻ ھو خدا وحدة جي لاءِ
جن جو وجود سلڪ سندي آبرو جي لاءِ

علم و عمل جي جان ۽ سيف و قلم جا شاہ
ڪردار جن جو دين ھو پاڻ دين پناہ
باطل جي لاءِ برقِ محاسن جو مهرو ماہ
راحت پذير جن کان رھي ھردل و نگاہ
منهنجي اکين ۾ اڄ بہ ڦرن ٿا ھي واقعات
محفوظ آہ سيني ۾ تاريخ ڪائنات

●

آدل سومرو

## ٻڌل قبرون

هي جهان ـ
حسرتن جو قبرستان آهي
تنهنجي منهنجي
او پرين!
آس تہ ساڳي آهي
هڪڙي لنڊڙي آس.
ٿون ۽ مان
هن طبقاتي ساڙيلي سماج کان
هار کائي
جيڪڏهن
هڪ ٻئجي لہ سکهياسين
تہ ڇا ٿيو ـ
تنهنجي منهنجي
آس تہ ساڳي آهي
لنڊڙي ڍڌل آس.
آءُ تہ ـ
پنهنجي ڍڌل آس جي
ڍڌل قبر تي
پيار جون ڏياٽيون ٻاريون
لوڪ کي ڀڌايون
تہ تون ۽ مان
هڪ آهيون
هڪ آهيون ـ
هي جهان ـ
حسرتن جو قبرستان آهي
۽ تنهنجي منهنجي
آس جي قبر ساڳي آهي
لنڊڙي ڍڌل قبر

# الحاج رحيم بخش "قمر"

●

اي دلِ ناشاد ايندو شاهِ خوبان، عنقريب،
تو ٿئي تشريف فرما، جانِ جانان، عنقريب.

گل ٽڙيا اڄ گلشنِ اميد ۾ آيو بهار،
هر طرف هڪار ٿيندا، رشڪ ريحان، عنقريب.

نين ليئن سان ملائي، نيڻ ٺاريندو اچي،
مُرڪندي ڏيندو سڄڻ جامِ وصالان، عنقريب!

ڪيترا پيرا ڪيا احسان آهن مهربان،
۽ وري ٿيندا الهيءَ جا مون تي احسان، عنقريب!

تو اچي دلدار تو وٽ، هيئن چيو بادِ صبا،
ڏور ٿي ويندا سڀورا دل جا ارمان، عنقريب!

لات ڪالڪل تو لنوين ۽ ڳيرهه ڳريو وات سان،
اک تي ڦڙڪي تو اچي ٿو ماهِ ڪنعان، عنقريب!

يار جي گفتار ۽ ديدار ۽ جلون ڪري،
منهنجو گهر ٿيندو ارم روحِ گلستان، عنقريب!

ڪالهه ڪانگل هيئن چيو، تنهنجي اڱڻ دلبر اچي،
دور تنهنجو سڀ ڪندو دردِ فراقان، عنقريب!

خواب ۾ خوش ٿي چيو، ڪنهن اي "قمر" مسرور ٿي،
ٿي رهيو سڀ آهه تنهنجي سک جو سامان، عنقريب!

ڪو نه ايندو لحد ۾ مَلڪن چيو، تن کي چئه،
ايندو ايندو غيرتِ چشمِ غزالان، عنقريب؛

رحمة اللعالمين، جي آسري آهيون اٿيم،
احمدِ مختار ايندو محبوبِ رحمان، عنقريب!

اڄ "قمر" ۽ سڄ، ستارا رقص ۾ آهن ڪتيون،
ايندو ايندو غيرتِ چشمِ غزالان عنقريب.

## نثار بزمي

•

اي منهنجا محبوبا! هن سهمان جي پارت اٿئي،
بيٺو آهيان، درُ جهڙي دربان جي پارت اٿئي.

ساهه ۾ ساڻيندو آيو آهيان سالن کان سڄڻ!
ساهه ۾ ساڻيل انهيءَ ارمان جي پارت اٿئي.

واعدا پنهنجا وساري تون ستان وڃي رهين،
منهنجا سائين! عهد ۽ پيمان جي پارت اٿئي.

تنهنجي در کي درُ شفا جو سمجهي مان، آيس هليو،
درد ڏنا دل ۾ دُکن، درمان جي پارت اٿئي.

سڀني، جو ٽالو ڇيني رُسوا متان، مون کي ڪرين،
شل جواني سائين، منهنجي مان جي پارت اٿئي.

دل مان ڪڍُ سرساهه کي تنهنجي متان گهوري ڇڏيم،
هن سعادتمند جهڙي سامان جي پارت اٿئي.

عاشقيءَ منهنجيءَ ڪيو مشهور توکي ملڪ ۾،
عاشقِ ناشاد جهڙي احسان جي پارت اٿئي.

مان گهڻو مجبور آهيان وسُ نٿو ڪوئي هلي،
منهنجي هرجڏهي ۽ هرجولان جي پارت اٿئي.

شمع تنهنجي حسن جي مون کي متان ساڙي رکي،
اي پرين پيارا! پتنگ پروان جي پارت اٿئي.

تون ۽ مان انسان آهيون هڪ نسل، هڪ رنگ جا،
اي تونگر! هن غريب انسان جي پارت اٿئي.

عيب تون محبوب! "بزمي" جا ڳڻيندين ڪيترا،
نازپرورا بس ميڙئي نادان جي پارت اٿئي.

## پير بخش "پياسي"

جڏهن چنڊ چوڏهين سندي رات ٿيندي،
تڏهن تو سان پنهنجي ملاقات ٿيندي.

پهو چنڊ ٽڪجي پوئين پهر ۾ جيئي، اَڌي رات ويندي ته پرڀات ٿيندي،
ڪيڙي گل پيا جي گلشن ۾ چوڏس، ته خوشبوءِ جي اُت پوءِ برسات ٿيندي.
پنهنجو ڀي ڪوڪڻ نه ڪوئل کان آ گهٽ، تنهنجي تات سان ڪا مٺي لات ٿيندي.
وياسين جي پل لاءِ وڇڙي ته ڇا ٿيو، وري وائي سُنهنجي تُنهنجي وات ٿيندي.
سندءِ دل ۾ جيون سندي جوت جلندي، پنهنجي پر ۾ اونده مري مات ٿيندي.
هٿي هوڪا حق جا سوريءَ ڏي هلبو، سرن جي جتي ڪاٿي خيرات ٿيندي.
پنڪي جي ٻن ۾ نئين تڙپي پياسين، پنهنجي ڏات سورن جي سوغات ٿيندي.
اڃ سنسان ٻن جي ويرانن منجهان، ڦري دل جي دنيا هي محلات ٿيندي.

ڀيانڪ ۽ تاريڪ راهن تان 'پياسي'،
جڏهن زندگيءَ جي شروعات ٿيندي.

## مختيار ملڪ

تو بنا اڄ قرار ڪهڙو آ،
دل تي بس اختيار ڪهڙو آ.

اڄ ته ڪوئي ٻه ناهي اچڻو پر- سولڪي هي انتظار ڪهڙو آ.
منهنجا سڏڪا ۽ لڙڪ تنهنجا هن، منهنجو تنهنجو پيار ڪهڙو آ.
دورڪو جي ٿيو هجي جنهن کان، دل الهيءَ کي قرار ڪهڙو آ.

تون ڪرين پيار ٿي پٺي جنهن سان،
تنهنجو سو مختيار ڪهڙو آ.

## ڪنول لهاڻو

### وائي

ٻڌي جي ٻه ويا، منهنجا روپ هٿيا،
آءٌ نه آهيان اجنبي.

مون ٽي جل ۾ جالڇيو، پنهنجو من پيا،
آءٌ نه آهيان اجنبي.

پريت جا هن پار ڪان مون ٽي ڪيت ڇيا،
آءٌ نه آهيان اجنبي.

سالجهي ڌاٽي سنڌو ء ۾، منهنجا ڀاڇا پيا،
آءٌ نه آهيان اجنبي.

منهنجا پيار پاڻيء ۾، ڪنول گل ٽيا،
آءٌ نه آهيان اجنبي.

ھر ھر ٻڌي ۾ مون توکي ڪيڏا سڏ ڪيا،
آءٌ نه آهيان اجنبي.

## انيس انصاري

•

رات مون هڪ خواب ڏٺو،
يار کي بي نقاب ڏٺو.

مون ڏٺو يار کي بي حد، بي تحاشا جناب ڏٺو.
حسن کي عشق جي آڏو، بي ڌڙڪ بي حجاب ڏٺو.
هي پڳهر هو ڳلن تي يا، ماڪ سان تر گلاب ڏٺو.
حسن کي مون ثبات ڏٺي، عشق خانه خراب ڏٺو.

روح کي قيد هستي ۾،
زندگي هڪ عذاب ڏٺو.

## واجد

●

جيون، تنهنجو دم ۽ خم ڇا ڇنجي!
مليو آزل کان غم ئي غم ڇا ڇنجي!
اکيون اکين سان سلن، ۽ وچڙن! پنهنجي نينهن تي هيءُ ستم، ڇا ڇنجي.
تنهنجو روئيو ماري به تن، جياري به، پنهنجي پيار جو هيءُ ڀرم ڇا ڇنجي.
هٿ وٺين مان ڏسي کلڻ ۽ کلي چڙڻ، تنهنجو هيءُ حجاب صنم، ڇا ڇنجي.
گل تي وهي آيل ڳوڙها اکهي چوڻ:
گذري ويندي شام الم، ڇا ڇنجي!

## مشاهد منگي

●

روشنين جا ليڻ ترڻ،
کوماڻا هين من ڪنول.
چنڊ ٽڪر ٽيو، ڇا ٽيو، آهن پڻ احساس منل.
ڏوڪيندو آيو درياهُ، تار پاڻيءَ ۾ ساهه گهٽيل.
توکي غرض غزالن جي، مون کي پنهنجي آهه لڳل.
ڪٿي روح پناهه وٺي،
گهر جي هر ديوار پگل.

## زيب سنڌي

●

هوجاري سان پريت جو،
جو ٿيا مون تي ڪاهيو.
آءٌ ته عاشق آهيان، دليا وارئو، ڇا هيو؟
هوهت جهڙو من اٿم، جو ٿيا مون کي گهايو.
چندا! چکور هو ٻجي، مون به توکي چاهيو.
جو ايڏي خاموشي آ،
ڳايو ڪجهه ته ڳايو.

## بشيراحمد "شاد"

تنهنجا لِيڙ لشيلا ساجن،
تنهنجا ليڙ لشيلا.

تنهنجي مرڪڻ ساڻ ٿا مرڪن، گلڙا ڳاڙها پيلا سلجن،
تنهنجا ليڙ لشيلا.

مور، چڪور ۽ ڪوئل ڪلاجي، ڳايا گيت رسيلا ساجن،
تنهنجا ليڙ لشيلا.

مرڪهه مري پيو منهنجا جاني، ليڙ ڏسي شرميلا ساجن،
تنهنجا ليڙ لشيلا.

توسان لينهن نڀائڻ خاطر، حال وڃايم حيلا ساجن،
تنهنجا ليڙ لشيلا.

تنهنجي لاڙ نوائي ڇڏيا، هوڏي زور هٺيلا ساجن،
تنهنجا ليڙ اشيلا.

## شفيع چانڊيو

●

اسان ته ساجن تنهنجي ڪاڻ،
پلجي وياسين پنهنجو پاڻ.

پيار ۾ ڪو پڇتاءُ نه ٿيندو، طعنا مهڻا ڪٿبا ساڻ.
او تو لئه وياسين متجي، جاڻ وڃائي تي اڻ ڄاڻ.
سور سٺاسين سر تي تنهنجا، هونئن اسان ڪي ڪنهن جي ڪاڻ.
پتَرَ پتَرَ پنڌ اسان جا، سَنڌُ سَنڌُ ٿيو رتو ڇاڻ.

يار "شفيع" خوشيون آئين ها،
دل آندي ٿئي دردن ڪاڻ.

## ”عاجز“ آچڻ

### وائي

ڏار ڪري ويا ڏاري،
جيڏيون جاڙ ڪري ويا،
ساري مون معذور ڪي، سُرتِ ڄڃي ويا ساري.
آڏو آريچن جي، آهي ضعيفن زاري،
اوڪيون چاڙهيون چاڙهڪا، آئون مصيبت ماري.
ڪين ڪيائون ڪوهه ۾، پَرت سندي پونواري.
تال نيائون پاڻ سان، ’عاجز‘ جي آڌاري.

## نظام الدين ”زائر“

●

جڏهن ڪان پرين تو پيڪو مون ڪان پيرو،
تڏهن ڪان ئي دردن ڪيو دل ۾ ديرو.
سندھ ٻيرُخي منهنجي قسمت جي گردش، اچي ويو آ تنهنجي نگاهن ۾ ڦيرو.
وسامي وئي شمع ٿيو آ سويرو، سڄڻ تنهنجي سِڪ ۾ جلي منهنجو جيرو.
گُلن جي مٿان تنهنجي زلفن جو عالم، انهيءَ روشنيءَ ۾ وئي ٿو اُڌيرو.
سندم دل جي هر مسئلي جو اي ’زائر‘،
فقط هڪ نظر سان ٿيو آ نبيرو.

## سڄاڳ سنڌي

●

ڪونهي قرار ڪنهن کي، هڪ پي گهڙي!
ڇو ٿا ڪيو پنهنجي، او زندگي ڪڙي!
انسان جي انسان سان، جڳ ۾ جنگ ڏسي، امن ۽ انسانيت، رلن پيا رڙي!
ڪنهن کي ڏڪند ڏسي، ويتر ڏڪايو ڇوٿا، ڪا جا هئي باقي، وئي ما پي سڙي!
انس جو چرچو ئي رکو، زبان ۾ پڌجي، ڪٿان اچي آ ڪلفت، انسان سان اڙي!
مري نان ٿا نفرت، ڪي پيار پنهنجا پچن،
رنگينيون ۽ رنگ رچن، ميٺا پون ماڻهو ڙڙي!

## ”منير“ سولنگي

•

وات ويندي وٺي ويو ڪوئي،
چين دل جو ڪٺي ويو ڪوئي.
روڙيا آسمان سان تارا، هام هيڏي هڻي ويو ڪوئي.
توکي ڍولڻ گهڙي گهڙي ساري، پيلي پن جان ڇڻي ويو ڪوئي.
باوفا هو يا بيوفا ليڪن، سن جو موتي ٻڻي ويو ڪوئي.
دل جا جذبا ”منير“ جرڪائي،
منهنجي دل جو ڏڻي ويو ڪوئي.

## بيوس بازيدپوري

•

اسين خود مست آهيون يار، هنن مستن سان منهنجو ڇا،
پيارون کهڙيون مستن تي، ڀلا مستن سان منهنجو ڇا.

لب ياقوت گل رخسار، ڪنيڏڙا يار جا ڪاڪُل،
سپين پارين سڄڻ مٺو آ سينگارن سان منهنجو ڇا،

منو محبوب، منهنجو آ، منو قندء مڪرر ڪان،
شڪر گفتار گوهر يار جي گفتن سان منهنجو ڇا،

اگر مون کي شرابِ لال احمر سان پري ساقي،
پياري ڍولء گر ڍڪء ڍڪء تہ ميخانن سان منهنجو ڇا.

منو ماهِ لقا محبوب ٿي ٿي ميزبان منهنجو،
سڪائون ڇو سڪان سوَ سوَ ۽ مهمانن سان منهنجو ڇا،

ڀلا آغوش منهنجي ۾ جهلي ٿي چند ڏرتيءَ جو،
سلامي ٿي پون مٿا تہ تو پارن سان منهنجو ڇا.

رقيبِ روسيه اندر جي ڪاري، وات سنڙي ڪان،
بچائج مولا منگرئي کي تون، منهن ڪارن سان منهنجو ڇا.

محمد علي پٺاڻ

## ڪارو پاڻي

ڇمندي ٿي لاڪاميون،
اولڏاهيون،
بيماريون،
۽ بيزاريون،
جيون جو هر رستو،
ڪنهن نه ڪنهن سازش سان،
ٿيو پيو آهي.
هرآس سنگسار ٿي رهي آهي،
۽ سرحدون،
صليبن تي سڏڪي رهيون آهن.
ساهه مٺ ۾،
سوچ مفلوج،
اکيون ڪليل،
ديد لهه ٿي نه،
ڪارو پاڻي.
زندگيءَ جي ڪمزور ڪرڻن ڏانهن،
تيزيءَ سان،
وڌي رهيو آهي.
بچاڙڪا پل،
۽ سڪرات،
اکين جي وٿين مان،
لُنندڙ،
ٿنڪندڙ،
۽ چڙيون هشندڙ.
ارمانن جو آجهل ريلو،
بيوسي،
پار تون،
هڏڪيون،
هڏڪيون،
۽ هڏڪيون...
پوءِ اهو ڪارو پاڻي.
زندگيءَ جا ڪمزور ڪرڻا،
اجهائي ويو هليو،
۽ ڪنڌن ۽ پٿرن جو جهڳڙو،
اوچنگارن جي ڪربلا ٿي پيو.!

## مختيار گهمرو

●

روح جبل ۾ ڪنهن جي سڪ،
ليڪن رلائي سمنڊي هڪ.

ميهر خاطر مهٽي جا ٿيا، وار لڙاليل چورا چڪ.
مڏڪي مڏڪي ساٿي ٿي ڀڄي، مومل ڪي هٿي ڄا جي ڇڪ.
ڪينجهر ڪپ ٿي، جام تماچي، لوري ڏسندي ٿي ڀمو ڳڪ.
پيار ڀڪيٽڙو اڏري اڏ ٿيو، واه چڪور جي چنڊ سان سڪ.
ان ڪان ڀڄي جنهن آ ڀيتي، ماڪيءَ ڪان وڏ منڙي ڀڪ.
يار ڪجي ڪو ڳولي اهڙو، سون منڊيءَ ۾ جهڙي لڪ.
ڪهڙا ليکا الفت ڪان ڀو، ڪين ڪبو ڪو ڦيرو ڦڪ.

الفت لئي "مختار" مري پئي،
لڪ جي ڳالھ ڪئي ٿي هڪ

## حيدر شاهه

●

ذات جي سمنڊ ۾ ليٽ ايندي اٿل،
منهنجا مقصد، مون ساڻ گڏجي ته هل.

اسان کي ته خارن مان ايندي آ خوشبو، ڄاهي جي ڪولهي، ڦوٽو ڪوئي گل.
پريشان آهيان مان ڏاڍو او دوست، خاموش ٿي، ڪر ڪا ڳالهه تون هل.
ڀرجي ڀرجي هي اکڙيون جي اٿلي پئيون، ڪين سگهندين ڏئي منڙا گوڙهن جو مُلهه.
آ آرڏو سهي، پر جهري ٿو ڀوان، ياد تنهنجي آ مون لاءِ جنّ کو جبل.

دل ٿي چوي، ڪنهن جي يادن ۾ گم ٿي،
اڄ، چيڙجي "شاهه" ڪوئي غزل.

## اياز ڪتري

●

آپ تـي ٻـادل ڇانيل ڙي،
عـي ڪارا ٻـادل آيل ڙي.

اُڏري وڃو يـا ورسي پئو، آ دلڙي اهڙي گهايل ڙي.
منهنجو انـدر لـڇـي پڇري، منهنجي دل دکـايل ڙي.
مون وٽ ڪوئي سُر نہ آهي، سـارو سنگيت سـڪايل ڙي.

”اياز“ ٻڌڪي ڇا تہ چئي اڄ،
ٻـير نـہ ڪائي پايل ڙي.

## ڊاڪٽر حاذق جوڻيجو نموي

●

تون نہ وڃ دلدار دلبر دل پريشان ڪي ڏسي،
سڀ وڃن پاسو ڪيو ٿا حال زاران ڪي ڏسي.
ڇا نـہ ٿـي حالات آهـي چاهہ خوبان ڪي ڏسي،
ڇـڻ قيامت ٿـي بـپـا رفـتـار جـانـان ڪي ڏسي.
تنهنجي ديوالي ڪـي ڪوئي من ٿئي درشن نصيب،
ٿو وتان ڦرند و چرين جان“ تنهنجي چوگان ڪي ڏسي.
توکي هـرگـز ناهہ واجب محب منڙا منهن مٽڻ،
هج سدا مون ساڻ، منهنجي رنج و ارمان ڪي ڏسي.
عـشـق تنهنجي ۾ سـدا ٿـا نـيـر نيڻن مـان ٽمن،
رحمدل ٿي ڪجهہ تہ سهڻا چشم گريان ڪي ڏسي.
آن پرت واري پيالي جـي ڪريان ڪهڙي ثـنـا،
ياد تنهنجي ٿـي اچي جنهن جام ميخان ڪي ڏسي.
تنهنجي دولت عشق جي مٽ ڪابہ پايان شيءِ نٿو،
خوش نہ ٿيندس ”حاذقا“! ڪنهن ساز سامان ڪي ڏسي.

## عمر سيال

هرڪو ماڻهو ڳورو ڙي، توسان نينهن نڪورو ڙي،
توسان نينهن نڪورو ڙي!

شام لڙي آ، تون بہ لڙي اچ، تنهنجو ٿيندو ٿورو ڙي.

هرڪو آ مٺ پنهنجو پنهنجو ڀاڻ نہ ڪوئي ڀورو ڙي.

دوکن ڪا دل ناهي لائي، دوکن جو دم ٿورو ڙي.

هرڪنهن جو ٿو ڳهاءُ آڪيليان هرڪو ڦرڪي ڏورو ڙي.

ويني ڪجهہ بہ نہ ورٺو آهي ڪرنو زورا زورو ڙي.

ڪالهہ هُئي ڪنهن راڙ مـَچائي هي انياءُ لسورو ڙي.

آءُ بہ ڪٿي اوسهٽل سائين تنهنجو آهيان گهورو ڙي.

## ستار

●

ڪوئي چهرو نيارو ناهي،
هرڪو انسان پيارو آهي.

سڀئي ماڻهو سج سڏائين، چنڊ نہ ڪوئي تارو آهي.
ڏينهن سجوڻي رت ولوڙي، ڪين ڏسي اچ ڀارو آهي.
بم وسن سينهن ڦڙا، بيروت تي وسڪارو آهي.
ڪير ڪٿو ۽ قاتل ڪهڙو؟ تو جهڙو مون ڀارو آهي.
بيروت جلايا رت جا ڏيا، دنيا ۾ اندڪارو آهي.

ڪڏي پٿو ويڙهاند ۾ ڪاهي،
پيو نہ ڪوئي چارو آهي.

## محمد حسن "زاهد"

●

فنڪار جي محنت، اي منا يار ڏسڻ ڏي!
جو خوب سجيو آهي، سو سينگار ڏسڻ ڏي!

خاموش لبن ڪي ۽ اکيون بند ڪيئي ڇو؟
بي باڪ ٿي رهي، پوءِ تون دلدار ڏسڻ ڏي!

'زر'، 'سيم' جيان تنهنجو بدن يار ٿو چمڪي،
خلوت ۾ سڏي مونکي، سو منثار ڏسڻ ڏي!

معصوم ادا هڪ ۽ پيا نيڻ شرابي،
اي دوست! هي دم دم پيو ديدار ڏسڻ ڏي!

'زاهد' ٿو رهي يار ازل کان ئي پياسو،
ديدار سندئي يار تہ هڪوار ڏسڻ ڏي!

## سيد پناهہ شاهہ ڏاڏاهي

●

عشق جو ڪيڏو اثر آهہ خدا خير ڪجان،
هن جي مون تي ئي نظر آهہ خدا خير ڪجان.

بزمِ اغيار ۾ هُن مون تي ڪئي طعنہ زني،
هي محبت جو ثمر آهہ خدا خير ڪجان.

منزلِ عشق ڪڏهن دور ڪڏهن دل جي قريب،
ڪيڏو دشوار سفر آهہ خدا خير ڪجان.

گردشِ وقت جي رفتار مسلسل او الا!
نذرِ طوفان هي گهر آهہ خدا خير ڪجان.

ڇا ڪريان ڪو بہ سڪون ناهہ دل مضطر کي،
ويران شام و سحر آهہ خدا خير ڪجان.

شل اميدن جو چمن شاد 'پناهہ شاهہ' رهي،
رقص ۾ برق و شرر آهہ خدا خير ڪجان.

## جوهر بروهي

●

الهيءَ انسان کي انسانيت جي جستجو آهي،
جو هڪ انسان جي رت سان ٿيل ان جو وضو آهي!

ڏسي لبنان جي تصوير پٿر پيو رُئندا هوندا،
ننگي نياڻي لٽائي لڄ ستر جي روبرو آهي.

ڪميٽائپ جي ڇهري تي، شرافت جي ڍڪي چادر،
ڪميٽو پنهنجي دولت جي ذريعي سرخرو آهي.

مڇي ماري ۽ ڪائنڻ پاپ ٿا سمجهن، اهي پاپي،
انهن جي واڇ سان ٽمندڙ هي ماڻهوءَ جو لهو آهي.

گلن جي ٿي ڪپي خوشبو، مگر افسوس اي لوڪو!
فضا بارود واسيل آهه، هوا ۾ بم جي بو آهي.

ڪري ڪو سامراجي ڳالهه انساني ترقي جي،
ته سمجهو لوڪ مارڻ جي لئين ڪا آرزو آهي.

اڙي 'جوهر بروهي' ان ڪي ماڻهو ڪير ٿو سمجهي،
جهڪي جنهن ڏاڍ جي آڏو، وڃائي آبرو آهي.

## راهي چنا

●

مان محبتن جو شهر،
پيار منهنجو ٿمر.

نفرتون ڇا آهن، مونکي ناهي خبر.
آس ۾ هڪ تون، مون لئہ ڇالو ۽ ڇپر.
اناءُ تنهنجي ڪان، ناهي پالڻهو پهر.
پڻون‌ءَ جي پاڳ تي، منهنجو ايمان امر.

تون اچين پيو ڪٿي؟
منهنجو ڪونهي ڪو گهر.

## ارباب علي "عادل" چوهاڻ

### ڪافي

پرين پيار جي ڪر اسان تي نظر،
وفا ۾ رهائج نہ ڪائي ڪسر.

اگر تو اسان کي وساري ڇڏيو،
ٻنا موت پوءِ چڻ تہ ماري ڇڏيو.
مگر مان نہ تنهنجي ڇڏيندس پچر.

ڪري قرب اچجانءِ مون ڪان پڇڻ،
نهي ڪولہ تو عاشقن ڪان رسڻ،
جدائي جو آ سخت دل تي اثر.

اگر دور ويندين بہ ملندو تہ وچ،
تون احوال دل جو ڪو ڏيندو تہ وچ،
اگر جرم آهي تہ ڪر درگذر.

اندر ۾ محبت جو مچ تو ٻري،
سوا تنهنجي تو روح رڙيون ڪري،
اٿم حال هيڻو، سکهو يار ور.

وڇوڙي ۾ 'عادل' تہ ويندو مري،
مگر جان ۽ جسم ويندم ڳري،
ملي وچ جو هي مختصر آ سفر.

## عاجز ڪريم پوري

●

سڀ بہ تہ سيرجيا، سُهڻا سائين،
هاڻ هلي آ، ڪيلهنا سائين.
ڏينهن ٿيا ٿم ڇيڇندي توکان، روح رڙي پيو، راڻا سائين.
توکي ساريان هڏکي سڏکي، ويھ نہ ڪري تون ماڻا سائين.
چو پيو چولين؟ دل کي ايڏو، مون وٽ درد پراڻا سائين.
انگ انگ ۾ آ الفت تنهنجي، چاهہ وڏي ويا چٽوٽا سائين.
رت روئي پيو تنهنجو 'عاجز'،
موت مينا، مَن مُهڻا سائين.

**شمس صابر**

## وائي

ڏاڍن جو هي ڏيهه الو ميان،
ڏاڍن جو هي ڏيهه!

سڪ جو ساهه ڪٿي هٿ ڪير،
لاهه ڏکن جو ڪوئي ڇيهه،
ڏاڍن جو هي ڏيهه!

ڏولڪر ڏورج مستي ٻجي،
ڳهڙي نه واندي ويهه،
ڏاڍن جو هي ڏيهه!

تون ڀي ڦالي، مان ڀي ڦالي،
جيون لاهه نبيهه،
ڏاڍن جو هي ڏيهه!

تو ۾ مون ۾ فرق نه آهي،
پاڻ اندر ۾ پيهه،
ڏاڍن جو هي ڏيهه!

**سرفراز راڄڙ**

●

ڪنهن طرح سڏيان هتي مان يار کي،
پيار ۾ پنهنجو ڪيان دلدار کي.

جيت ٿي يا هار ٿئي قسمت ڪٿي، ڪٿ ٻ ڪٿن حاصل ڪبو دلدار کي.
جانِ من منهن ۾ ملي ويو دوبدو، اوچتو حاصل ڪبو دلدار کي.
هي سفينو ناخدا توکان سواءِ، ڪيئن پلا پهچي وڃي هن پار کي.
واعدو هن يار جو مون سان ڪيو، پر نه پورو ڪيو سچو اقرار کي.
سنڌ مان ويا ڪيئن بلاول پڙجي، ويا ڪري پنهنجي امر ڪردار کي.
سر تان آسالڪو پلي خوش ٿي ڪلي، آبرو منصور بخشي دار کي.

فرقتن ۾ ٿي فنا ويو آ 'فراز'
مل ته حاصل ٿئي شفا بيمار کي.

## الطاف حسين آگرو

لهاريان ٽو،
پسان ٽو،
آئيهين جي اونداهي،
بي مقصد،
بي رنگ،
بناڪنهن حاصلات جي زندگي.

( ٢ )

بس ۾ ڏسان ٿو،
هڪ ڇاتل سڄاتل چهرو،
پر اڻواقف،
اڄ ڪلاڪ جو همسفر،
ليڪن صدين جو سوال.

## مظهر لغاري

●

پنهنجا سُور سمويان ويٺو،
ڳوڙهن مالا پويان ويٺو.

ڪنهن جي ياد ۾ ڪنهن جي ڪارڻ، ڳايان ويٺو، رويان ويٺو.

چنڊ ڪي ڪرڻ جي چادر ۾، پايان ويٺو ڪويان ويٺو.

لڙڪن جي برکا برسائي... ڌرتي پنهنجي ڌويان ويٺو.

تنهنجي ياد ۾ ”مظهر“ آئون،
پنهنجو نور لڇويان ويٺو.

## مومن مليرائي

اي مٺا، تو لاءِ آيس، پر اڄڻ بيڪار ٿيو،
ڪين ڪي تو سان ملڻ ٿيو ۽ نڪي ديدار ٿيو.

گفتگو ۽ ديد جي آندو ڇڪي هت شوق هو،
پر ٿيو معلوم منزل آ وڃي ٻئي پار ٿيو.

صبح ساجهر آسرو لاهي اٿي اڳتي وڌيس،
ڪين مليو سو مگر جو دل گهريو دلدار ٿيو.

تو ۾ عادت حال ۽ احوال ڏيڻ جي ڪين آ،
منهنجي دل ۾ آهه تنهنجو ليڪن پر نروار ٿيو.

ياري مطلب جي رکڻ آهي برو ڪم اي سڄڻ،
ڪالهه جنهن کي گل ٿي سمجهيم آهي سو اڄ خار ٿيو.

ڏئي دلاسو دل کي "مومن" ذات مون ورتي ڪٿي،
مون نہ اڳ اهڙو ڏٺو ڪو دوست دل آزار ٿيو.

## ميرمحمد ميرل جويو
(جدھ)

### اجرڪ

سدائين ويس هي شاهي، ابالن جي تہ اجرڪ آ،
لوڪن جي لڄ رکڻ وارن، ولهارن جي تہ اجرڪ آ.
ٻلاڙي ٻنڌڻا تہ اجرڪ جا، مون کي جيجل ڏليون لوليون،
سٺي ڏي پڻ آها ٻوتي، لمائين جي تہ اجرڪ آ.
ڏهن پيسا ٻيچ ٻڪي جا، ٻڌن ٻيا جوان جيڻ ناهي،
جوانن جي تہ اجرڪ آ، ڪنوارن جي تہ اجرڪ آ.
جڏي ۾ پڻ الڳو اجرڪ، نيشاني آهه سنڌين جي،
غريبن جي بہ آهي گهر، ڏياڻين جي تہ اجرڪ آ.
اها اجرڪ ٻني جهرڪي، ٻني مهڪي سدا "ميرل"،
ثقافت سنڌ جي سهڻي، سڄاڻن جي تہ اجرڪ آ.

## ذوالفقار سيال

●

ڪين ۾ اسان کي اتاري ٿي ڇڏجو،
ڪڏهن وات ويندي نهاري ٿي ڇڏجو.

اسان کان تون وسري نه سگهندين او جاني! اسان کي اوهين پل وساري ٿي ڇڏجو.
محبت نشا ڏيو ته نفرت ٿي بخشو، ڏٺي ليڪ سهنن کي واري ٿي ڇڏجو.
اسان جي ڪنن سان آ پياري پرائي، اوهان پيڙا پنهنجا آڪاري ٿي ڇڏجو.

هوائن ۾ مستي وکيرڻ جي ڪارڻ،
ڪليل زلف پنهنجا سنواري ٿي ڇڏجو.

## "عاشق" هالائي

●

ڪين نيڻن کي اشڪبار ڪبو،
ضبطِ غم کي ٿي اختيار ڪبو.

هن جهان ۾ ڪڏهن ٿي جيي سگهبو،
حسرتن کي جڏهن تار تار ڪبو.

تو کان صدمن ملڻ جي اميد وڏي،
پاڻ هرگز نه سوگوار ڪبو.

جي ڪو غمخوار يار اهڙو هجي،
پيار ان سان ته بار بار ڪبو.

ڪيستائين خزان بهار ڪبو،
ڪيترو هن جو انتظار ڪبو.

جي نه ترسي ٿو منهنجي خاطر پوءِ،
ڪيترو هن جو انتظار ڪبو.

رهه سموري ڪنڊا ۽ ڪاوا ٿي،
رت سان پيرن کي پائدار ڪبو.

تنهنجا وعدا به جڳ تي جڻ ليڪا،
توتي ڪڏهن نه اعتبار ڪبو.

زندگي ساري سلب ٿي ويئي،
پاڻ کي ڪهڙو داغدار ڪبو.

جاڻ "عاشق" نه ڪه توکي مگر،
بحث پوءِ پي برقرار ڪبو.

## محمد شريف "طالب"

پاپ تہ اساهي پيار او پيارا،
ڇا ڪنئون ڪري ونين يار ڪنارا
رات ۽ ڏينهان تات آهہ تنهنجي،
منهنجي لبن تي بات آهہ تنهنجي،
تولاءِ اکڙيون ٿيون اوتارا.
واهون تنهنجون روز لهاريان،
توکي هردم يار سنڀاريان،
جالي اڄ تون جيءَ جيارا.
ساجن تنهنجي سڪ ستائي،
جهوري تنهنجي جان جلائي،
نيڻ وهن ٿا منهنجا نارا.
"طالب" تنهنجو توکي ساري،
تون ڪيئن ويٺين يار وساري،
سال لنگهي ويا سوين سمورا.

## "مسافر" عباسي

ڪنجي ڀا هارجي، نہ پرينءَ کي وسارجي،
ڪجهہ ڀي ٿئي نہ پاڻ کي ڪنئين ۾ ڳارجي.
عاشق ٿجي تہ عشق ۾ دل ڀي وڏي ڪجي،
پنهنجي پرينءَ کي پيار ۾ منهن تي چڙهي ڏجي،
اي قربدارا قرب ۾ ڪاوڙ نہ ڏارجي.
جي ڪنهن کي پنهنجي حال جو محرم بڻائجي،
سڪ ۾ سدا الهيءَ سان سچو ٿي لڀائجي،
ساٿا ڪري غريب کي هرگز نہ مارجي!
دل ڪنهن سان لائجي تہ فقط هڪ سان لائجي،
در در وڃي اجايو نہ ڪي آڙائجي،
هڪ يار کان سوا نہ ڪنهين ڏي لهارجي.
هيت بي وطن غريب "مسافر" سان آهيان،
واپس وطن وڃڻ جي اجازت ٿو چاهيان،
فاني مقام آهي، هيتي ڇا گذارجي!

## "فياض" بلوچ

●

خام سپنا، اوچتو لوڙي وئي،
ديد تنهنجي، زندگي جوڙي وئي!

رانگ الفت جو پري ٿئون ذهن ۾، سوچ جو اندازئي موڙي وئي!
دل سوين صدما پئي سهندي هئي، سا غمن جي هر گهڙي چوڙي وئي!
هنئون تي پاڻي جا پيا ڇنڊا جڏهن، ناز سان دشمن جو نڪ ٻوڙي وئي!
هر گهڙي آرام سان گذري پئي، جڏ سنيهو پيار جو ڇوڙي وئي!

موقعو "فياض" تاڙي، مهل تي،
ڪان ڏاڍو لينهن جو ڪوڙي وئي!

## شوڪت بخاري

### ڪافي

مهرباني دلربا، مون مٿي تنهنجو ڪرم،
بي وفا يا باوفا دنيا ڪان تون آن اتم.

تو سوا ٿو قيد سمجهان هي دنيا اي ماه لقا،
تي مسيحا اي مٺا درد جي تون ڏي دوا،
اڄ ڇڏي راهون سڀئي لاري سڄڻ تنهنجي لڳم.

قرب ۾ ڪنجي پيو ۽ راهه ۾ رلڻجي پيو،
اوچتو سڄي پيو ۽ بي سبب ڦٽجي پيو،
دل مٺان ڏاڍو لڳو راهه ويندي مان ڦريم.

زندگي وسري وئي موت آ پڪجي ويو،
هر عمل رڪجي ويو، هي غزل لکجي ويو،
ٿو مٺا هر هر جهڪان سجدا ڪيون توکي صنم.

چوٽ "شوڪت" جا لڳي روح منهنجو پيو رڙي،
باهه جا پڙڪا ٿيا جان ساري وئي سڙي،
اڪ ڪولي جان ڏئي، راڄ مون تي پئي ڪليم.

## منظور "بيدار"

•

يا خدا زندگي پسر تي وڃي،
سون تي اهو رحم تي وڃي.

ڪيسين يادن جي چڪيا تي چڙهان، ياد ماضي جو نه ختم تي وڃي.
مَنُ ڪي ڪجهه نه چؤ دنيا وارو، مون تي پل اوهان جو هرستم تي وڃي.
هٿي پٿر الت آئيو منهنجو، اوهان جو اهو ڪرم تي وڃي.

اڄي اهڙو سماج اي دوست،
جت محبت هرڪنهن جو ڌرم تي وڃي.

## فقير عبدالرحيم "عبد" منگريو

•

غيرن تي يار جو نه رهيو اعتبار ليڪ،
آخر وڃايو ويرن پنهنجو وقار ليڪ.

هروقت سان گهٽوئي ڪئي صبر و ساڻت پر،
هڪ آه نڪتي دل سنجهان بڻجي پڪار ليڪ.

هردم پري گذاريم، پر آج تہ اوچتو،
ڪڙي نظر جي تير سان ٿي پيس شڪار ليڪ.

دک درد دور ٿي ويا، دل شاد ٿي رهي:
آئي خوشي قريب، ٿيو غم فرار ليڪ.

بس ڪردگار قرب ڪيو وصل يار ٿيو،
هين بيقرار دل کي اچي ويو قرار ليڪ.

ٽڙجي رقيب يار جي در تان هليا ويا،
دشمن جي ساري ڪوشش نڪتي نڪار ليڪ.

ورهن کان جنهن کي ياد ڪندو "عبد" ٿي رهيس:
سو محب اچ مليو ۽ لٿو انتظار ليڪ.

# ڪهاڻيون

زينت ساڳين پيرن تي موٽي. سامهون اهوئي ماڻهن جو ميڙ متل هو. سوچيائين متان ڏاڏو ان گوڙ ۾ هجي. ويجهو پهتي تہ ڏٺائين تہ سندس ڏاڏي جي لٽ ميڙ جي پاهران پکڙي پئي هئي. ماڻهن جي ٽنگن ۽ پاسن مان جاءِ جوڙيندي وچ ۾ پهتي. ڏٺائين تہ سندس ڏاڏو ڪريو پيو هو ۽ ان جي پرسان رت جو ڍُڳو نظر پئي آيو. پوتيءَ جو پاؤ سندس نيڙن هيٺان ڇڏائجي ويو ۽ مانيءَ جا پاروٽا ٽڪر ٽڪر ٿي ڏاڏي جي رت ۾ پيا.

زينت سوچيو "شايد جهنم اهو آهي."

"ابا" ڪري وڃي ڏاڏي جي ڇڇريل ۽ ڇيتاريل لاش تي ڪري.



# اڻوڻندڙ گهڙين جو ويچار

● ٢٧-٤-١٩٨٠ع

اڄ هڪ وڏي عرصي کان پوءِ ڊائري لکڻ ويٺو آهيان. ايڏي وڏي عرصي ۾ دنيا عجيب عجيب رنگ بدلايا آهن. ڪيترن جا چهرا محبت جي دولت ملڻ تي ٻهڪي پيا هوندا، ۽ ڪيترن چهرن جا رنگ منهنجي چهري جي رنگ جيان اڏي ويا هوندا.

ائيامسيءَ جي ڊائري لکڻ واري دؤر ۾ مون عورت جي محبوبا واري روپ کي ڏاڍو سندر، معصوم ۽ ڏاڍو ئي پاڪيزه پاتيو هيو؛ جڏهن تہ اسيءَ جي ڊائري لکڻ ويل منهنجا خيال پنهنجي پهرين خيالن جي بلڪل ابتڙ آهن- ڪالهہ تائين منهنجي اڳيان اهو ناتو (جنهن کي هاڻي آءٌ پيهر ورجائڻ بہ نٿو چاهيان) ڏاڍو مقدس ۽ مقتدر رهيو. عورت کي ماءُ ۽ ڀيڻ جي روپ ۾ تہ ڏٺو ۽ پرکي ڇڏيو هيم؛ پر هڪ روپ نہ ڏٺو هيومانس، سو بہ ڏيکاري ڇڏيائين- (سندس مهرباني) مون سوچيو هيو، سادگيءَ ۾ سچائي آهي ۽ سچائيءَ ۾ عظمت آهي. پر هاڻي سادگي سڀ ٻڇي منهنجي اعتبار کي ڏنگي رهي آهي. لڳي ٿو سچائي بہ سسئيءَ واري ڏند ڪٿا جيئن دعا جا هٿڙا کڻي ڌرتيءَ ۾ لهي وئي آهي. اسان جهڙا پورا پنهل سچائيءَ واريءَ سسئي جي چنيءَ جي پلاندڪي ڏسي پنهنجو سنيهہ پاليءَ جيان هاري ويهندا آهن؛ ۽ جڏهن ڪلي خالي ٿي ويندي آهي، همسفر بہ وڙهي ڌار ٿي ويندا آهن؛ تڏهن پاڻ اڻ مٽي اعتبار جي اڻ ڏٺي رڻ پٽ ۾ پالي- پالي ڪندي پنهنجا پساه پورا ڪري ڇڏيندا آهيون ۽ آخر ۾ اِن اعتبار جو ڪفن بہ نصيب نہ ٿيندو آهي اسان جهڙن اڀوجهن کي!

● ٢٩-٤-١٩٨٠ع

سوچيندو آهيان، ڊائريءَ ۾ زندگيءَ جون تمام تر وارتائون جيئن جو تيئن لکي واقعن کي امر ڪري ڇڏيان، پر ڇا ڪريان ذهن تي ڪوئي اختيار ڪونہ رهيو آهي! لڳي ٿو ذهن جي ڪتاب تان ماضيءَ جون تمام تر ڪهاڻيون ميساربيون پيون وڃن- ذهن جو ضخيم ڪتاب ڪورو ٿيندو پيو وڃي. ڏينهن ۽ رات جون ننڍيون وڏيون وارتائون لکڻ لاءِ نارمل دماغ جي ضرورت آهي، جڏهن تہ ڪجهہ ڏينهن کان منهنجي دماغ تي عجيب وياڪلتاڻون

انهيءَ ڏينهن شام ڌاري پنهنجي ڪمري ۾ ميز تي لکيو ويٺي ته هوءَ اندر لنگهي آئي، پنهنجي ڪمري ۾ ڪيس ڏسي، ڏاڍي خوشي ٿيم. مون ڪيس ويهڻ جي آڇ ڪئي.

"ڇا پيا لکو؟" هن پرسان پيل ڪرسيءَ تي ويهندي چيو.

مون قلم هيٺ رکي ڏانهس نهاريو ۽ ڪرسيءَ جي پٺيءَ سان ٽيڪ لڳائيندي چيم: "افسانو."

"اڇا ته سائينءَ جن اديب به آهن." هن ٽوڪ واري نوع ۾ چيو. "ڪجهه ڇپيو به اٿو يا مڙئي وينا ڪاغذ ڪارا ڪيو؟"

"سنڌي رسالا پڙهندا آهيو؟" مون چيو.

"تقريباً سڀ."

"خالد لطيف کي پڙهيو اٿوَ؟" مون چيو.

"بلڪل پڙهيو اٿم."

"ته پوءِ ان جي فن جي باري ۾ توهان جو رايو؟" خوش ٿي چيم.

"آهي ته بڪواس ليکڪ." هن پنهنجي گلابي ڳل تي وينل مک کي اڏائيندي چيو. "پر توهان ان جو ڇو ٿا پڇو؟"

منهن پيلو ڪندي چيم: "ان ڪري جو اهو بدنصيب آءٌ ئي آهيان."

مرڪندي چوڻ لڳي: "پر توهان جو نالو ته ..."

"جي ها." وچ ۾ ڪٽيندي چيومانس: "منهنجو اصلي نالو آهي 'بصر' ۽ ادبي نالو 'خالد لطيف'."

هوءَ مرڪڻ لڳي.

"توهان جا تقريباً سڀ افسانا پڙهيا اٿم، پر هن مهل تائين ڪو رومانوي افسانو نظر مان ڪونه گذريو اٿم."

"ڇو؟" هن انٽرويو وٺڻ واري نوع ۾ چيو.

"ان ڪري جو رومان ڪونه ڪيو اٿم." ڪياڙي کنهندي چيم.

هن ٽهڪ ڏيئي چيو: "رومانوي افسانو لکڻ لاءِ رومان ڪرڻ ضروري آهي ڇا؟"

"بلڪل." مون مرڪي چيو: "اديب ڪنهن ڳالهه کان متاثر ٿي، يا وري ذاتي تجربي جي روشنيءَ ۾ ئي ته لکندو آهي."

هوءَ به مرڪي ويئي ۽ ڪسڪي آيل رئي کي مٿي تي ٺاهيندي چيائين: "ته پوءِ توهان به رومان ڪيو نه."

"بلڪل، هاڻي کان ئي ٿو شروع ڪيان." مون سندس ڳاڙهن ڳلن تي نظر وجهندي چيو.

ان تي هن هڪ سريلو ٽهڪ ڏنو، پر پوءِ ٽهڪ بند ڪري، جوهه پاڻي مون کي ڏنائين ۽ ڪم جو بهانو ڪري، ڪمري مان نڪري ويئي.

”هوءَ منهنجي ڳالهه سمجهي مرڪي پئي ۽ ميز تي رکيل، منهنجي فريم ٿيل فوٽوءَ ڏي اشارو ڪري چوڻ لڳي: ”توهان جو هي فوٽو بهترين آيو آهي. هن فوٽوءَ ۾ بلڪل شهزادا ٿا لڳو.“

منهنجي دل ۾ ڪتڪتايون ٿيڻ لڳيون.

هوءَ پنهنجون ويڪريون ۽ ڪاريون اکيون مٽڪائيندي چوڻ لڳي: ”خبر اٿو ڪٿان جو؟“

”شايد ايران جو.“

”اون هون.“

”تڏهن؟“

”آفريڪا جو.“ هن ٺهڪ ڏئي چيو.

مون ڪان بس ڪل نڪري وئي ۽ ڪل ڪل ۾ هٿ وڌائي، سندس لسڙن منڙن ڳلن ۾ چهنڊي پائي ڪڍيم. سندس ڳل ڳاڙها ٿي ويا. سندس ڳاڙها ڳل ڏسي، ايڪ خواهشون هوا جي جهوٽي جيان منهنجي ذهن ۾ آيون ۽ هليون ويون.

”توهان حد درجي جا بيوقوف آهيو.“ هن غصي ۾ چيو.

”۽ مون ڪان وڏيڪ تون.“ چيڙايومانس.

”شٽ اپ.“ هن ڪي ويتر غصو اچي ويو.

”ايڏي ڪاوڙ به چڱي ناهي.“ وري ڳل ۾ چهنڊڙي پائيندي چيومانس.

هوءَ ڪرسيءَ تان سٽ ڏئي اٿي ۽ ڪرسي پري ڌڪي، پير سٽيندي هلي وئي.

جهٽ ڪان پوءِ، امڙ زبيده سان گڏ منهنجي ڪمري ۾ آئي. زبيده اڃا ڪاوڙ ۾ هئي.

امڙ چيو: ”زبيده کي تنگ چوٽو ڪرين.“

”امڙ ڪٿي تنگ ڪيومانس.“ ڪرسيءَ تان اٿندي چيم. ”هيءَ ته منهنجي ڪمري ۾ اچي، مون کي ٺي ٺي تنگ ڪري.“

”ايڏو ڪوڙ“ زبيده رڙ ڪئي.

”ڏيءُ، هي آهي ئي شيطان.“

”پر چاچي، تنگ ڪرڻ جو به ڪو اخلاق ٿيندو آ.“

”چڱو هاڻي اخلاق سان تنگ ڪندو سانءِ.“ مرڪندي چيم.

”ڏسو ڏسو! چاچي.“ زبيده تارا ڦوٽاريندي چيو.

”وڃي پاڻ ڄاڻو، هي ياجوج مون ڪان زور آ.“ امڙ مرڪي چيو ۽ ڪمري مان نڪري وئي.

زبيده غصي ۾ مون کي ڏنو ۽ ڪنڌ کي جهٽڪو ڏئي، هوءَ به سٽ سٽ ڪندي، ڪمري مان نڪري وئي.

ڳاڙها ڳاڙها ڳتول هن منهن ڪوڙ ڪڻجايو، پر پنهنجون وڏيون ڪاريون ڪڪوريل اکيون پوري چڙيون ......

”چا پيو سوچين.“

زبيده جي آواز تي، منهنجي خيالن جو سلسلو ٽٽي ٿو پوي ۽ منهنجو ذهن ماضيءَ مان ٽپي، اڄي حال ۾ ٿهڪو ٿو ڪري. جت نہ اها معصوم ۽ حسين زبيده آهي ۽ نہ منهنجي جواني. صرف آهي تہ پوڙهي زبيده ۽ سفيد مٿي وارو آءٌ. مان پوڙهي زبيده کي ڏسان ٿو، هوءَ مون کي ننڊ پريل چنجهين اکين سان گهوري رهي آهي ۽ مون کي ٻانهن کان جهلي، لوڏيندي چوي ٿي، ”ننڊ نہ پئي اچئي چا؟“

ڪيس سوال جو جواب ڪوڙ ٿو ڏيان، پر هٿ وڌائي سندس ڳل ۾ چهنڊڙي پائي ٿو ڪيان. هن جا ڳل ڳاڙها ڪونہ ٿا ٿين، پر الهن ۾ گهنج پئجي ٿا وڃن، گهاٽا گهاٽا گهنج!



مان قلمڪار هجان ها ته ان انساني روپ ۾ وحشيءَ کي وَکـو ڪريان ها. مان سماج کـي ان بدڪردار جو روپ ڏيکاريان ها.

هوءَ اجان بہ سڏڪي رهي هئي، پنهي هٿن جي پيالي ۾ لڪايل پنهنجو منهن، هن جي گوڏن تي رکي ڇڏيو هئائين. هن جي اکين مان ڳوڙها وهي، هٿن جي وِٿين مان روئيون هئي، سندس پينٽ پسائي ڇڏي. اوچتو ان آلاڻ تي ڪيس هاڪي بار جو احساس ٿيو. هن گوڏا ڇوريا ۽ ڪيس ڪـُلهن ڪان جهلي هاڪو ڏونداڙيائين. پنهنجو مٿو چڪرائيندو محسوس ڪيائين. هي مسئلو اهڙو هو جنهن ۾ هو سندس ڪابہ مدد ڪري نہ ٿي سگهيو.

بهرحال هن کي ساڻس همدردي وڌي وئي.

چراغ پرلدا ۽ آجهامندا رهن ٿا. آجهامي ويل چراغن کي ڪوبہ نہ ٿو ڏسي تہ ان جي آجهامڻ جا ڪهڙا سبب آهن.



گهرڙي ڏالهن ڏيان چڪايس ”بابا هو ڏس، مون ۽ سڪينه جيڪي گهر ٺاهيا هئا نه، سي لياقت ڊاهي ڇڏيا آهن.“

”ساجن پٽ...“ سندس آواز ڳنڀير ٿي ويو.

”هاڻ ازل کان گهر ٺاهيندا آيا آهيون ۽ هو ازل کان پنهنجا گهر ڊاهيندا آيا آهن. ڄاڻ ڪيئن ڪيڙيندو رهندو ۽ ڏٽي بخش ڏاڙا هڻندو رهندو. ساجن گهر ٺاهيندو رهندو، لياقت ڊاهيندو رهندو، نه ڄاڻ ڪيسين ٿيندو رهندو.“

آن سان پرپل گاڏيون وڏيري جي گُدام ڏانهن روانيون ٿيون. سڀ کان اڳين گاڏيءَ تي لياقت فاتحانه انداز ۾ چڙهي ويٺو ۽ ساجن ۽ سڪينه خالي جهوليون کڻي، ڪنڌ جهڪائي گهر ڏالهن روانا ٿيا.



مقصود گل

# ڳوڙهاري

سياري جي ڪاري ۽ سرد رات، موت جهڙي سانت. اتر جي هوا جا سوساٽ. آهستي آهستي ڪري ڪڙهه جو ڏنگر سوري هڪ پاسي ڪري ٻاهر نڪتي... وري ڏنگر سوري ڪڙهه بند ڪيائين ۽ من ۾ سوچيل منزل طرف تکڙا تکڙا قدم کڻي هلڻ لڳي.

دل جي ڌڪ ڌڪ ۾ تيزي، ساهه ۾ تتي ماڻس، ٿڌي ۽ تيز هوا ۾ به گهٽ ۽ ٻوسٽ جو احساس...... لرزڻ تي هٿ هنيائين، پڳهر جا ڦڙا محسوس ڪري رَئي جي پلاند سان اکيون ڇنڊيائين.

من ۾ مانڊاڻ، اندر ۾ آنڌ مانڌ، پيدا ٿيندڙ ممڪن خطرن جو تصور ڪري ڏڪي وئي، مگر پرمسرت مستقبل جا رنگ محل سندس خيالي پيوت خالي تي حاوي پئجي ويا ۽ سندس چپن تي هلڪي مرڪ تري آئي، پوءِ هن تصور ۾ پنهنجو پيٽ گورو محسوس ڪيو. وک وک سان گڏ سندس ذهن تي مايوس ماضي ۽ مزيدار مستقبل جا ترورا ترڪندا رهيا.

ڪيس سهاڳ رات واري اها ڏنگيندڙ ياد اچي ويئي، جڏهن لاوان ڏيڻ کان پوءِ سڀ مٽ مائٽ ڪيس ۽ "ربن" کي اڪيلو ڇڏي ٻاهر هليا ويا هئا. انهيءَ رات ڪيس پهريون ڀيرو محسوس ٿيو هيو ته هوءَ ڪوهه جي ڀڳ تي پهچڻ جي باوجود به اجاري آهي، مگر تنهن هوندي به هن اهو سوچي پاڻ کي اميدن جي آسري سرچايو هو ته شايد "ربن جي سائس پهرين ملاقات هئي ۽ هو پئي هڪ ٻئي جي طبيعت کان واقف نه هئا، اڳتي هلي سڀ ٺيڪ ٿي ويندو."

صبح جو ملوڪان ڳهوٽ سان پلئه پڌي دهلن جي ڌڌڪن ۽ ڏاند گاڏين جي رينگٽن سان ساهري گهر پهتي هئي. سڀ ڪيس قرب مان ڪنوار جي پياري نالي سان سڏي الفت جو اظهار ڪري رهيا هئا. پاڙي واريون عورتون سندس منهن ڏسي "سوڙو" ڏينديون رهيون، پنهنجي اڳيان ڊينگلن رپين ۽ ريزڪي پئسن جو ڍير ڏسي به ڪيس خوشيءَ جو احساس نه ٿيو هيو. هن پاڻ کي ولر جي وچ ۾ هوندي به برپٽ ۽ بيابان ۾ اڪيلو پٽڪندي محسوس ڪيو.

رخسانہ انجم ميمڻ

# اَپـل ٿي ويل پـل

اڄ مون کي هتان وڃڻو آهي، هن ڳوٺ کان تمام پري، تمام گهڻو پري. صرف ڪجهه پلن جي ڳالهه آهي ۽ پوءِ مون کي هي سڀ ڪجهه ڇڏڻو آهي. سڀ ڪجهه! هي ڳوٺ، هي گهر، هي گهٽيون، جيڪي منهنجي ننڍپڻ جون يادگار آهن، جن سان منهنجي جيون جي انيڪ پريمي پلن جو سنگ آهي.

اف! هن حادثي منهنجي زندگي، منهنجي روح ۾ تلخ زهر اوتيو، جو ان زهر منهنجي رڳ رڳ ۾ ملي چند خوشگوار ۽ زندگي کي راحت ڏيندڙ گهڙين کي ائين ميساري ڇڏيو، جيئن ڪو ننڍڙو ٻار پنهنجي پٽيءَ تان ميٽ سان اکر ميساري ڇڏيندو آهي. پر هاڻ مون وٽ بچيو ڇا آهي. صرف چند خوشگوار يادون ۽ دردناڪ احساس!

آهستي آهستي سندس ذهن ۾ زبيده جو سن مُـک اڀري اچي ٿو.

”منهنجي پياري سوٽ! ياد اٿئي، هن گهٽين ۾ ڪيئن نہ اسان راند ڪندا هئاسين. راند ۾ هميشہ مان تنهنجي پاسي ٿيندو هئس. ڪڏهن ڪڏهن، جڏهن مان توکي ڏاڍو تنگ ڪندو هئس تہ تون رسي ويندي هئينءَ، منهنجي پاسي نہ ٿيندي هئينءَ، تڏهن مان جهٽ پٽ امان کان پئسا وٺي چاچي آندل جي دڪان تان شيءِ وٺي آئي توکي ڏئي پرچائيندو هئس. ياد اٿئي زبيده! ننڍي هوندي راند ۾ توکي ئي پنهنجي ڪنوار بنائيندو هئس.

”اهو بہ ياد اٿئي نہ زبيده! هڪ دفعي جڏهن ولوءَ جي هٿ ۾ کوڙ ساري شئي ڏسي تون ولوءَ جي پاسي ٿي هئينءَ، ان مهل تہ مون صبر ڪيو هو جو مون وٽ ايتري شئي ڪانہ هئي. پر جڏهن راند ۾ ولو تنهنجو گهوٽ پيو ٿئي تہ مون کيڏو نہ وڏو سارو پٿر هٿي هن جي مٿي ۾ ڦاڙ ڪري ڇڏيو هو ۽ جڏهن امان ولوءَ جي دانهن تي مون کي کوڙ سارو ماريو هو تڏهن بہ منهنجي وات مان اهي ئي لفظ نڪتا تہ ’امان، زبي منهنجي ڪنوار آهي، هو ولو ڪير ٿيندو آ؟‘

”۽ ياد ٿئي زبي! تہ جڏهن بہ امان مون کي اسڪول وڃڻ لاءِ چوندي هئي تڏهن منهنجو اهوئي جواب هوندو هو تہ ”پهريائين زبيده هلي تہ پوءِ ويندس نہ تہ ڪونہ ويندس.“

الهڏتو "امر" وگهيو

# انــدر جنبين اڌ

"مهرو!"

"جي"

"مهرو، تون چپ چو آهين؟!"

"چپ ڪٿي آهيان..."

"من چنچل آهي مهرو، تنهائيءَ خاموشيءَ ۾ پڻ ان کي هڪ ملندي آهي، ڪجهه ڳالهاءِ مهرو!"

"ڇا ڳالهان؟!"

"جيڪي توکي وڻي."

"توکي سڌ آهي...؟!" چولدي چوندي هوءَ رڪجي ويئي.

"ٻڌاءِ نہ، ڇا چيئي مهرو؟" مان بيقرار ٿيڻ لڳس.

هن پريل گلي سان جواب ڏنو "منهنجي... منهنجي..."

رڪجي ويئي، اڳتي ڪجهه نہ چئي سگهي.

"آخر ڇا ڳالهہ آهي مهرو، مون کي ٻڌائڻ جهڙي ناهي؟!"

"منهنجي مائٽ مڱڻي ٿا ڪن، سان هتان ڏينهن ٻن ۾ هلي وينديس، پوءِ وري شايد......"

هن پنهنجي اکين کي ڇنڀيو ۽ منهن تان وارن جي ڪريل ڇڳ هٽائي ڇڏيو.

"ڇا اسين اهو وڇوڙو برداشت ڪري سگهنداسين......؟!"

مون هن جي هٽايل وارن جي ڇڳ کي، ڇهري تي ڪيرائيندي ورائيو، "هنن وارن کي جيترو وڌيڪ الجهيل ۽ پريشان رکنديءَ، اهي اوترو ئي وڌيڪ سندر لڳندا آهن." هن منهنجي منهن ۾ گهور ڪري نهاريو.

"مهرو، اکين جي تارن جي چمڪ تڏهن پيدا ٿيندي آهي، جڏهن ڳوڙهن سان آلا ٿيندا آهن."

......۽ ان ڏينهن وڌيڪ ڪابہ گفتگو ڪالہ ٿي سگهي!

هن جي وڃڻ بعد مان ڪمري ۾ لڇندو رهيس. ڪمري ۾ رکيل سڀ شيون ٽڙيل پکڙيل نظر آيون، جا شيءِ جتي هئي ان جي باوجود به مون کي ائين لڳو ڄڻ ته هرڪا چيز پنهنجي مقرر جڳهه ڇڏي ٽڙندي پکڙجندي نظر آئي.

مونءِ به انهن ٽڙيل پکڙيل شين کي مهروءَ اڇي ٺيڪ ڪندي هئي. هن جا چيل لفظ مون کي هٿوڙين جيان مغز ۾ لڳي رهيا هئا. "مان هتان هلي ويندس ڏينهن ٻن ۾، منهنجي مائٽ مڱڻي ٿا ڪن." مون کي ته خبر نه آهي ته ڇا ٿي رهيو هو. ڪهڙي سزا ملي رهي هئي، مهرو مون سان ايترو وقت به ڪانه رهي، هاڻي هوءَ منهنجي لاءِ پر ٻئي ڪنهن جي سڏجڻ لڳندي. "نه ... نه ... مهرو تون منهنجي آهين، منهنجو پيار آهين، جنهن کي مون جوڳي بڻجي پاتو هو، مون جبل جهاڳي توکي لڌو هو، مهرو ائين ڪونه ٿي سگهندو...."

مهروءَ جي واقفيت کي گهڻو وقت ڪونه گذريو هو. ٻه سال اڳ ٻن ڄڻن جي منهن ۾ آفيس ۾ ميز جي سڄي پاسي پيل ڪرسيءَ تي ويهندي وارن جي چڳ ڳل تان هٽائيندي، چيو هئائين.

"مون کي مهرو چوندا آهن، مان سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ بي-ايس-سي ڪرڻ آئي آهيان ڪجهه ڪتابن سان لڳاءُ اٿم، تنهنڪري ان خيال سان هلي آيس."

ڪيڏو نه پيارو ڳالهائڻ هيو، سندس معصوم ادا، وارن جي چڳ ڳل تي، مون کي ان وقت چوڏهينءَ جو چنڊ ڪارن ڪڪرن مان نظر اچي رهيو هو.

ان ڪان پوءِ اڪثر هوءَ ڪتابن وٺڻ لاءِ ايندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن بحث ڪندي الائي ڪٿان جو ڪٿي وڃي نڪرندا هئاسين. وقت جو احساس به ڪونه لڳندو هيو. اسان جي ڳالهين جي نه ابتدا هوندي هئي ۽ نه انتها. ڪڏهن ته پهرن جا پهر ڳالهائيندا رهندا هئاسين، زندگيءَ جي باري ۾، موت جي باري ۾، خوشين جي باري ۾، خوابن جي باري ۾، دنيا جي رخ رواج جي باري ۾. ڪڏهن ڪڏهن اداس وٺي هيئان پهرن جا پهر ائين خاموش ويٺا رهندا هياسين. ماٺهو اسان کي گڏ ڏسي هزارين ڳالهيون ڪندا رهيا. هزارين معنائون ڪيندا هئا.

هڪ ڏينهن ائين وٺي هن گنڀير ٿي چيو "ڪجهه سوچيو!"

"ڪجهه چوو، مان ته گهڻو ئي سوچيندو آهيان مهرو-منهنجي سوچ جا موضوع انيڪ آهن، تون ڪنهن متعلق ٿي پڇين؟"

"تون ڪجهه پاڻ متعلق به سوچيندين يا سدائين ائين......"

"تنها رهندس ائين نه؟"

"مهرو!"

"جي."

شهر ۾ پاڻيءَ جي نلڪن تي تو عام ماڻهن جي غير رواجي ڀيڙ ڏٺي آهي؟ جتان تقريبن هر انسان پاڻي ڀري اڃ اجهائيندو آهي. نلڪي جي اردگرد گندي پاڻيءَ جي ڏٻن گٽپ ۽ ڪِنِ ڪچري جي بدبوءِ به عين ان وقت پاڻيءَ پيئندڙ جي پيٽ ۾ لنگهي ويندي آهي. گهڻن ماڻهن جي مڪيه بيماريءَ جو سبب اهو به آهي. شادي به هڪ سماجڪ نلڪو آهي، جنهن جي پاڻيءَ جي پياس هر انسان کي ٿئي ٿي ۽ شادي ٿيڻ کان پوءِ بدهضميءَ کان پيٽ ايترو ته ڦولارجي ويندو آهي جو...... ان ڪري ئي مون شاديءَ کي ڪڏهن نه چاهيو آهي."

منهنجي ان جواب تي هن جي اکين ۾ غم جا بادل ڇانئجي ويا. دکي لهجي ۾ سوال ڪيائين "تڏهن تون ڇا چاهيندو آهين؟"

"منهنجي چاهنا...... ڪجهه به چاهي نه سگهان."

"تڏهن ڇا تنهنجو پيار..."

"ڏاڍو جيترو ئي وڌيڪ ريشمي ۽ نفيس هوندو آهي، اوترو ئي وڌيڪ مضبوط هوندو آهي. مهرو! مون پنهنجي زندگيءَ ۾ پاڻ کان گنوائڻ کي وڌيڪ چاهيو آهي. زندگيءَ جي ڪاروان کي اڳتي ڪاهيندي مون هزار سکن بجاءِ دک جي هڪ ڏار چاهي آهي. اها ڏار جا جيون جي ٿوس حقيقتن کي اڳيان رکي، مون کي جيون جي اصلي معنيٰ سمجهائي سگهي. اها ڏار جا منهنجي دل اندر درد...... پر مٺو درد پيدا ڪري سگهي ۽ اهوئي سبب آهي جو مون شاديءَ متعلق ڪڏهن به نه سوچيو آهي. شاديءَ بعد انسان پنهنجي ڏکن سکن ۾ ايترو ته گم ٿي ٿو وڃي جو هن کي ٻين جي اهنجن، ايذائن، تڪليفن ۽ ڪششن کي سمجهڻ ۽ محسوس ڪرڻ جو وقت ئي نٿو ملي."

مهرو بنا ڳالهائڻ جي چپ چاپ اٿي هلڻ لڳي ۽ مان هن کي روڪي نه سگهيس، مگر هن جي هلي وڃڻ سان منهنجي اڳيان هن جي تصوير اڀري ڪڙي ٿي. تصوير، جنهن جي ڳلن تي روج ۽ چپن تي لالي هئي. تصوير جنهن جي لبن تي مسڪراهٽ هئي، تصوير جنهن جي بدن ۾ اجائي ڪشش ۽ ڇلائي هئي!

مهرو پورو هڪ مهينو مون وٽ ڪانه آئي. ان وچ ۾ مون سوچيو، انسان جي زندگيءَ جا ٻه خاص پهلو دک سک ناهن، بلڪ وڇوڙو ۽ ملن ۽ سچ اهو آهي ته مون وڇوڙي کي صاف مٺڙ ۽ سهانو صبح ۽ ملن کي شام سمجهيو آهي. اها شام جنهن جي اڏو الڏيرو آهي، جيسين وڇوڙو آهي تيسين پيار، حب ۽ سڪ لاءِ ڪشش آهي ۽ ملن هڪ شام جنهنجي قريب انڌيرو آهي، ۽ انڌيرو هڪ ٻئي جي نزديڪ آڻي الفت جي معنيٰ کي بيمعنيٰ ڪيو ڇڏي.

مهيني کان پوءِ جڏهن آئي ته چوڻ لڳي: "تنهنجا ڏينهن ڪيئن گذريا؟!"

مان چپ.

"ڇو توکي اڪيلائي محسوس ڪانه ٿي؟!"

مان خاموش.

غلام رسول پرهياڙ

# سپائي

سومار روزانو انگريزي پڙهڻ لاءِ شهر ويندو هو. سندس گس ۾ سپائي جي گهر وٽان ٿيندو هو.

سومار جڏهن اُتان لنگهندو هو ته سپائي پنهنجين وڏين اکين سان کيس چتائي پئي ڏسندي هئي. شايد سپائي جي دل ۾ سومار لاءِ پيار ڪر کڻڻ لڳو هو. هوڏانهن سومار اڃان اروت هو. کيس پيار جي ڪل ئي ڪانه هئي.

سپائي قداور، رنگ جي پوري، ويڪرو منهن، انب جي ڦار جهڙو لڪ، سنهڙا چپ، وڏيون ماهيريون اکيون، جاڙا ڀرون سي ۽ ڪارا جهڙا ڀئونر ۽ وڏا وار، هٿين پيرين ۽ ارڪٽي ملوڪ هئي.

سندس شادي ڪجهه وقت کان پوءِ شيرو پوتاڙيل سان ڪرائي ويئي.

شيرو ڪو ڏاريو ڪونه هو، پر سندس سڳو سؤٽ هو. شيرو عمر ۾ سندس پيءُ جيڏو ٿي لڳو. سندس وارن ۾ اڇا پئجي ويا هئا. سندس ڪرت هئي ڪڪڙ ويڙهائڻ. سڄو ڏينهن ڪڪڙ ڪڇ ۾، ڪپڙا ميرا، وڙين سان دڳيا پيا هوندا هئس. نسوار ته هميشه وات ۾، سدائين ملاڪڙن جي پويان. جڏهن بازي هارائي ايندو هو ته منهن اٽليو پيو هوندو هوس. ٿوري ڳالهه تان جهيڙو ۽ ڦٽ ڦٽ سندس مرڪ هو.

هڪ ڏينهن سپائي گهر سان پڇواري ڏيئي ڪچرو سٽ ۾ کٽي جيئن ئي ٻاهر اچلائڻ آئي ته سندس نظر سومار تي پئجي وئي. سندس منهن ٻهڪي ويو. هن جي دل ۾ مهريون لڳڻ شروع ٿي ويون.

هن سومار کي ڪجهه چوڻ لاءِ پنهنجي منهن ڀڻ ڀڻ ڪئي. سومار کي سندس ڀڻ ڀڻ ۽ روزانو گهوري نهارڻ جو مطلب انهيءَ ڏينهن سمجهه ۾ اچي ويو. سومار کيس ڪوبه جواب نه ڏنو پر اکوٽي جيان کيس ڏسندو هليو ويو. هن ڪوبه چاڙهو نه ڏسي ٻوڙهي چتل سان حال اوريو. ٻئي ڏينهن صبح جو سومار جڏهن اچي رهيو هو ته سپائي ۽ ٻوڙهي چتل سندس گس تي ٿارن پچڻ جي بهاني سان بيٺيون هيون. سومار جي ويجهو اچڻ تي سپائي چتل کي چيو ته "ڏاڍو مگروڙ آهي. لئي ته ڪيڏي ٿو ڪري! حسن ۽ جواڻي تي بالور اٿس."

هڪ ٻه ٽالوَ ڪوله بچيو، اهو هنڌ پرلٽڙ ميدان بڻجي ويو.

انهيءَ ڪان پوءِ، اهو ڳوٺ نه وسيو؛ هڪ نه ٻي ٽپنڊي رهي. ايتري قدر جو مينهن پوٺو هو، اهو به نه پيو؛ سموري پوک سُڪي وئي. گهڻا ماڻهو ته ڪالرا وگهي مري ويا؛ باقي جيڪي بچيا، آهي ڳوٺ ڇڏي ڀڄي ويا. هرڪو ڏپ جي ڇنبي ۾ اچي هراسجي ويو هو.

پونڪل جي ڏٺ تي جيڪڏهن ڪنهن ڳوٺ ۾ ڪوري ٽانوَ ۾ پٽ نه رڌبو ته ڇا ٿيندو؟ توهان ٻڌايو، جيڪڏهن ويساهه ڪجي وجي ته ڇا بچندو؟



# مـــقـــالا

ٿئي ٿو سو عام عورتن سان بہ لاڳو ٿئي ٿو. جن کي سادگي اختيار ڪرڻ ڪپي ۽ خيال توڙي عمل ۾ ڪنهن بہ قسم جي بدپرهيزي نہ ڪرڻ ڪپي، پنهنجي حسن جي نمائش نہ ڪرڻ ڪپي. تہ بہ ان جو اهو مطلب نہ آهي تہ مسلمان عورتن کي ٻاهر نڪرڻ کان بنهہ منع ڪئي ويئي آهي. جيڪڏهن ايئن هجي ها تہ ازواج مطهرات بہ ٻاهر نہ نڪرن ها. پيغمبر صلعم خود ڪين حج، عمره ۽ ٻين مهمن تي نہ وٺي وڃن ها. ڪين مائٽن سان ملڻ وڃڻ، پاڙيسرين جي عيادت ڪرڻ ۽ مري ويلن جي تعزيت ڪرڻ ۽ جنگ ۾ زخمين جي ملم پٽيءَ ڪرڻ جي اجازت نہ ڏين ها. هن سڄي معاملي جي تاريخ گواه آهي. اِهو بہ صحيح آهي تہ حضور صلعم جن جي انتقال بعد سيني ازواج، سواءِ حضرت سوده (۽ ابو هريره جي روايت موجب زينب بنت جحش جي) حج ادا ڪيو ۽ عمر ابن الخطاب کان سواءِ ٻئي ڪنهن بہ اعتراض نہ ڪيو. حقيقت ۾ اِهو صحيح حديث ۾ محفوظ آهي تہ پيغمبر صلعم پنهنجي ازواج کي هن آيت جي نزول کان پوءِ ٻڌايو تہ هُو پنهنجن لڄي ڪمن لاءِ ٻاهر نڪري سگهن ٿيون.

بخاريءَ ۾ حضرت عائشہ رض جي حوالي سان آيو آهي تہ حضور جن جي زوجہ، سوده، هڪ رات ضرورت خاطر ٻاهر ويئي. هُوءَ قداور ۽ رعب دار هئي. حجاب بابت هيءَ آيت نازل ٿي ان کان اڳ جنهن ڪيس ڏٺو هوندو، سو سڃاڻي ٿي سگهيو. ڪيس ويندي حضرت عمر رض ڏٺو ۽ بلند آواز سان چيائين: "اي سوده! خدا جو قسم!! تون لڪل رهي ٿي سگهين، سو تون ٻاهر ڇو ٿي نڪرين؟" حضرت عائشہ چوي ٿي تہ هُن اهو معاملو حضور جن کي ٻڌايو، جيڪي ان وقت کاڌو کائي رهيا هئا. ٻاڻ سگهورا خيال ۾ ٻڏجي ويا ۽ ڪين خدا تعاليٰ کان حڪم مليو: 'قد اذن لكن ان تخرجن لحاجتكن.' يعني اِن جي اوهان کي اجازت مليل آهي تہ نجي ضرورتن لاءِ ٻاهر وڃو. ان ڪري 'و قرن في بيوتكم' (پنهنجن گهرن ۾ رهو) جو مقصد اهو آهي تہ جيترو ممڪن ٿي سگهي تہ پنهنجن گهرن ۾ رهو ۽ غير ضروري طور رستن ۽ گهٽين ۾ نہ وڃو، جيئن ٻين عورتن ۽ اوهان ۾ تميز ڪري سگهجي. جيتوڻيڪ هي اميرائي ٺاٺ وانگر لڳي ٿو، پر ان سان هُنن جو حج ادا ڪرڻ يا ٻين مذهبي رسمن ۾ حصو وٺڻ کان روڪي نٿو، بشرطيڪ هو مناسب لباس ۾ هجن ۽ عام جاين کان پاسو ڪن.

## عبادت

هن سلسلي ۾ اسان کي ياد رکڻ کپي تہ حضور صلعم جي انتقال کان پوءِ ڪيترن سالن تائين مسلم خواتين کي مسجد ۾ نماز ادا ڪرڻ کان منع نہ ڪئي ويئي. حضرت عبدالله بن عمر چوي ٿو تہ هن خدا جي رسول کي چوندي ٻڌو 'لاتمنعوا اماء الله معابد الله' يعني 'الله جي ٻانهين کي الله جي مسجدن ۾ وڃڻ کان نہ روڪيو.' اِهو بہ حڪم ڏيو:

بيماريءَ سبب ڊاڪٽر وٽ وڃڻ، پنهنجي شاديءَ جي موقعي تي، ڪس هلندي رستو ڏسڻ وقت هن ڪي منهن ڪليل رکڻو آهي.

## پـردو

بخاريءَ ۾ هڪ منفي انداز جي حديث به آهي (ڪتاب النڪاح باب ٨٦) جنهن ۾ چيو ويو آهي ته عورت پنهنجي خاوند جي اجازت کان سواءِ مهمان گهر ۾ اچڻ نه ڏي. ان جو مطلب اهو آهي ته هُوءَ مهمان گهر ۾ فقط مرد جي اجازت سان گهرائي سگهي ٿي ۽ انهن جي موجودگيءَ ۾ ويهي به سگهي ٿي. حضرت عمر جو مثال موجود آهي، جيڪو پيغمبر صلعم جي ازواج جي پردي جي باري ۾ هڪ وڏو حامي هو: تنهن هڪ موقعي تي پنهنجي گهر واري اُم ڪلثوم بنت عليءَ کي هڪ ماڻهوءَ جي موجودگيءَ ۾ سڏيو، جيڪو سلامه بن قيس طرفان جنگ جو احوال ڏيڻ آيو هو ۽ مانيءَ تي شامل ٿيڻ کان اُم ڪلثوم اُن ڪري انڪار ڪيو، جو سندس خيال ۾ ڪيس اهڙو سٺو لباس پهريل نه هو، جهڙو ابن جعفر، زبير ۽ طلح جي زالن کي هو (طبري جلد پهريون ص ١٧-٢٧١٥ ليڊن). هن مان اسين اهو نتيجو ڪڍي سگهون ٿا ته عورت پنهنجي خاوند جي موجودگيءَ ۾ ڪنهن ڌارئين جي اڳيان اچي سگهي ٿي. جيڪڏهن ڌارئين جي اڳيان اچڻ غير قانوني هجي ها ته حضرت عمر ڪڏهن به پنهنجي زال کي روبرو اچڻ ۽ کاڌي ۾ شامل ٿيڻ لاءِ نه چوي ها.

## بت پرست

مٿي واري چادر جي رهيل حصي سان ڇاتي ڍڪڻ وارو نقطو عملي طور ساڳيو آهي، جيئن سوره ٥٣ آيت ٥٩ ۾ آيو آهي:

> يا ايها النبي قـل لازواجک و بناتـک و نساء المؤمنين يدنين عليهن من جلابيبهن ذالک ادنيٰ ان يعرفن فلايؤذين و کان الله غفوراً رحيما.

'اي پيغمبر! پنهنجي زالن، ڌيئرن ۽ ايمان وارن جي زالن کي چئه ته پنهنجون ڇاتيون مٿي جي چادر سان ڍڪين. انهن جي سڃاڻپ ۾ اچن ۽ تڪليف کان بچن. خدا معاف ڪندڙ ۽ رحيم آهي.' هن مان خبر پوي ٿي ته هُو (عورتون) پنهنجا سينا ۽ ڳلو مٿي واري چادر جي ڇيڙن سان ڍڪين، جيئن ڪوبه حصو ظاهر نظر نه اچي، جو اُن وقت عورتون چادر جا باقي حصا پٺ ڏي واري ڇڏينديون هيون، جيڪو ايام جاهليت جو دستور هو. اُن ڪري سندن ڳلو ۽ ڇاتي ڍڪيل نه رهي، ڇو جو چولن جا ڪالر ويڪرا هئا. جڏهن ڇاتي ڍڪڻ واري آيت نازل ٿي ته انصار عورتن پنهنجي شالن کي ٻن ٽڪرن ۾ ڦاڙيو. هڪڙي مان مٿي تي ويڙهڻ جي پٽي (اعتجرن) ۽ ٻئي مان مٿو ڍڪڻ جي چادر (خيمار) ڪري پيغمبر صلعم جي پٺيان نماز ادا ڪنديون هيون. ايئن نظر ايندو هو، ڄڻ سندن مٿي تي ڪانءُ ويٺل هجن.

حضرت عمر چيو آهي تہ فقط آزاد عورتن کي پردو ڪرڻو آهي: ان غيرالحرة لاتمنع، ۽ ڪيترن روايتن ۾ آيو آهي تہ سندس (حضرت عمر جي) خلافت دوران هن ٻانهين کي برقعو پائڻ جي اجازت نہ ڏني ۽ هُو هميشه پنهنجي مشهور ڏُرڙي سان کين ماريندو هو. جيڪي چيو ويو آهي، تنهن مان اهو چٽيءَ طرح واضح آهي تہ جنهن نموني پردو هند ۾ ڪيو وڃي ٿو، سو اهو ناهي جيڪو قرآن، حديث يا اسلامي قانون فرض ڪيو آهي ۽ اهو سمجهہ ۾ نٿو اچي تہ عورتن تي مذهب جي نالي ۾ ايتري غير برابري ڇو ٿي روا رکي وڃي، جنهن کين ايتري آزادي ڏني آهي، جيتري انساني معاشري جي تعليم ۽ سڌاري لاءِ ضروري آهي.



مولانا دين محمد وفائي

# "الوحيد" سان منهنجي وابستگي ۽ علحدگي

[نوٽ: جناب مولانا دين محمد وفائي سنڌ جو بلند مرتبہ عالم هو. سندس گران قدر قومي، علمي، ادبي، تحقيقي، صحافتي ۽ سياسي خدمتن تي سنڌ کي بجا طور فخر حاصل آهي. "الوحيد" سان پنهنجيءَ وابستگيءَ ۽ علحدگيءَ بابت هي مضمون پنهنجي رسالي "توحيد" جي آگسٽ ۱۹۴۳ع واري پرچي ۾ لکيو هئائون، جيڪو تازو سندس فرزند مسٽر علي نواز وفائيءَ جي هفتيوار آزاد اخبار ۾ دوباره شايع ٿيو آهي. هن مضمون ۾ "الوحيد" اخبار جي حوالي سان ان دور جي ڪيترين ئي اهم تاريخي ڳالهين ۽ واقعن جو ذڪر آهي، جن سان ڪوبہ اختلاف راءِ ڪري سگهي ٿو، پر وفائي صاحب جي خود نوشت يادگيرين جي حيثيت ۾ آن جي اهميت ۽ افاديت پنهنجي جاءِ تي موجود آهي. اميد تہ مهراڻ جي قارئين لاءِ اهو مضمون دلچسپ رهندو. — ادارو]

## الوحيد جي سوانحعمري

۱۹۲۰ع جي جنوري مهيني حيدرآباد ۾ مولانا غلام محمد صاحب ملڪانيءَ جي زير صدارت خلافت ڪانفرنس منعقد ٿي. اها قومي تحريڪ پوري جوبن ۾ هئي، ملڪ ۾ جوش خروش پيدا ٿيل هو. سوين مسلمان قربانين لاءِ سر تريءَ تي رکي ميدان ۾ اچي چڪا هئا. ترڪي خلافت جي زوال تي چؤطرف روج راڙو متل هو. مسلمان قوم پوريءَ همت سان ترڪ موالات لاءِ تياري ڪري رهي هئي. مگر افسوس جو انهيءَ وقت مسلمانن کي ڪابہ اخبار ڪانہ هئي جا سندن جذبات جي ترجماني ڪندي رهي.

ان زماني ۾ فقط سکر مان هڪ "الحق" اخبار شايع ٿيندي هئي، مگر هفتيوار هجڻ ڪري هن فلڪ شگاف هنگامي ۾ هن جي آواز جي ڪا شنوائي ڪانہ ٿي سگهي ٿي. ازان سواءِ مرحوم الحق هڪ خاص پاليسيءَ تي زندگيءَ جون منزلون طئي ڪري چڪي هئي. وڌيڪ هلڻ لاءِ هن ۾ هڪ وک کڻڻ جي بہ طاقت ڪانہ رهيل هئي. ان وقت هڪ لوعمر ۽ نوخيز روزانہ

چڙهيو پيو آهي. لئين قرض ڪڻڻ جي همت تڏهن ٿيندي، جڏهن توحيد جي بهي خواهن ۽ علمي ذوق وارن حضرات جا حوصلہ افزا خطوط موصول ٿيندا. مون کي اجا رمضان شريف گذرڻ تائين انتظار ڪيڻ جو ارادو آهي. آن کان پوء انشاءالله تعاليٰ آرام سان ويهي توحيد کي هفتہ وار نہ ڪري سگهيس تہ بہ ڪم از ڪم پندره روزه ضرور جاري ڪندس، جنهن ۾ علمي ۽ تاريخي بلند پايہ جي مضامين جو انتظار ڪرڻ گهرجي.

هي آهي منهنجي الوحيد کان الودائي جي مختصر ڪهاڻي، جا بعض احبابن جي استدعا تي سپرد قلم ڪريان ٿو، جنهن کان پوء ڪنهن بہ غلط فهميءَ جو ڪوبہ امڪان ڪونہ رهندو. منهنجو ظاهرو باطن الله تعاليٰ جي فضل سان هڪ جهڙو آهي، جو ڪجهہ ٿي گذريو آهي ۽ جو ڪجهہ مان سمجهيو آهي سو ظاهر ڪري ڇڏيان ٿو، الله تعاليٰ ليتن ۽ دلين جو ڄاڻو آهي. والله ولي التوفيق.

( هفتيوار ”آزاد“، ڪراچي، جلد ٣٦، نمبر ٩، مورخہ ١١- اپريل ١٩٨٣ع ۾ محترم مظهرالدين سومري طرفان پيش ڪيل مضمون جي حوالي ۽ شڪريہ سان).



هن لاءِ حديث جي سپ کان قديم ڪتاب مؤطا امام مالڪ جي هڪ روايت مان بہ تائيد ملي ٿي تہ آنحضرت صلي الله عليه وسلم جي گهرو خدمتگارن ۾ هڪ سنڌي خادم بہ هئي، جنهن هڪ ام المومنين کي بيمار هجڻ جي حالت ۾ سنڌي سُٺي بہ ڏسي هئي. عربيءَ جي مشهور جاگرافي نويس بزرگ بن شهريار سندس جڳ مشهور ڪتاب عجائب الهند جي بنهہ ابتدائي صفحن ۾ اها روايت آندي آهي تہ منصوره سنڌ جي هڪ عالم ٽين صدي هجريءَ جي وچ ڌاري هڪ راجا لاءِ قرآن حڪيم جو سنڌي زبان ۾ ترجمو لکيو هو. اها روايت بہ سنڌي ٻوليءَ جي اهميت کي شاندار بنائي ٿي.

سنڌي زبان جڏهن عربيءَ وانگر ساڄي کان کٻي پاسي ڏانهن لکڻ ۾ آئي تہ افسوس جو ان جي مخصوص اکرن جي ڪا هڪ صحيح صورت مقرر نہ ڪئي وئي، جنهن کي جيئن ٺيڪ ٿي ويو ان ائين ئي لکيو. اهوئي اصلي ڪارڻ آهي جو اسان وٽ هن قديم زبان جي لٽري تحرير ٽن صدين کان مٿي نہ ملي سگهي آهي. جس هجي ميون ابوالحسن سنڌيءَ کي جنهن ٻارهين صديءَ جي آخر ڌاري سنڌي حرفن جي لکڻ لاءِ ڪا صورت بنائي ۽ مقدمةالصلواة ٿالي سنڌيءَ ۾ ڪتاب لکيو. انهيءَ دور ۾ رلي ڪوٽ جي هڪ عالم علم ورثي جي مشهور ڪتاب سراجيءَ جو سنڌي نظم ۾ ترجمو لکيو، اهو ڪتاب احقر راقم وٽ موجود آهي. ميون ابوالحسن ٻارهين صديءَ جي شروع ۾ سنہ ۱۱۲۸ھ ڌاري وفات ڪري ويو. سندس ڪتاب اها مقبوليت حاصل ڪئي جو مخدوم محمد هاشم ٺٽوي ان جي ڪن مسئلن تي اعتراض ڪيو، جنهن جو مخدوم محمد قائم ٺٽوي عربيءَ ۾ هڪ رسالو لکي جواب ڏنو ۽ مقدمةالصلواة سنڌيءَ کي عربيءَ ۾ ترجمو بہ ڪيو. هڪ ٻئي تي اهو علمي رد ڪد هلندو رهيو، پر افسوس جو مخدوم محمد قائم جلدي وفات ڪري ويو، ان جي وفات کان پوءِ بہ مخدوم محمد هاشم ان جي رد ۾ رسالو لکيو. مخدوم محمد قائم ميون ابوالحسن سنڌيءَ جو مريد ۽ معتقد هو. اهي رسالا بہ احقر راقم وٽ موجود آهن، جو پير جهنڊي جي علمي ڪتاب خاني مان نقل ڪيا ويا هئا.

هن کان پوءِ عالمن سنڌي تحرير ۾ انهيءَ رسم الخط کي اختيار ڪيو ۽ سنڌي جو ديني ادب وجود ۾ آيو، جو هزارن صفحن جي ڪتابن واري صورت ۾ موجود آهي، جنهن مان گهڻا ڪتاب بمبئيءَ مان ڇپجي پڌرا ٿيا. ان لاءِ سنڌي ڪاتبن جي گهرج محسوس ڪئي وئي ۽ ڪيترا سنڌي زبان جا ڪاتب پيدا ٿيا جن وڃي بمبئي وسائي، انهن مان احمد سمو ڪاتب وڏي شهرت رکي ٿو. اڳ سنڌ ۾ مسجدن ۽ ديني مدرسن ۾ جيڪي قرآن شريف هوندا هئا سي گهڻو ڪري بمبئي جا ڇپيل هوندا هئا ۽ احمد ۽ محمد سمي جا لکيل هوندا هئا. انهن جو خط ايڏو تہ صاف ۽ سنو هو جو ان مان برصغير جي ڪنهن ٻئي ڪاتب جو مقابلو ٿي ٿي سگهندو هو. افسوس جو اسان جي بيقدري ڪري اهو فن بہ اسان کان ڇڏائجي ويو.

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي

# حضرت قلندر شهباز جي دور جي هڪ صوفيانه تحريڪ

## سهروردي سلسلو

تصوف جا چار سلسلا مشهور آهن: سهروردي، قادري، چشتي ۽ نقشبندي. انهن مان حضرت قلندر شهباز جي زماني ۾ سنڌ ۽ ملتان ۾ سهروردي سلسلي جو تمام گهڻو اثر هو. ان زماني ۾ سنڌ ۽ ملتان ۾ هيٺيان بزرگ موجود هئا:

١- بابا فريدالدين گنج شڪر، پاڪ پٽڻ وارو، (وفات ٦٤٤هه-١٢٤٦ع).
٢- غوث بهاؤالحق زڪريا ملتاني، ملتان، (وفات سنه ٦٦١هه-١٢٦٢ع).
٣- سيد جلال الدين سرخ بخاري، اُچ، (وفات ٦٩٥هه-١٢٩٥ع).
٤- پير پٺو، ٺٽو.
٥- شيخ نوح بکري، بکر.
٦- سيد صدرالدين ۽ سيد بدرالدين، ٻه ڀائر، بکر.
٧- شاهه صدرالدين، لڪي شاهه صدر.

انهن مان غوث بهاؤالحق زڪريا ملتاني ۽ شيخ نوح بکري سهروردي سلسلي جي باني شيخ شهاب الدين سهروردي ۽ جا مريد هئا. سيد صدرالدين ۽ سيد بدرالدين جو والد سيد محمد مکي به حضرت شيخ شهاب الدين جو مريد هو. سيد جلال الدين سرخ بخاري ۽ پير پٺو وري حضرت غوث بهاؤالحق زڪريا ملتاني جا مريد هئا. حضرت شاهه صدر لڪي واري جي صوفيانه سلسلي جو احوال ڪونه آيو آهي. بابا فريد گنج شڪر چشتي سلسلي سان وابسته هو. ان مان ظاهر ٿيندو، ته سنڌ ۽ ملتان واري علائقي ۾ گهڻي ۾ گهڻو اثر سهروردي سلسلي جو هو.

چشتي طريقي جا بزرگ خواجه عثمان هاروني، خواجه معين الدين چشتي اجميري وفات (٦٢٧هه-١٢٢٩ع)، ۽ خواجه فريدالدين گنج شڪر سير و سفر جي دوران سنڌ ۾ آيا هئا، ۽ شاهه صدر سان لڪي ۾ مليا هئا. هنن حضرت شاهه صدر جي روحاني مرتبي جي ساراهه ڪئي آهي (١). ان مان معلوم ٿئي ٿو ته چشتي طريقي جي بزرگن به سنڌ ۾ پنهنجا پير گهمايا، پر سنڌ ۾ چشتي سلسلو رائج ٿي نه سگهيو.

نہ فقط ان زماني ۾، پر پوئين زماني ۾ بہ سنڌ ۾ سهروردي سلسلي جو تمام گهڻو اثر رهيو، ۽ هن سلسلي جي ڪيترن ئي بزرگن سنڌ کي روحاني ۽ علمي فيض سان مالا مال ڪيو. هت ان سلسلي جي مختصر تاريخ پيش ڪجي ٿي ۽ سنڌ سان ان سلسلي جو جيڪو تعلق رهيو، ان تي روشني وجهڻ جي ڪوشش ڪجي ٿي.

## سهروردي سلسلو

سهروردي سلسلي جو بنياد حضرت شيخ ضياء الدين ابو النجيب عبد القاهر سهروردي وڌو. سندس والد جو نالو عبدالله بن محمد هو. سندس نسب جو سلسلو حضرت ابوبڪر صديق رضہ سان هن طرح ملي ٿو:

"شيخ ضياء الدين ابوالنجيب بن عبدالله بن محمد بن عبدالله بڪري المعروف بہ شيخ عمويہ بن سعد بن حسين بن قاسم بن سعد بن نصر بن عبدالرحمان بن قاسم بن محمد بن ابوبڪر صديق رضہ" (٢).

حضرت شيخ ابو النجيب جي ولادت سهرورد ۾ (سنہ ٤٩٠هہ-١٠٩٧ع) ۾ ٿي. بغداد جي مدرسہ نظاميہ مان ديني علوم جي تحصيل ڪان پوءِ الهيءَ ئي مدرسي ۾ بہ سال مدرس ٿي، درس و تدريس جو سلسلو جاري رکيائين. طريقت ۾ امام محمد غزالي جي ڀاءُ شيخ احمد غزالي جو فيض يافتہ هو؛ جنهن جي طريقت جو سلسلو سيد الطائفہ حضرت جنيد بغدادي ڏانهن منسوب سمجهيو ويندو آهي. شيخ ابوالنجيب، حضرت غوث العالم سيد عبدالقادر جيلاني جي صحبت مان بہ فيض پرايو. ان ڪان سواءِ حضرت غوث الاعظم جي روحاني پيشوا شيخ حماد باس ڪان بہ فيض پرايائين.

روحاني فيض سان مالا مال ٿي، سلوڪ جي راهہ جي سالڪن کي فيض ڏيڻ شروع ڪيائين. ان مقصد لاءِ بغداد ۾ هڪ خانقاهہ قائم ڪيائين، جتي سدائين وعظ ۽ هدايت جي مجلس گرم رهندي هئي. ڪجهہ وقت سنہ ١١٦١ع ۾ اسلامي ملڪن جي سياحت بہ ڪيائين.

حضرت شيخ ابوالنجيب وڏو صوفي بزرگ ۽ مصلح ٿي گذريو آهي. ان ڪان سواءِ وڏو عالم ۽ فاضل بہ هو ۽ حديث، فقهہ، اصول فقهہ ۽ اصول دين ۾ وڏي دسترس حاصل هئس. اهل قلم بہ هو، ۽ تصوف ۽ اسلام تي زبردست ڪتاب لکيائين، پر سواءِ ٻن ڪتابن: "آداب المريدين" ۽ "شرح اسماء الحسنيٰ" جي سندس ٻيا ڪتاب دنيا جي لاهن چاڙهن ڪان بچي نہ سگهيا. سنہ ٥٦٣هہ-١١٦٨ع ۾ بغداد ۾ وفات ڪيائين؛ ۽ اتي ئي مدفون ٿيو (٣). پوئتان ڪيترائي معرفت جا صاحب ڇڏيائين، جن سندس ڪم کي اڳتي وڌايو. سندس وڏن خليفن جي نالن پٺيان تصوف جا جدا جدا سلسلا شروع ٿيا، جهڙوڪ: ڪبرويہ، شطاريہ ۽ فردوسيہ. اسان جي سنڌ جو بزرگ مخدوم بلال ٽلٽي وارو ڪبرويہ سلسلي سان وابستہ هو.

كبرويہ: هن شاخ جو باني شيخ نجم الدين ڪبريٰ ابوالجناب احمد بن محمد عمر بن محمد خوارزمي آهي. هن جون ۾ شاخون ٿيون. هڪ شاخ سيد علي بن شهاب حسيني همداني جي آهي، جيڪا ڪبرويہ سڏي ويئي، ٻي "فردوسيہ" سڏي وئي جنهن جو باني هندوستان ۾ شيخ شرف الدين احمد بن يحيٰ منيري آهي. شيخ منيري جي طريقت جو سلسلو شيخ نجم الدين ڪبريٰ سان هن طرح ملي ٿو:

"شيخ منيري، شيخ نجيب الدين بن عماءالدين دهلوي ڪان، ان پنهنجي چاچي شيخ رڪن الدين دهلوي ڪان، ان شيخ بدرالدين باخرزي ڪان ۽ ان شيخ نجم الدين ڪبريٰ ڪان (۴).

شطاريہ: هن جو باني شيخ عبدالله شطار خراساني آهي، جيڪو ائين صدي هجري ۾ خراسان ڪان هندستان آيو ۽ ڪيترن ئي ماڻهن ڪانئس فيض پرايو. هن طريقي جون وري ٻہ شاخون آهن: هڪ جو تعلق شيخ محمد غوث گواليارِي سان آهي، جيڪو "جواهر خمسہ" جو مصنف آهي. ان جي طريقت جو سلسلو هن طرح آهي:

"شيخ محمد غوث شيخ حميد ڪان، ان شيخ هدايت الله ڪان، ان پنهنجي والد محمد بن علاء منيري ڪان ۽ ان شيخ عبدالله شطاري ڪان."

شيخ محمد غوث ڪان ڪيترن ئي هي طريقو حاصل ڪيو. انهن مان هڪ شيخ وجيالدين علوي گجراتي بہ آهي. ان ڪان سيد صبغتہ الله بن روح الله حسيني پڙوچي مهاجر مدني حاصل ڪيو. ان جي ذريعي هي طريقو عرب ملڪن ۾ پهتو. شيخ محمد غوث گواليارِي جي شاگردن ۾ شيخ لشڪر محمد عارف بہ هو، جنهن ڪان شيخ عيسيٰ بن قاسم سنڌي برهانپوري حاصل ڪيو. (جنهن جو ذڪر هن مقالي ۾ بعد ۾ بہ ايندو.)

شطاريہ طريقي جي ٻي شاخ جو باني شيخ علي بن قوام جولپوري آهي. ان شيخ عبدالقدوس نظام آبادي ڪان، ان شيخ حافظ واسط ڪان ۽ ان شيخ عبدالله شطاري خراساني ڪان (۵).

سهروردي سلسلو: سهروردي سلسلي کي ساڳي نالي سان حضرت شيخ ابوالنجيب جي ڀائٽي حضرت شيخ شهاب الدين عمر سهروردي جاري رکيو، ۽ وڏي اوج تي رسايو. سندس زندگيءَ جو مختصر احوال هيٺ ڏجي ٿو.

شيخ شهاب الدين سهروردي: سندس ولادت سهرورد ۾ سنہ ۵۳۹ھ (۱۱۴۵ع) ۾ ٿي. بغداد ۾ پنهنجي چاچي حضرت ابوالنجيب وٽ اهي ظاهري تعليم ۽ روحاني فيض پرايائين. حضرت غوث الاعظم سيد عبدالقادر جيلاني ڪان بہ فيض حاصل ڪيائين. حضرت غوث الاعظم سندس لاءِ فرمايو تہ:

"يا عمر انت آخر المشهورين بالعراق"

(اي عمر! تون عراق جو آخري مشهور انسان هوندين.)

حضرت غوث سان سندس بيحد عقيدت هئي. ان جو ثبوت سندس ڪتاب "بهجةالاسرار" مان ملي ٿو، جنهن ۾ سندس مناقب وڏي محنت ۽ محبت سان جمع ڪيا اٿس.

حضرت شيخ شهاب الدين جي والد جو نالو محمد بن عبدالله هو. بغداد ۾ پنهنجي چاچي شيخ ابوالنجيب جي زيرنگراني ديني تعليم حاصل ڪيائين، ۽ تفسير، حديث، فقه ۽ ٻين ڪيترن علمن ۾ تبحر حاصل ڪيائين، ايتري قدر جو پنهنجي وقت جو بلند پايه فقيه ۽ وڏو محدث شمار ڪيو ويندو هو. ديني علمن ۾ سندس ڪمال جو ذڪر امام سبڪي، طبقات الڪبريٰ ۾ ڪيو آهي. شيخ سعدي بوستان ۾ سندس ڏاڍي تعريف ڪئي آهي. ابن خلڪان، وفيات الاعيان ۾ لکيو آهي ته سندس ڀيٽ وارن ڏينهن ۾ سندس ثاني ڪونه هو.

حضرت شيخ الشيوخ سنه ٥٦٤ھ (١١٦٨ع) ۾ پنهنجي چاچي ۽ مرشد جي مسند تي رونق افروز ٿيو، ۽ لکين خدا جي ٻانهن کي روحاني فيض ڏئي سنه ٦٣٢ھ (١٢٣٤ع) ۾ وفات ڪيائين. سندس روحاني فيض نه فقط عراق تائين محدود هو، پر مصر، شام، حجاز ۽ برصغير پاڪ و هند جا ڪيترائي ماڻهو ڪانئس مستفيض ٿيا (٦). سندس وڏن خليفن مان هيٺين جا نالا قابل ذڪر آهن.

١- شيخ نجيب الدين علي برغش، جنهن جي ذريعي عجم ۾ سهروردي سلسلي جي وڏي اشاعت ٿي.

٢- شيخ نورالدين مبارڪ غزلوي، جنهن جي ڪوشش سان اتر هندستان ۾ سهروردي سلسلي کي فروغ حاصل ٿيو.

٣- شيخ ضياءالدين رومي.

٤- شيخ محمد يحيٰ.

٥- شيخ جلال الدين تبريزي، جنهن بنگال ۾ سهروردي سلسلو پکيڙيو.

٦- شيخ مصلح الدين سعدي شيرازي، ڪيس بيعت ۽ خلافت جو شرف حاصل ٿيو، پر مرشد سان گهڻو وقت رهڻ جو موقعو نه مليس.

٧- حضرت شيخ نوح بکري، بکر (سنڌ)

٨- حضرت غوث بهاءالحق زڪريا ملتاني، جنهن جي ذريعي سنڌ ۽ هند ۾ سهروردي سلسلو مشهور ۽ مقبول ٿيو ۽ ڪيترائي غير مسلم، اسلام جي نور سان منور ٿيا.

٩- قاضي حميدالدين ناگوري.

١٠- مولانا ماجدالدين.

اسلامي تعليم ۽ تصوف تي حضرت شيخ الشيوخ جا ڪجهه ڪتاب به ملن ٿا، جهڙوڪ:

١- جذب القلوب لي مواصلة المحبوب: هن جو موضوع تصوف آهي.

٢- شفءالنصائح: هن جو موضوع علم الڪلام آهي، ۽ ان ۾ ڪن ڪلامين جي اقوال ۽ نظريات جي ترديد آهي.

۳- اعلام الهدي: هن ۾ امام غزاليءَ جي ڪتاب ”المنقذ من الضلال“ وانگر، قديم فلاسافرن جي نظرين جو رد آهي.

۴- بهجة الاسرار: هن ۾ حضرت سيد عبدالقادر جيلاني جو سوانح ۽ مناقب بيان ٿيل آهن.

۵- عوارف المعارف: تصوف تي هڪ مبسوط ۽ جامع تصنيف آهي. هن ڪتاب ۾ اسلامي تصوف جا مختلف مسئلا بيان ڪيل آهن ۽ روحاني منزلون تفصيل سان سمجهايل آهن. خانقاهي سسٽم جا اصول، قواعد ۽ آداب به چڱيءَ طرح ذهن نشين ڪرايل آهن. هن ڪتاب کي سلوڪ جي صاحبن وٽان وڏي مقبوليت حاصل ٿي. نه فقط سهروردي سلسلي جي بزرگن وٽ هن ڪتاب کي بنيادي حيثيت حاصل هئي، پر چشتي سلسلي جا بزرگ به هي ڪتاب وڏي شوق ۽ ذوق سان پڙهندا هئا. ڪيترائي بزرگ هن ڪتاب جو باقاعده درس ڏيندا هئا. سنڌ ۾ به هي ڪتاب پڙهيو ويندو هو. ان جو ثبوت جمالي دهلويءَ جي بيان مان ملي ٿو. جڏهن هُو سير و سفر ڪندو، سنڌ ۾ آيو، ته حضرت مخدوم بلال سان به ملڻ ويو. هن ڏٺو ته ان وقت مخدوم صاحب ”عوارف المعارف“ جو مطالعو ڪري رهيو هو (۷).

عوارف المعارف عربي زبان ۾ آهي. بعد ۾ پارسي ۽ ٻين زبانن ۾ ان جا ترجما ٿيا. برصغير پاڪ و هند ۾ هن ڪتاب جو پارسي زبان ۾ ترجمو حضرت سيد محمد الحسيني المعروف به گيسودراز (وفات ۱۴۲۲ع) جي همعصر شيخ علاؤالدين بن علي بن محمد المهائمي، تفسير تبصيرالقرآن جي صاحب ”زوارف“ جي نالي سان ڪيو.

اردو زبان ۾ ان جو پهريون ترجمو، مولوي محمد احسن نانوتوي ڪيو، جيڪو نولڪشور پريس ۾ ڇپيو. ويجهڙائيءَ ۾ شمس بريلوي ان جو اردو ترجمو ڪيو آهي، جيڪو مدينه پبلشنگ ڪمپني طرفان ڇپيو آهي. ان کان سواءِ هڪ ٻيو ترجمو به ملي ٿو.

ترجمن کان سواءِ هن ڪتاب جون شرحون به لکيون ويئون. حضرت گيسو دراز عربي ۽ پارسي زبانن ۾ ان جون شرحون لکيون. ان کان سواءِ ٻين بزرگن به شرحون لکيون جهڙوڪ: شيخ عبدالقدوس گنگوهي، شيخ احمد فاروقي سرهندي مجدد الف ثاني، شيخ جمال‌الدين گجراتي، سيد اشرف بن ابراهيم سمناني ڪڇوڇوي، شيخ فريدالدين اجوڌني گنج شڪر (۸).

حضرت غوث بهاؤالحق زڪريا ملتاني: سندس وڏو ڏاڏو ڪمال الدين شاه قريشي مڪي معظم کان خوارزم آيو، ۽ پوءِ ملتان ۾ اچي سڪونت اختيار ڪيائين. حضرت زڪريا جي ولادت ملتان ۾ سنه ۵۶۵هه-۱۱۶۹ع يا ۵۶۶هه-۱۱۷۰ع ۾ ٿي، ۽ سنه ۶۶۱هه-۱۲۶۲ع ۾ وفات ڪيائين. ابتدائي تعليم ملتان ۾ حاصل ڪيائين. ان کان پوءِ بخارا ۽ مديني منوره مان تعليم پرايائين. بغداد ۾ شيخ شهاب الدين سهروردي جو مريد ٿيو. ملتان ۾ موٽي اچي وڏو مدرسو ۽ خانقاه قائم ڪيائين. سنڌ ۽ هند جا ڪيترائي سفر ڪري، اسلام جي تبليغ جو ڪم

سرانجام ڏنائين. ڪيترين ئي هندو ذاتين سندس هٿ تي اسلام قبول ڪيو. سنڌ ۾ به سندس ڪيترائي مريد ٿيا: ۽ سندس اولاد مان ڪيترائي لاڏي اچي سنڌ ۾ ويٺا. سندس ست پٽ ٿيا، جن مان وڏو صدرالدين عارف (وفات ١٢٨٥ع) هو، جيڪو ڪائنس پوءِ سجاده نشين ٿيو. حضرت عارف ڪان پوءِ حضرت رڪن الدين ابوالفتح (وفات ١٣٣٥ع) سجاده نشين ٿيو.

حضرت زڪريا سنڌ ۾ ڪيترائي تبليغي دورا ڪيا، جنهنڪري سنڌ (٩) ۾ سندس ڪيترائي مريد ٿيا. انهن مان ڪيترائي عالم فاضل ۽ روحاني رهنما ٿيا، جن ڪان ڪيترن ئي خدا جي پانهن روحاني فيض حاصل ڪيو. انهن مان ڪن بزرگن جو احوال هيٺ ڏجي ٿو:

سيد جلال الدين سرخ بخاري: جڏهن حضرت غوث بهاءالحق زڪريا ملتاني پنهنجي مرشد وٽ بغداد ۾ رهندو هو، تڏهن اتي سندس ملاقات سيد علي سان ٿي، جيڪو بخارا جو رهاڪو هو. اڪثر حضرت غوث جي روحاني منزل جي تعريف ڪندو رهندو هو. سندس فرزند سيد جلال الدين ان تعريف ڪان متاثر ٿي، ملتان آيو. سندس نسب جو سلسلو امام علي نقي سان ملي ٿو، جيڪو هن ريت آهي:

"جلال الدين، جلال سرخ بخاري بن ابوالمويد علي بن جعفر بن محمود بن احمد عبدالله بن علي اصغر بن عبدالله جعفر بن امام علي نقي."

ملتان ۾ حضرت غوث جو مريد ٿيو. اتان بکر ۾ آيو، جتي سيد بدرالدين جي ڌيءَ سان سندس نڪاح ٿيو. مائٽن جي اٻنٽ سبب ١٢٤٤ع ۾ بکر مان لاڏي وڃي اُچ ۾ ويٺو. سنڌ ۽ پنجاب ۾ ڪيترن ئي ماڻهن ڪائنس روحاني فيض پرايو، ۽ ڪيترائي ماڻهو سندس هٿ تي مسلمان ٿيا. ٩٥ سالن جي عمر ۾ سنه ١٢٩١ع ۾ وفات ڪيائين ۽ اُتي ئي مدفون ٿيو. کيس ٽي پٽ ٿيا: سيد احمد ڪبير، سيد بهاءالدين ۽ سيد محمد. مشهور بزرگ سيد جلال الدين عرف مخدوم جهانيان جهان گشت (وفات ١٣٨٤ع) سيد محمد جو فرزند هو: ۽ حضرت زڪريا جي پوٽي حضرت رڪن عالم جو مريد هو. دهليءَ جو بادشاهه فيروز تغلق سندس وڏو معتقد هو، ۽ کيس شيخ الاسلام جو عهدو سونپيو هئائين. سنڌ جا به ڪيترائي ماڻهو مخدوم جهانيان جهان گشت جا مريد هئا. سندس وڏن خليفن ۾ سنڌ جي ٻن بزرگن: شيخ بابو تاج الدين بکري ۽ سيد محمود بکري جا نالا اچي وڃن ٿا. هن خاندان جا ڪيترائي بزرگ سنڌ ۾ اچي رهيا، ۽ ڪنڊڪڙڇ ۾ پکڙيل آهن. منجهائن ڪيترائي عالم، فاضل، شاعر ۽ بزرگ ٿيا (١٠).

پير پٺو: سندس اصل نالو حسن، لقب شاهه عالم ۽ ڪنيت ابوالخير هئي، پر "شيخ پٺو" ۽ "پير پٺو" جي نالي سان مشهور ٿيو. سندس والد جو نالو "راڄپار" هو ۽ ذات جو "پلان" هو. ٺٽي جي ٻاهران ٽڪريءَ جي غار ۾ هميشه عبادت ۽ رياضت ۾ مشغول رهندو هو. هڪ ڀيري حضرت غوث ۽ حضرت قلندر شهباز سير و سفر ڪندا اچي ساڻس مليا. هو ڪائن ڏاڍو متاثر ٿيو،

۽ حضرت غوث جو مريد ٿيو. ڪيترن ئي ماڻهن ڪانئس روحاني فيض پرايو. مشهور بزرگ شاهه جميل گرناري (سيد عبدالهادي بن سيد عبدالعطاس) به سندس مريد هو، جنهن جو مقبرو سندس مقبري جي لڳ آهي.

پير پٺي سنه ٦٦٦هه (١٢٤٨ع) ۾ وفات ڪئي، سندس مقبرو انهيءَ جاءِ تي آهي، جتي ويهي عبادت ۽ رياضت ڪندو هو(١١).

سمن جي ڏينهن ۾ هندستان جي بادشاهه محمد تغلق ٺٽي تي ڪاهه ڪئي، پر ڪامياب نه ٿيو ۽ سنڌ ۾ ئي وفات ڪري ويو. ان کان پوءِ فيروز تغلق سنه ١٣٧١ع ۾ سنڌ تي ڪاهه ڪئي. ان وقت ٺٽي جو حاڪم ڄام بابينو هو، جنهن سندس ڀرپور مقابلو ڪيو ۽ کيس ڪامياب ٿيڻ نه ڏنو. الله تعاليٰ جي قدرت سان فيروز تغلق جي لشڪر ۾ اچي ڏڪر پيو. آخر اچ جي بزرگ حضرت جلال سرخ بخاري جي پوٽي حضرت مخدوم جهانيان جهان گشت وچ ۾ پئي پنهي جو ٺاهه ڪرايو، ڇاڪاڻ ته سنڌ جا سما حڪمران ۽ فيروز تغلق مخدوم صاحب جا معتقد هئا. ٺٽي جا ماڻهو ڏاڍو خوش ٿيا ۽ ان کي پير پٺي جي برڪت سمجهيائون. انهيءَ ڪري هي جملو عام خاص جي زبان تي اچي ويو.

”ببرڪت شيخ پٺو، هڪ مئو ٻيو ٺٺو.“

انهيءَ جملي کي شمس سراج عفيف ”تاريخ فيروزشاهي“ ۾ بگاڙي لکيو آهي (١٢). انهيءَ ڪري ڪن محققن ان کي اردو ٺهرايو آهي، ته ڪن سرائڪي. حالانڪ ان زماني ۾ ٺٽي ۾ اردو يا سرائڪي جو رواج ڪونه هو. اهو سنڌي جملو آهي.

شيخ ريحان جهنگلي: هي بزرگ رڪن پور ۾ مدفون آهي. حضرت غوث بهاءُالدين جو مريد هو. سندس پٽ شيخ دودي جي شهادت کان پوءِ حضرت قلندر شهباز عذر خواهيءَ لاءِ وٽس آيو هو(١٣).

مخدوم اسحاق: هالا ڪندي جو رهاڪو هو، ۽ ذات جو پٽي هو. غوث بهاءُالحق زڪريا جي درگاهه جو مريد هو. سندس ٻه فرزند مخدوم محمد ۽ مخدوم احمد (وفات ١٥٢٧ع) به وڏا بزرگ ٿي گذريا آهن. سنڌ جو حاڪم ڄام نظام‌الدين عرف ڄام ننڊو ڪانئن ڏاڍو متاثر هو(١٤). هن خاندان مان پيا به ڪيترائي عالم، فاضل، اهل الله ۽ شاعر ٿيا. مولود جو مشهور شاعر مخدوم عبدالرئوف پٽي (وفات ١٧٥٢ع) هن خاندان جو فرد هو.

شيخ پرڪيو ڪاتيار: مخدوم احمد ۽ محمد جو همعصر هو، ۽ ڳوٺ ڪاتيار جو رهاڪو هو. حضرت غوث جي درگاهه جو مريد هو. سنه ١٥٨٩ع ۾ وفات ڪيائين (١٥).

مخدوم لورنگ: عرف نورالله ذات جو پٽي هو ۽ ڳوٺ درياهه جو رهاڪو هو. حضرت غوث جي درگاهه باران ”لاڙ“ جو خليفو هو. ڪانئس پوءِ سندس پٽ مخدوم عبدالحميد گادي نشين ٿيو(١٦).

ملا خليفو سنڌي: اصل سومرن جي قديم گاديءَ واري هنڌ محمد طور جو رهاڪو هو. پوءِ لڏي اچي ساڪري ۾ آباد ٿيو. حضرت زڪريا جي درگاهه جو مريد هو(١٧).

حضرت غوث بهاءُالحق زڪريا جي اولاد سنڌ ۾: حضرت غوث جي اولاد مان ٻه ڪيترائي فرد لڏي اچي سنڌ ۾ آباد ٿيا ۽ پيري مريديءَ جو سلسلو قائم رکيائون. انهن مان ڪن بزرگن جو مختصر احوال هيٺ ڏجي ٿو.

شيخ فاضل قريشي: ٻارهين صدي هجريءَ ۾ لڏي اچي ڳوٺ ٻڪيرا ۾ ويٺو. ڪيس پنهنجو اولاد نہ ٿيو: انهيءَ ڪري سندس نياڻو شيخ شهرالله سندس سجاده نشين ٿيو. ان جي اولاد مان ڪيترائي بزرگ ٿي گذريا(١٨).

شيخ اسماعيل قريشي: بدين ضلعي جي هڪ ڳوٺ ۾ مدفون آهي. سندس اولاد مان هڪ ”ابن شاهہ“ نالي اتان لڏي اچي ڪرالي پرڳڻي جي هڪ ڳوٺ ۾ رهيو. جتي سندس اولاد وڌيو ويجهيو(١٩).

شيخ اسماعيل قريشي: شال جي سامهون ٽڪر جي پاسي ڏانهن، نئن جي ڪناري تي مدفون آهي(٢٠).

شيخ جيئو: مڪليءَ تي مدفون آهي. ڪيس ”مڪليءَ جو ڏيو“ چيو ويندو آهي. سندس اولاد مان شيخ نعمت الله بہ وڏو بزرگ ٿي گذريو آهي(٢١).

شيخ طله: مڪليءَ تي مدفون آهي(٢٢).

شيخ عالي: ترخاني دور ۾ ٺٽي ۾ اچي رهيو ۽ اتي ئي وفات ڪيائين. سندس اولاد مان ڪيترائي بزرگ ٿيا(٢٣).

شيخ ڪالو قريشي: هي بزرگ بہ ترخاني دور ۾ ٺٽي ۾ اچي رهيو. سندس اولاد مان ڪيترائي بزرگ ٿيا(٢٤).

مخدوم فضل الله: هي بزرگ بہ ٺٽي ۾ رهندو هو. سندس فرزند، ابوالفتح، محمد حسين ۽ عنايت الله بہ عالم ۽ فاضل ٿيا. ابوالفتح گجرات هليو ويو ۽ ”ڪليسر“ پرڳڻي جو قاضي ٿيو. اورنگ زيب عالمگير جي ڏينهن ۾ سورت جو قاضي هو(٢٥).

انهن کان سواءِ سنڌ ۾ هن خاندان جا پيا بہ ڪيترائي بزرگ ٿيا. پوئين زماني ۾ ڳوٺ ڪامارو (تعلقو ٽنڊو الهيار) جو بزرگ اشرف شاهہ (وفات ١٨١٤ع) سنڌي زبان جو بلند پايہ شاعر ٿي گذريو آهي. سندس شعر مولودن، مداحن، مناقبن ۽ ڪافين تي مشتمل آهي.

شيخ شهاب الدين عمر سهرودي جي اولاد سنڌ ۾: هن بزرگ جي اولاد مان ڪجهہ فرد سنڌ ۾ اچي رهيا. انهن جو مختصر احوال هيٺ ڏجي ٿو. سڀ کان پهريائين سندس انهن ڏهٽن جو ذڪر ڏجي ٿو، جيڪي حضرت قلندر لعل شهباز جا همعصر هئا:

۴- بابا فتح محمد غوث بن مسيح الاولياء: عالم، فاضل، شاعر ۽ اهل قلم، (وفات ١٦٦٩ع).

هن خاندان جا سنڌ ۾ عالم ۽ صوفي: هن خاندان مان سنڌ ۾ ڪيترائي عالم، فاضل ۽ صوفي بزرگ ٿيا، جهڙوڪ (۴۲):

١- مفتي عبدالواحد ڪبير ولد مولانا عبدالرحمان قادري: وڏو عالم، فاضل ۽ اهل قلم، مصنف "ڪشف الاسرار" وفات ١١٧١ع.

٢- مخدوم عبدالواحد صغير سيوستاني: سندس والد مخدوم دين محمد پاٽ مان لڏي اچي سيوهڻ ۾ رهيو. وڏو عالم، فاضل، شاعر ۽ فقيهه ٿي گذريو آهي. حنفي فقه ۾ ڪيس وڏو ملڪو حاصل هو ۽ ڪيس نعمان ثاني سڏيو ويندو هو. ان سلسلي ۾ "بياض واحدي" تمام گهڻو مشهور آهي. ٻيا ڪتاب به لکيائين. سنڌي ۽ پارسي ۾ سندس شعر به ملي ٿو. پارسي ۾ سندس "ديوان واحدي" يادگار آهي. سنه ١٢٢۴ هه-١٨٠٩ع ۾ وفات ڪيائين.

٣- مخدوم محمد عارف بن مخدوم محمد حسن بن مخدوم دين محمد: وڏو عالم ۽ فاضل، وفات ١٨۴٢ع.

۴- مخدوم محمد بن مخدوم محمد عارف: عارف ۽ مجذوب، وفات ١٨٩٨ع.

۵- مخدوم بصرالدين: وڏو عالم، فاضل، صوفي ۽ حڪيم.

شيخ ابوالنجيب عبدالقاهر سهروردي جي اولاد سنڌ ۾: هن بزرگ جي اولاد به سنڌ ۾ موجود آهي، جنهن سنڌ جي بيشمار ماڻهن کي روحاني فيض پهچايو. انهن بزرگن جو مختصر احوال هيٺ ڏجي ٿو:

شيخ ابوبڪر ڪتالي: حضرت شيخ ابوالنجيب جي اولاد مان شيخ ابوبڪر ڪتابي لڏي اچي پهريائين ملتان لڳ ڪوٽ ڪروڙ ۾ رهيو ۽ اتي ئي وفات ڪيائين. شيخ ابوالنجيب سان سندس نسب جو سلسلو هن طرح ملي ٿو:

"شيخ ابوبڪر ڪتاني بن شيخ اسماعيل بن شيخ عبدالله بن شيخ نصيرالدين بن شيخ سراج الدين بن شيخ ابوالنجيب" (۴٣).

شيخ ابوبڪر جو فرزند مخدوم فخرالدين سير و سفر ڪندو سنڌ ۾ آيو ۽ اچي بوبڪ ۾ رهيو. سيوهڻ ۾ وفات ڪيائين ۽ حضرت قلندر شهباز جي روضي جي آس پاس مدفون ٿيو (۴۴).

مخدوم نوح: مخدوم فخرالدين ڪبير جي اولاد مان مخدوم فخرالدين صغير بوبڪ مان لڏي اچي هالا ڪنڊي ۾ رهيو. هالا ڪنڊي ۾ سندس خاندان وڌيو ۽ ويجهيو ۽ ان مان ڪيترائي اهل الله پيدا ٿيا. سنڌ جو مشهور بزرگ مخدوم نوح سندس اولاد مان هو. مخدوم نوح جي نسب جو سلسلو مخدوم فخرالدين ڪبير تائين هن طرح آهي:

پهرين گهر واري جي وفات (٩٥٦ هه) کان پوءِ چوهاڻ قوم مان ٻي شادي ڪيائين. ان مان ٽي فرزند ٿيس:

١- مخدوم ابراهيم، ٢- مخدوم ميران محمد، ٣- مخدوم جلال محمد.

ان جي جيئري ئي ٽين شادي ڪيائين، جنهن مان پنج فرزند ٿيس:

١- مخدوم موسيٰ، ٢- مخدوم آدم، ٣- مخدوم هارون، ٤- مخدوم دائود، ٥- مخدوم يوسف. سندس سجاده نشين سندس وڏو فرزند مخدوم محمد امين ٿيو.

هن خاندان ۾ ڪيترائي شاعر ۽ بزرگ ٿيا. سندس درگاهه جو سجاده نشين مخدوم امين محمد سنڌي زبان جو باڪمال شاعر ٿي گذريو آهي. مخدوم صاحب جي مريدن مان به ڪيترائي اهل دل بزرگ ۽ شاعر ٿيا. انهن ڪيترن ئي خدا جي ٻانهن کي فيض رسايو. شاهه عبدالڪريم بلڙي وارو سنڌي زبان جو قديم ۽ عظيم شاعر آهي. هو مخدوم صاحب جو مريد هو. سيد علي ثاني شيرازي ٺٽوي به سندس مريد هو، جنهن جو به هڪ سنڌي بيت مليو آهي. سندس مريدن مان ٻيون وڏو بزرگ ۽ عالم مخدوم گودڙيو آهي، جنهن جو تعارف هيٺ ڏجي ٿو:

<u>مخدوم بهاؤالدين گودڙيو:</u> ٺٽي جو ويٺل هو ۽ ذات جو سيمڻ هو. وڏو عالم فاضل هو. لکڻ پڙهڻ جو ڏاڍو شوق هوندو هوس. ڪي ئي ڪتاب پنهنجي هٿ سان لکي عاليشان لائبريري ٺاهيائين. پهريائين ٺٽي جي درويش موسيٰ جو مريد هو؛ پوءِ مخدوم نوح جو مريد ٿيو. سندس لائبريري ٺٽي جي مغل گورنر شريف الملڪ يڪ چشم ساڙائي ڇڏي، انهيءَ ڪري جو شهزادو شاهجهان جڏهن پيءُ کان ناراض ٿي سنه ١٠٣٥هه- ١٦٢٥ع ۾ سنڌ ۾ آيو هو، ته شريف خان سندس مخالفت ڪئي هئي. انهيءَ ڪسمپرسيءَ جي حالت ۾ هو مخدوم گودڙئي وٽ آيو، جنهن سندس آدرڀاءُ ڪيو هو ۽ مهماني ڏني هئي. ان تي شريف خان ڪاوڙجي مخدوم صاحب جي گهر کي باهه ڏياري ۽ کيس جيل ۾ رکيو. ان ۾ سندس ڪتاب سڙي ويا. البت سندس هٿ اکرن ۾ لکيل قرآن مجيد جو اهو پارسي ترجمو بچيو آهي، جنهن جو ذڪر مٿي اچي چڪو آهي. مخدوم صاحب ٻارهين صدي جي پوئين اڌ ۾ وفات ڪئي. سندس مزار مڪلي ٽڪريءَ تي آهي.

<u>مخدوم نوح جا ٻيا مريد:</u> مخدوم صاحب جي ٻين مريدن مان ڪن جا نالا هي آهن.

١- سيد ساجن سوائي، اصل ويٺل متياري، پوءِ ڳوٺ ڪوچو (علائقو ونگو ۽ ولهار).

٢- سيد ابوبڪر لڪياري (ڳوٺ آراضي، لڪ سيوهڻ).

٣- قاسم ڪوري، ويٺل هالا.

٤- درويش قطب.

٥- صابر سومرو، ويٺل هڱڙي، پرڳڻو ٻنورو.

تاريخ فيروزشاهي ۽ تاريخ معصومي ۾ آيو آهي، ته حضرت قلندر شهباز جنهن زماني ۾ سيوهڻ ۾ رهيل هو، انهن ڏينهن ۾ ملتان جي گورنر سلطان محمد ولد غياث الدين بلبن (هندستان جو بادشاهه) هڪ مجلس تيار ڪرائي، جنهن ۾ عربي سرود ٿيو. ان ۾ حضرت شيخ صدرالدين عارف به موجود هو. پني بزرگ وجد جي حالت ۾ اچي رقص ڪرڻ لڳا. سلطان محمد هٿ ٻڌيون پيرن پر بيٺو هو ۽ زار زار پئي روئين. الهيءَ ئي زماني ۾ سلطان محمد کين ملتان ۾ رهڻ لاءِ عرض ڪيو، پر اتي رهڻ قبول نه ڪيائون ۽ سنڌ ۾ رهڻ کي پسند فرمايائون (٥٤):

## حوالا

(١) خواجه معين الدين چشتي اجميري: دليل العارفين، اردو ترجمه، هشت بهشت اردو ۾ چيپل، ص ٥٤ - خواجه فريدالدين گنج شڪر: راحت القلوب، اردو ترجمه، هشت بهشت، ص ١٩٢.

(٢) عوارف المعارف، اردو ترجمه، مدينه پبلشنگ ڪمپني ڪراچي، ١٩٧٧ع، مقدمه از: شمس بريلوي، ص ١٠٣.

(٣) السبڪي: طبقات الڪبريٰ، ج ٤؛ ص ٢٥٦؛ ابن خلڪان: وفيات الاعيان، ج ١، ص ٢٩٩؛ جامي: نفحات الانس، ص ٥٤٢ کان ٣٧٤؛ عزالدين محمود ڪاشاني: مصباح الهدايه، ص ٢٨.

(٤) سيد عبدالحي، مولانا حڪيم: اسلامي علوم و فنون هندستان مين، اردو ترجمه، ابوالعرفان ندوي، دارالمصنفين اعظم ڳڙهه، ١٩٧٠ع، ص ٢٥٧.

(٥) ايضاً، ص ٢٥٩.

(٦) ابي العباس شمس الدين احمد بن محمد: وفيات الاعيان، مرتب: محمد محي الدين عبدالحميد، مڪتبه النهضته المصريته قاهره، ١٩٤٩، ج ١، ص ٣٨٠ - عوارف المعارف، اردو ترجمه، مقدمه، ص ١٠٣ کان ١١٦.

(٧) حامد بن فضل الله جمالي: سيرالعارفين، اردو ترجمه: ڊاڪٽر محمد ايوب قادري، مرڪزي ادبي بورڊ لاهور، ١٩٧٦ع، ص ١٧٤.

(٨) اسلامي علوم و فنون هندستان مين، ص ٢٦٩ کان ٢٨٢.

(٩)* مفتي غلام سرور لاهوري: حديقة الاولياء، اردو ترجمو، اسلامڪ بوڪ فائونڊيشن لاهور، ١٩٧٦ع، ص ١٧٤ کان ١٤٨.

* حامد بن فضل الله جمالي: سيرالعارفين، اردو ترجمه، ص ١٤٣ کان ٢٠٨.

* محمد غوثي: گلزار ابرار، اردو ترجمه، ١٩٧٥ع لاهور، ص ٥٥ ۽ ٥٦.

* سيد عبدالقادر ٺٽوي: حديقة الاولياء، سنڌي ادبي بورڊ، ص ٧ کان ٣٧.

(١٠) * سير العارفين، ص ٢٢٤.
* اخبار الاخيار، ص ٦١.
* تحفة الكرام، ص ١٢٦-٢٢٥.
* سيد صباح الدين عبدالرحمان: بزم صوفيائے سند، ص ١٤٩،٤٣٩.

(١١) حديقة الاولياء، سنڌي ادبي بورڊ، ص ٤٥-٤٨. تحفة الڪرام، سنڌي ترجمو، ص ٦١٨-٦١٩.

(١٢) شمس سراج عفيف: تاريخ فيروز شاهي، ص ٢٣٠.

(١٣) تحفة الڪرام، سنڌي ترجمو، ص ٥٤٦-٥٤٥.

(١٤) حديقة الاولياء، سنڌي ادبي بورڊ، ص ٩٨ ۽ ١٠٠. تحفة الڪرام، سنڌي ترجمو، ص ٣٧٧-٣٨١.

(١٥) حديقة الاولياء، ص ١٧٥-١٨٣. تحفة الڪرام، ص ٤٠٣-٤٠٦.

(١٦) تحفة الڪرام، ص ٤١٠.

(١٧) تحفة الڪرام، ص ٦٢١.

(١٨) ايضاً، ص ٤٠٣-٤٠٦.

(١٩) ايضاً، ص ٤١٥ ۽ ٤٤٠.

(٢٠) ايضاً، ص ٤٥٢.

(٢١) ايضاً، ص ٦١٠. حديقة الأولياء، ص ٦١-٦٢. تحفة الطاهرين: سنڌي ادبي بورڊ، سال ١٩٥٦ع، ص ٣٨.

(٢٢) تحفة الڪرام، ص ٦١١. تحفة الطاهرين، ص ٣١٠.

(٢٣) تحفة الڪرام، ص ٥٢٥-٥٢٨. تحفة الطاهرين، ص ٩٣-٩٢.

(٢٤) تحفة الڪرام، ص ٥٢٨-٥٣٠.

(٢٥) ايضاً، ص ٥٥٣.

(٢٦) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ميين شاهه عنات جو ڪلام، سنڌي ادبي بورڊ، سال ١٩٦٣ع، مقدمو ص ٢٣-٢٢. بحواله "شجره طيبه سادات نصرپور" از سيد ضياء الدين رضوي نصرپوري.

(٢٧) تحفة الڪرام، سنڌي ترجمو، ص ٣١٣.

(٢٨) سيد قمبر علي شاهه رضوي: شجره سادات (ڏسو: حديقة الأولياء، سيد عبدالقادر ٺٽوي، مقدمو: پير حسام الدين راشدي، سنڌي ادبي بورڊ، مقدمو ص ٣٥.

(٢٩) ميين شاهه عنات جو ڪلام، مقدمو ص ٢٥. تحفة الڪرام ص ٤١١.

(٣٠) ميين شاهه عنات جو ڪلام، مقدمو، ص ٢٥.

(۳۱) معين الحق جھونسوي: منبع الانساب (ڏسو: حديقة الاولياء، مقدمہ، ص ۳۷).
(۳۲) * منبع الانساب ۽ شجره سادات (حديقة الاولياء، مقدمہ، ص ۳۸-۳۷).
* تحفة الڪرام، ص ۲۹۷.
* نزهة الخواطر، ج ۱، ص ۱۷۱.
(۳۳) منبع الانساب (حديقة الاولياء، مقدمہ، ص ۳۸).
(۳۴) * شجره سادات ۽ منبع الانساب (حديقة الاولياء، مقدمہ، ص ۳۸-۴۰).
* نزهة الخواطر ج ۱، ص ۱۷۳.
(۳۵) تحفة الڪرام، ص ۴۱۰.
(۳۶) ايضاً، ص ۵۰۴-۵۰۳.
(۳۷) محمد ابراهيم ٺٽوي، مخدوم: تڪملہ مقالات الشعراء، مرتب: پير حسام الدين راشدي، سنڌي ادبي بورڊ، ۱۹۵۸ع، حواشي، ص ۲۷۹.
(۳۸) تحفة الڪرام، ص ۵۰۳- ۵۱۰.
* مقالات الشعراء: مير علي شير قانع ٺٽوي، سنڌي ادبي بورڊ.
* تڪملہ مقالات الشعراء مڪلي نامہ: مير علي شير قانع، سنڌي ادبي بورڊ، ۱۹۶۷ع، حواشي مڪلي نامہ: پير حسام الدين راشدي.
(۳۹) تحفة الڪرام، ص ۲۱۵-۳۱۴.
(۴۰) ايضاً، ص ۴۱۱ ۽ ۵۶۱.
(۴۱) * محمد مطيع الله راشد برهانپوري: برهانپور ڪے سندهي اولياء سنڌي ادبي بورڊ، ۱۹۵۷ع، ص ۱ کان ۱۸۰.
* محمد غوثي شطاري: گلزار ابرار (اردو ترجمہ) ۱۹۷۵ع، ص ۴۲۶- ۴۳۳.
(۴۲) دين محمد وفائي، مولانا: تذڪره مشاهير سنڌ، سنڌي ادبي بورڊ، ۱۹۷۴ع، ص ۱۵۶ - ۲۵۴.
(۴۳) تحفة الڪرام، ص ۳۸۳.
(۴۴) اعجاز الحق قدوسي: تذڪره صوفيائے سنڌ، اردو اڪيڊمي سنڌ ڪراچي، ۱۹۵۹ع، ص ۲۸۳، بحوالہ دليل الذاڪرين (قلمي)، ص ۱۶۹.
(۴۵) حضرت مخدوم نوح: مسلم ادبي سوسائٽي، ص ۱۱، ۱۳ ۽ ۱۴.
(۴۶) ايضاً، ص ۲۴ ۽ ۲۵.
(۴۷) حديقة الاولياء، ص ۱۳۹.
(۴۸) حضرت مخدوم نوح، ص ۴۳.
(۴۹) ايضاً، ص ۲۱ کان ۲۴.

(٥٠) تحفة الڪرام، ص ٤١٨، ٤١٩، ٣٨٦، ٤٠٦، ٤٢٣، ٤٢٩، ٤٤٥، ٦١٣ ۽ ٦١٤.

(٥١) * تحفة الڪرام، ص ٣١٥.

* حديقة اولياء، ص ٦٩-٤١.

(٥٢) * تحفة الڪرام، ص ٩٧ ۽ ١٤٩-٢٤٨.

(٥٣) ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، ڊاڪٽر: تذڪره شهباز، سنڌي ادبي اڪيڊمي لاڙڪاڻو چاپو ١٩٦٩ع، ص ٨٠-٧٩.

(٥٤) * برني: تاريخ فيروز شاهي، سيد احمد خان ايڊيشن، ص ٦٨-٦٧.

* تاريخ معصومي، سنڌي ترجمو، ص ٤٠.

* لب تاريخ سنڌ، ص ٣٥.

* ماثرالڪرام، ج ١، ص ٢٨٧-٢٨٥.

* نزهتہ الخواطر، ص ٢٥٦.

* تاريخ فرشتہ، ج ١، ص ١٢٩.



ميرزا عباس علي بيگ

# بلبلِ بستانِ ٺٽم

(مرزا عباس علي بيگ سنڌ جي انهن چند خوشنصيب انسانن مان آهي، جن وٽ سنڌ جي تاريخ خصوصاً ٽالپرن ۽ ڪنهن حد تائين ڪلهوڙن واري دور متعلق، مواد ۽ معلومات آهي. هو صحيح معنيٰ ۾ سنڌ جي تاريخ جو طالب العلم آهي ۽ سنڌ جي تاريخنويسن سان قريبي تعلقات اٿس. مرزا صاحب مهرباني فرمائي اهو قبول ڪيو آهي ته پاڻ "سنڌ جي تاريخ جا گمنام ورق" عنوان هيٺ، مهراڻ جي هر پرچي لاءِ هڪ مضمون ڏيندو. انهيءَ سلسلي جو هي پهريون مضمون قارئين ڪرام جي مطالعي لاءِ پيش ڪجي ٿو ـــ ادارو).

---

سما حڪومت جو آخري تاجدار ڄام نظام الدين (٨٦٦هه کان ٩١٤هه) ۽ خراسان جو آخري تيموري سلطان شاهه حسين بايقراءِ (٨٦٢هه کان ٩١٢هه) ٻئي هم عصر ۽ دوست بادشاهه هئا. هنن جي دوستي سبب ٺٽو ۽ هرات هڪڙي ئي وقت ۾ شاعرن ۽ عالمن جا مرجع بڻيل هوا. خدا جي قدرت، جڏهن ايران ۾ تيموري سلطنت جو خاتمو ٿيو تڏهن سنڌ ۾ به سما حڪومت ختم ٿي.

مذڪوره دور ۾ ايران جي ڪيترن حصن تي تيموري مغل راڄ ڪندا هئا، تنهنڪري ايرانن لاءِ خاص لفظ "مغل" يا "ولايت زا" استعمال ٿيندو هو. اهو ئي سبب هو جو ڄام نظام الدين جي دور حڪومت ۾ ٺٽي ۾ سندس يادگار "مغلپوره" سرڪاري خرچ تي تعمير ٿيو ته جيڪي به ايراني عالم، فاضل ۽ شاعر سنڌ ۾ اچن ته اچي مغلپوره (ٺٽي) ۾ پنهنجو مسڪن ڪن.

جڏهن بابر بادشاهه، ڪابل ۽ قنڌار پنهنجي هٿان وڃائي ويٺو، تڏهن آن وقت سما حڪومت کان پوءِ سنڌ ۾ خانه جنگي ڏسي (سنه ١٥٢٠ع-٩٢٧هه) شاهه حسين بايقراءِ جي اميرن مان چند ارغوني خاندان جا فرد، سڌا سنڌ ۾ وارد ٿي پنهنجي حڪومت جو از سرِ نو بنياد وجهي سنڌ جا حاڪم ٿي ويا.

ارغونن جي دؤر ۾ بہ تاريخ ۾ اسان کي بيشمار جيد علماء، فقها، مذهبي پيشوا، اهل علم ۽ اهل قلم ملن ٿا. جي قافلن جي صورت ۾ ايران مان نڪري سنڌ ۾ وارد ٿيا. هنن جي آمد جو سلسلو ڄام نظام الدين جي زماني کان ئي شروع ٿي چڪو هو، جنهن جو هڪڙو مثال، بقول صاحب "تاريخ معصومي" هي آهي تہ علامہ جلال الدين دواني (المتوفي ١٥٠٢ع-٩٠٨هه) سنڌ ۾ اچڻ لاءِ تيار ٿيو. راه جو خرچ بہ ڏانهس موڪليو ويو، ليڪن افسوس جو خرچ پهچڻ کان اڳ مولانا لاڏاڻو ڪري ويو، سو ارغوني دؤر ۾ ايرانين جي آمد جو سلسلو رُڪجڻ جي بجاءِ پاڻ تيز ٿيندو ويو، جنهن جي نتيجي ۾ جيڪي بہ ايراني سنڌ ۾ اچي ساڪن ٿيا تن وري ڪڏهن بہ واپس وڃڻ جو نالو زبان تي نہ آندو. مطلب تہ سڀڪو عالم يا شاعر، ايران مان ڪوچ ڪرڻ وقت، ڪابل ۽ قنڌار واري رستي کان (سنڌ) ٺٽي ۾ وارد ٿي دائما ساڪن ٿيندو هو. ۽ جي هندوستان وڃڻ جو ارادو هوندس تڏهن بہ پهرين ٺٽي ۾ ڪجھ عرصو رهي پوءِ ٺٽي مان نڪري بکر واري رستي کان ملتان، لاهور مان ٿيندو وڃي دهلي ۽ آگري کان نڪرندو هو.

ارغون حڪمرانن مان سنڌ جو پهريون حاڪم ميرزا شاه بيگ ارغون ۽ سندس فرزند ميرزا شاه حسن ارغون، هي ٻئي پيءُ پٽ، شاعر ۽ صاحب علم و فضل فرمانروا هئا. اڪثر هنن جو وقت علماء جي صحبت ۾ صرف ٿيندو هو. ميرزا شاه بيگ جو تخلص "نفسي" هو ۽ ميرزا شاه حسن بيگ جو تخلص "سپاهي" هو.

ارغونن جي حڪومت کان پوءِ (سنہ ٩٦٢هه-١٥٥٥ع) ترخان گهرائي سنڌن مسند والاري هي گهرائو بہ سرڪاري مصروفيت سان گڏ علم جي حصول ۾ سرگردان رهيو. هن خاندان مان سنڌ جو آخري حاڪم ميرزا جاني بيگ ترخان ۽ سندس فرزند ميرزا غازي بيگ ٻئي شاعر ۽ عالم هئا. ميرزا جاني بيگ جو تخلص "حليمي" هو، ميرزا غازي بيگ جو تخلص "وقاري" هو.

ارغون حڪومت بعد، عوام جي دلين تي سابقہ حڪومتن جي علم پروري ۽ عالمن، شاعرن، اديبن ۽ اهل فن جو اجتماع اڪين اڳيان پئي ڦريو، تنهنڪري ترخان حڪومت بہ مناسب سمجهي سابقہ روايتون قائم رکيون تہ جيئن سنڌ جو علمي ۽ ادبي طبقو حڪومت کان خوش رهي. جنهنڪري مذڪوره حڪومت پنهنجي دربار ۾ ڪيترائي ملڪي خواه غير ملڪي (ايراني) عالم، فاضل، اديب ۽ شاعر گڏ ڪيا، جن جي معزز طبقي تي حقيقي عزت افزائي ٿيندي هئي. انهن شهرهٔ آفاق شاعرن مان، مير سنجر طباطبائي ڪاشاني، ميرزا جاني بيگ جي شمع انجمن سخن جو پروانو بنجي ايران مان (سنہ ٩٩٩هه-١٥٩٠ع) ٺٽي ۾ آيو ۽ ميرزا جي بندگان درگاه ۾ داخل ٿيو ۽ بعد ۾ اڪبر بادشاه جي دربار جي زينت بڻيو.

مير محمد هاشم المتخلص بہ "سنجر" طباطبائي سيد خاندان مان هو. صاحب "ميخانہ" کان منقول آهي تہ "سنجر جا جملہ غزليات ۽ قصيده وغيره فصيح و بليغ آهن ۽ سخن گستري سبب اڪثر قدر و منزلت تي ظهور پذير ٿيل آهي. عرفي کان بعد استعارن جي استعمال ڪرڻ ۾

ديوان سنجر، مثنوي، قصائد، غزليات ۽ رباعيات تي مشتمل آهي.

مير سنجر، جن جي مدح سرائيءَ ۾ قصائد چيا آهن، تن جا اسماء گرامي هي آهن: شهزاده دانيال، سليم، خسرو، فيروزجنگ، چين قليچ خان، غياث الدين وزير، شاهنواز دکني، اڪبر بادشاه، ميرزا جاني بيگ، ميرزا غازي بيگ وغيره.

مير سنجر، ميرزا جاني بيگ ۽ ميرزا غازي بيگ جي قدرداني جو پرورده هو. هن ٻنهي پيءُ پٽ جي مدح ۾ قصيده چيا آهن، جن ۾ گرميءَ مضامين جي جيڪا ڪيفيت آهي سا ٻين جي مدح ۾ چيل قصيدن کان بلڪل مختلف آهي.

عبدالباقي نهاوندي کان منقول آهي تہ ملا مرشد بروجردي، ملا اسد قصہ خوان، ميرزا فصيحي انصاري، محوي اردبيلي، سروري يزدي، شمسائي زرين قلم، مير عبدالباقي قصہ خوان، ميرالهي اسد آبادي، ملا شافي تڪلو وغيره. هي سمورا ميرزا جاني بيگ ۽ ميرزا غازي بيگ جي ڏربار ڏربار جا آفتاب و ماهتاب هئا.

ديوان سنجر ۾ ميرزا جاني بيگ ۽ ميرزا غازي بيگ جي مدح ۾ ۳ قصيده موجود آهن. ميرزا جاني بيگ ۽ ميرزا غازي بيگ ٻئي سخن فهم ۽ سخن سنج هئا. (سنہ ۱۰۰۹هہ-۱۶۰۰ع) ۾ ميرزا جاني بيگ اڪبر بادشاه جي نظربنديءَ ۾ سرسام جي مرض و گهي وفات ڪئي. ميرزا غازي بيگ، جهانگير بادشاه طرفان جڏهن قندار جو گورنر هو تڏهن (سنہ ۱۰۲۱هہ-۱۶۱۲ع) ۾ عبداللطيف نالي سندس غلام کيس زهر ڏنو، جنهن سبب وفات ٿي. ٻنهي جون لاشون ٺٽہ ۾ آيون، جي ڪوهہ مڪلي تي دفن ٿيل آهن.

جيئن تہ مير سنجر جا مذڪور قصيده، هن کان اڳ ڪنهن بہ ڪتاب يا رسالي ۾ شايع ٿيل نہ آهن، تنهنڪري مناسب سمجهي هيٺ ڏجن ٿا تہ جيئن ترخان گهراڻي جي ادبي تاريخ تي لکندڙ اديبن کي ضرورت وقت ڪم اچي سگهن.

ٽئي قصيدا ميرزا جاني بيگ ۽ ميرزا غازي بيگ جي مدح ۾ چيل آهن، جن جي مطالعي بعد معلوم ٿيندو تہ مير سنجر مذڪوره قصيده، ميرزا جاني بيگ ۽ ميرزا غازي بيگ جن کان جدا ٿي ۽ ٿوءِ گهڻي عرصي بعد هندوستان ۾ چيا آهن. يعني پهريون قصيده جڏهن ميرزا جاني بيگ، اڪبر بادشاه وٽ نظربند هو ۽ ٻيو قصيده جڏهن ميرزا غازي بيگ قندار جو گورنر هو، پر سنجر نهايت مشڪل وقت قصيده چيا اٿس. اهڙي ڏک درد جي وقت، جڏهن کيس ٻنهنجي مربيجات جا احسان، نوازشون، بخششون، سخاوتون، علم پروري ۽ عدل و انصاف ياد پون ٿا، جن کي مدنظر رکي ان سان گڏ ٺٽي شهر جي تعريف بيان ڪري، پاڻ کي "ٺٽي جي گلستان جي بلبل" سان منسوب ٿو ڪري. اهو هڪ بين ثبوت آهي تہ جاني بيگ ۽ غازي بيگ، سنجر جي مذڪوره قصيدن چوڻ وقت سنڌ جا حاڪم نہ هئا، بلڪ هو غريب الديار ۽ اڪبر بادشاه جا ستايل هئا، پر اها ڳالهہ پڻ ڏسائي ٿي تہ، جڏهن هي پيءُ پٽ سنڌ جا

برگو بزبان بي زباني — كاي قبلہء راستانِ تتہ
بحر است ز راه بي نشاني — بوي سيمن از جهانِ تتہ
وا نگاه ز من غزل سراشو — بر درگہِ قهرمانِ تتہ
از گفتہ من گهر فشان شو — بر تارکِ درفشانِ تتہ
جرمرتبہء "**ميرزائي غازي**" — آن تاج سركيانِ تتہ
كاي رايتِ كاويانِ تتہ — ت وي رستمِ داستانِ تتہ
اي وارثِ تاج و تخت **ترخان** — وي حارس و پاسبانِ تتہ
برمسندِ **سندهم** شاد بنشين — اي شاه ملک نشانِ تتہ
از مهر بر آب برخلائق — اي اخترِ آسمانِ تتہ
اكنون ز تواند ديده روشن — ز عيانِ نسب عيانِ تتہ
"**سنجر**" بدعا گهر فشان شو — بس تيشہ زدي بكانِ تتہ
تا خلق سراغ جهد گيرد — تا دهر دهد نشانِ تتہ
صد همچو نيست غزل سراباد — اي نوگلِ بوستانِ تتہ

هان اي دراي "**شاه غازي**"
هان جانِ شماؤ جانِ تتہ



قريشي حامد علي "خاڪائي"

# محفوظ

## (سنڌ ۾ عرب دؤر جي فوجي ڇانوڻي)

هن برصغير هند و پاڪ ۾ سنڌ ئي سڀ کان پهريون صوبو هو، جتي اسلام جي روشني سڀ کان اول پهتي. سن ۱۲-۷۱۱ع ۾ محمد بن قاسم سنڌ کي فتح ڪري هتي اسلامي رياست جو بنياد رکيو. اهڙيءَ ريت سنڌ تي عربن تقريباً ٽي صديون، ڪن حڪمراني ڪئي، ۽ انهيءَ سموري عرصي ۾ هنن ڪيترائي نوان شهر ۽ بستيون سنڌ ۾ آباد ڪيون. "محفوظ"، "منصوره" ۽ "بيضاء" وڏا ۽ اسلامي تهذيب ۽ تمدن جا ۽ اهم مرڪز هئا. انهن ئي آباد ڪيل شهرن مان "محفوظ" عربي دؤر حڪومت ۾ سنڌ اندر هڪ وڏي فوجي ڇانوڻيءَ وارو شهر هو. اهو شهر سنڌو درياهه مان نڪرندڙ هڪ شاخ جي ڇوڙ وٽ ڪناري سان آباد هو. پر پوءِ زماني جي انقلابن ۽ حادثن هن شهر کي اهڙو ته اجاڙيو ۽ تباهه ۽ برباد ڪيو جو اهو وري آسري نه سگهيو ۽ هميشه لاءِ صفحي هستيءَ تان ميسارجي ويو: ايتري قدر جو اڄ ان جي جاءِ وقوع جو به ڪو پتو نشان يقين سان ملي ڪونه ٿو سگهي. عربي دور ۾ هي شهر فوجي لحاظ کان وڏيءَ حيثيت جو مالڪ هو. هن شهر جو اهو اڳوڻو اوڄ، شان ۽ شوڪت، جاهه ۽ جلال سڀ ختم ٿي مٽيءَ ۾ دٻجي ويو. اهي محل ۽ ماڙيون، حاڪمن ۽ اميرن جون حاويليون ۽ فوجن جي رهڻ جون جايون سڀ زماني جي لهر ۾ لڙهي برباد ٿي ويون. اڄ هن شهر جا کنڊرات دڙن جي صورت ۾ خاموش زبان سان پنهنجي ماضيءَ جي عظمت جو داستان ٻڌائي رهيا آهن. عربن جي دور ۾ سنڌ اندر جيڪي به بستيون ۽ شهر آباد هئا، اهي بدقسمتيءَ سان سڀ موجوده دور ۾ ڦٽي تباهه ٿي ويا آهن. انهن جو ڪوبه صحيح ۽ مستند نقشو به هن وقت ملي نه سگهيو آهي. اگرچ انهيءَ ڏس ۾ قديم آثار وارن ڪن مرڪزن جي کوٽائي به ڪرائي آهي ۽ ڪافي ڪجهه دفينو انهن برباد ٿيل شهرن مان هٿ آيو آهي، پر اڃا به انهيءَ سلسلي ۾ ڪو تسلي بخش ڪم نه ٿيو آهي. اسان هت انهيءَ عربي دور جي هڪ قائم ڪيل لئين بستي "محفوظ" جو ذڪر تاريخ جي روشنيءَ ۾ ڪريون ٿا:

محمد بن قاسم پهرئين صدي هجريءَ جي آخر ۾ سنڌ کي فتح ڪيو ۽ قريباً سوا سو سال سنڌ پهرئين دمشق ۽ پوءِ بغداد جو حصو بنجي رهيو. ان قديم دور ۾ سنڌ اسلامي سلطنت

اندر هڪ وڏي اهميت وارو صوبو هو. جمادي الثاني سن ٩٦هه/١٣ ٧ع ۾ خليفي وليد بن عبدالملڪ وفات ڪئي ۽ سليمان بن عبدالملڪ اسلامي سلطنت جو خليفو بڻيو. هن يزيد بن مهلب کي عراق جو والي مقرر ڪيو. يزيد بن مهلب خليفي جي اشاري تي فاتح سنڌ محمد بن قاسم کي گرفتار ڪرائي مارائي ڇڏيو. تاريخ ٢٠- صفر ٩٩هه -٧١٧ع ۾ سليمان بن عبدالملڪ وفات ڪري ويو، ۽ سندس وصيت مطابق عمر بن عبدالعزيز اسلامي دنيا جو خليفو بڻيو. ليڪن جلد ئي عمر بن عبدالعزيز وفات ڪئي ۽ ڪانئس پوءِ سن ١٠١هه-٧١٩ع ۾ يزيد بن عبدالملڪ خلافت جي گاديءَ تي ويٺو. يزيد ٢٥- شعبان ١٠٥هه-٧٢٣ع ۾ فوت ٿيو. هن جي مرڻ کان پوءِ هشام بن عبدالملڪ خلافت جي گاديءَ تي ويٺو. هن سن ١٠٥هه-٧٢٣ع ۾ عراق جي والي عمر بن هبيرة کي معزول ڪري خالد بن عبدالله القسريءَ کي عراق جو والي مقرر ڪيو[١-٢].

مٿي بيان ڪيل سياسي تبديلين ۽ ڦيرين گهيرين جو اثر اسلامي سلطنت جي ڏورانهن ڏيهن ۽ صوبن تي تمام گهڻو پيو. سنڌ پڻ انهن دور دراز صوبن مان هڪ هو، جنهن تي انهن سياسي ڦيرين گهيرين جو وڏو اثر پيو. هشام بن عبدالملڪ جي دور خلافت ۾ ٧٣٠-٧٢٥ع جنيد بن عبدالرحمان سنڌ جو گورنر ٿي آيو هو. هن جي گورنريءَ جي ايام ڪاريءَ ۾ سنڌ اندر مقامي ماڻهن اسلامي سلطنت کان خود مختياريءَ جي تحريڪ هلائي ۽ انهيءَ تحريڪ ان زماني ۾ سنڌ اندر وڏو زور ورتو. ڪيترائي اهم شهر ۽ علائقا مسلمانن جي قبضي مان نڪري چڪا هئا. انهيءَ تحريڪ جي وڌندڙ سيلاب کي بند ڪرڻ لاءِ جنيد بن عبدالرحمان نهايت ئي سختيءَ کان ڪم ورتو. هن جي سنڌ ۾ اچڻ وقت "برهمڻ آباد" جو حاڪم هڪ نومسلم جئسين هو[٣]. هن جنيد جي خلاف بغاوت ڪري برهمڻ آباد جي قلعي جي ٻاهران عرب فوجن جو سخت مقابلو ڪيو، جنهن ۾ جئسين خود وڙهندي قتل ٿي ويو. جنيد سنڌ ۾ ڇهه سال گورنر ٿي رهيو ۽ سندس اهو سمورو عرصو ڏهڪاءَ ۽ دهشت وارو رهيو. ماڻهن ۾ هميشه خوف ۽ هراس ڇانيل رهندو هو. هن اسلامي رياست جي خلاف باغين کي تمام سخت سزائون ڏنيون ۽ ڪافي اهم مرڪز مسلمانن وري واپس حاصل ڪيا[٤].

سن ١١١هجريءَ ۾ جنيد کي سنڌ جي گورنريءَ تان معزول ڪيو ويو. عراق جي واليءَ خالد بن عبدالله قسريءَ هن جي جاءِ تي تميم بن زيد عتبيءَ کي سنڌ جو گورنر ڪري موڪليو. تميم بن زيد عتبي انهن ماڻهن مان هو جيڪي محمد بن قاسم سان گڏجي سنڌ جي مهم تي آيا هئا ۽ سنڌ جي فتح کان پوءِ تميم سنڌ ۾ رهجي پيو هو. تميم بن زيد عتبي هڪ ڪمزور، سست ۽ نا اهل حاڪم هو. جنيد بن عبدالرحمان جي سخت پاليسيءَ ڪري سنڌ جون سياسي حالتون اڳ ئي نازڪ هيون، ويتر تميم جي نرم پاليسي انهن ديبل باغي قوتن کي وري نئين سر آسرڻ جو موقعو ڏنو. تميم بن زيد عتبي جي ناڪاميءَ جو سڀ کان وڏو سبب اهو هو جو هتي سنڌ ۾ رهندڙ عربن جي مختلف قبيلن ۾ نفاق پيدا ڪري وڌو هو. انهن سنڌي

عرب قبيلن ۾ به گروهه تي پيا، جن مان هڪ گروهه ڪمزور هو ۽ ٻيو طاقتور ۽ اثر رسوخ وارو هو. هن ڪمزور گروهه جو پاسو ورتو، جنهن جي نتيجي ۾ طاقتور گروهه هن جي خلاف بغاوت ڪئي. تميم انهيءَ بغاوت کي منهن ڏيئي نه سگهيو ۽ آخر ۾ پنهنجي جان جي خوف کان سنڌ مان ڀڄي عراق وڃڻ جو ارادو ڪيائين. انهيءَ مقصد سان ديبل ڀيٽو، پر سندس حياتيءَ جو ٻيڙو ٻرجي آيو ۽ ماءُ الجواميش نالي ڍنڍ جي ڪناري ديبل وٽ وفات ڪيائين [۵].

تميم بن زيد عتبي جي گورنريءَ جي زماني تائين سنڌ ۾ سياسي خواه فوجي انتظام هڪ گورنر جي هٿ ۾ ئي رهندو تي آيو. عربي دور جي تاريخ ۾ سنڌ جو هي ڇهريون عرب گورنر هو، جنهن جي دور حڪومت ۾ ملڪ اندر امن امان جي حالت بلڪل ابتر ٿي چڪي هئي. سمورو ملڪ خانه جنگيءَ ۾ مبتلا ٿي پنهنجي طاقت وڃائي چڪو هو ۽ حڪومت جو انتظام درهم برهم ٿي چڪو هو. انهيءَ بدانتظامي ۽ خانه جنگيءَ جو نتيجو ڏاڍو خراب نڪتو. سيد ابوظفر ندوي صاحب انهيءَ متعلق لکي ٿو ته:

> "تميم جي غلط پاليسي ۽ خانه جنگي ڪري سنڌ ۾ عربي حڪومت جو شيرازو منتشر ڪري ڇڏيو. مسلمانن جا سڀئي مرڪز خالي ٿي چڪا هئا، منجهن پڏي ۽ اتفاق نه رهيو هو. عربن جي باهمي خانه جنگي ۽ قبائلي ڇڪتاڻ سبب سنڌ ۾ هرهنڌ دشمنن وري سرڪشي شروع ڪيو هو ۽ ملڪ جي ڪافي حصي تي هو قابض ٿي ويا هئا" [٦].

بلاذريءَ تميم جي باري ۾ چوي ٿو ته:

> "تميم هڪ وڏو فياض ۽ سخي هو. هن سنڌ جي بيت‌المال مان هڪ ڪروڙ چانديءَ جا درهم خيرات ڪيا هئا" [۷].

ساڳيو مؤرخ بلاذري تميم جي بدترين دور جي باري هن طرح لکي ٿو ته:

> "سنڌ جا وڏا وڏا مرڪز سڀ خالي ٿي چڪا هئا ۽ اهي وري ڪڏهن به مسلمانن جي قبضي ۾ نه اچي سگهيا. انهيءَ دور ۾ مقامي ماڻهن عربن جي خلاف بغاوتون ڪري سنڌ جي ڪيترن حصن تي قبضو ڪري پنهنجون آزاد حڪومتون قائم ڪيون هيون" [۸].

سنڌ جي انهن سڀني حالتن کان عراق جو والي خالد بن عبدالله قسري پوريءَ طرح سان واقف هو. انهيءَ افراتفري ۽ بيچينيءَ جي دور ۾ ان ڳالهه جي سخت ضرورت هئي ته سنڌ ۾ رهندڙ عربن ۽ عام مسلمانن جي تحفظ لاءِ ڪي خاص مرڪزي شهر ۽ بستيون قائم ڪيون وڃن. ساڳئي وقت اهو به ضروري هو ته اهي نيون آباد ڪيل بستيون ۽ شهر فوجي ڇانوڻين جو به ڪم ڏين، جتان دشمنن جي باغي سرگرمين ۽ شورشن جو به خاتمو آڻي سگهجي. ان ڪري سنڌ جي انهن حالتن تي ڪاميابي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪنهن سخت گير ۽ منتظم حاڪم جي

ضرورت هئي. عراق جي والي خالد قسريءَ تميم بن زيد عتبي جي فوت ٿيڻ کان پوءِ سنه ١١١هه ۾ سنڌ جي گورنريءَ لاءِ خليفي هشام کي حڪم بن عوانه ڪلبيءَ لاءِ سفارش ڪئي.

خليفي هشام عراق جي واليءَ جي مشوري سان حڪم بن عوانه ڪلبي کي سنڌ جو گورنر ڪري موڪليو. حڪم بن عوانه سنڌ ڏانهن اچڻ وقت عمرو بن محمد قاسم کي پاڻ سان گڏ وٺي آيو. عمرو بن محمد قاسم وڏو مدبر فوجي سپهه سالار ۽ فوجي حڪمت عملي جي اصولن کان پوريءَ طرح واقف هو. حڪم بن عوانه سنڌ جو ٻهريون گورنر هو جنهن جي دور ۾ فوج کي گورنريءَ کان الڳ ڪري فوجي سپهه سالار جي ماتحت رکيو ويو. حڪم بن عوانه جڏهن سنڌ پهتو ته ان وقت ملڪ جون حالتون ڏاڍيون خراب هيون ۽ ملڪ جا ڪافي حصا خودمختيار ٿي چڪا هئا. هتان جي باغين سنڌ ۾ رهندڙ عربن کي سمنڊ جي ڪناري وارن حصن ڏانهن ڌڪي ڇڏيو هو[٩].

حڪم بن عوانه انهيءَ مقصد کي سامهون رکندي اهو محسوس ڪيو ته سنڌ جي باقي حصن کي دشمنن کان مضبوط ۽ مستحڪم رکڻ لاءِ هڪ مضبوط مرڪز ۽ فوجي ڇانوڻيءَ جي ضرورت آهي، جا عربن ۽ عام مسلمانن جي لاءِ هڪ مضبوط پناهه گاهه به ثابت ٿي سگهي. حڪم بن عوانه انهيءَ مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ سڀ کان ٻهريون قدم اهو کنيو جو سمورو فوجي انتظام عمرو بن محمد قاسم جي حوالي ڪيو ۽ پاڻ صرف نگاهه رکڻ لاءِ نگران جي حيثيت ۾ حڪومت ڪرڻ لڳو.

حڪم جي سنڌ ۾ اچڻ تائين سنڌ جو پايه تخت "الور" هو. حڪم بن عوانه سنڌ ۾ مسلمانن جي حڪومت کي مستحڪم ڪرڻ ۽ طاقت کي ٻيهر بحال ڪرڻ لاءِ سنه ١١٤هه ۾ درياهه سنڌ جي اڀرندي ڪناري تي هڪ نئين عربي شهر جو بنياد وڌو جنهن جو نالو "محفوظه" رکيو ويو. هيءُ شهر سنڌ جو تخت گاهه بڻايو ويو. هن شهر جي پرسان هڪ قلعو به تعمير ڪرايو ويو، جنهن ۾ مضبوط فوج کي رهايو ويو. بلاذريءَ جي قول موجب ته "وقت جو حاڪم هن شهر ۾ رهي ٿو"[١٠-١١].

محفوظه جي آباد ٿيڻ جي باري ۾ علامه ابن خلدون، بلاذريءَ جي بيان کي دهرائيندي لکي ٿو ته:

> "تميم ديبل جي ويجهو جلد ئي وفات ڪري ويو. هو هڪ سست ۽ ڪاهل حاڪم هو. هن جي دور ۾ عرب سردار سنڌ ڇڏي آيا هئا. هن جي موت کان پوءِ حڪم بن عوانه ڪلبي سنڌ جو حاڪم مقرر ٿي آيو. هن جي دور ۾ سنڌ اندر بغاوت رونما ٿي ۽ ڪافي ماڻهو باغي ٿي ويا. حڪم هڪ "محفوظه" جو بنياد رکيو، جنهن کي فوجي ضرورتن لاءِ ڇانوڻي طور استعمال ڪيو ويندو هو. عمرو بن محمد قاسم فوجي دستا وٺي باغين جي سرگرمين کي

شمس الدين قريشي صاحب "محفوظہ" جي جاءِ وقوع متعين ڪرڻ ۾ غلطيءَ کان ڪم ورتو آهي. اهو پيٽ نما درياهه وارو حصو ساڪري کان مٿي شهدادپور وٽ هو. ساڳئي وقت برهمڻ آباد جو شهر پڻ سنڌ ۾ هڪڙوئي هو جو پڻ شهداد پور وٽ هو، جنهن جا ڪنڊرات "منصوره- برهمڻ آباد" جي نالي سان سڏجڻ ۾ اچن ٿا. انهن ئي ڪنڊرات جي ويجهو "محفوظہ" جو شهر آباد هو.

پنيور کان اٽڪل ڏهه- ٻارهن ميل ڏکڻ- اولهه ۾ ميرپور ساڪري تعلقي جي ديهه ڪيبراٽي پڻ سمنڊ جي ساحل وٽ آهي جنهن جا قديم آثار ملن ٿا، جن کي مقامي ماڻهو "ماڙي موروڙو" ڪري سڏيندا آهن. مسٽر هينري ڪزنس انهن آثارن کي مسٽر ڪارنر جي قول موجب ٽنين واري مسجد سڏيو آهي. الهن ٽنين واري مسجد کي آئينہ قديم سنڌ جي مصنف حڪم بن عوانہ ڪلبيءَ جي ٺهرايل مسجد ڄاڻائي "محفوظہ" شهر جي آباديءَ جو هنڌ ٺهرايو آهي[١٧].

علامہ ابوالفضل آئين اڪبريءَ ۾ منصوره شهر جي آبادي موجوده بکر وٽ بيان ڪري ٿو. انهيءَ سلسلي ۾ هو پڻ گمان جو شڪار ٿيو آهي، ڇاڪاڻ تہ بکر وٽ درياهه سنڌ مان هڪ شاخ نڪري وري چوگرد ڦري وري اچي ٿي ساڳئي درياهه ۾ جوڙ ڪري. اگر منصوره جو هجڻ آتي مڃيو وڃي تہ پوءِ "محفوظہ" ضرور ان جي سامهون انهيءَ هنڌ ڪٿي آباد هو! ليڪن علامہ صاحب جو اهو سمورو قياس غلط آهي[١٨].

علامہ نياز فتح پوريءَ "محفوظہ" جي باري ۾ وري هن طرح سان شڪ ظاهر ڪري ٿو. هُو لکي ٿو تہ:

> "سلطان فيروز شاهہ تغلق جي دؤر ۾ سندس امير نصرخان سنڌ ۾ "نصرپور" نالي هڪ شهر درياهه سنڌ جي ڪناري تي آباد ڪرايو هو. اهو شهر نصرپور جو "محفوظہ" جي قديم ڪنڊرات تي تعمير ڪرايو ويو هو. ممڪن آهي تہ "محفوظہ" جو پيو نالو نصرپور آهي يا آن جي ڪنڊرات مٿان نصرپور جو شهر بڌايو ويو." [١٩]

مرحوم نياز فتح پوري جو پڻ اهو خيال سراسر غلط ۽ بي بنياد آهي. تاريخي لحاظ کان نصرپور جو شهر فيروز شاهہ تغلق کان اڳ ۾ ئي سنڌ ۾ آباد هو، غالباً سومرن جي ابتدائي دؤر ۾ "نصير مهاڻي" نصرپور جو شهر بڌايو هو. ان ڪري "محفوظہ" جو شهر نصرپور وٽ هجڻ بعيد از عقل آهي.

تاريخ جي مطالعي ۽ قديم آثارن مان ظاهر ٿئي ٿو تہ جلواليءَ جو قديم ڍورو اڄ ڏينهن تائين مهراڻ جي انهيءَ قديم ڍوري يا شاخ جو پراڻو نالو آهي. هن وقت مقامي ڦيرين گهيرين ڪري اهو جراڙيءَ جو ڳوٺ سڏجي ٿو، جو موجوده شهداد پور کان ڏهہ ميل ٻري اڀرندي طرف آهي. الهيءَ جلوالي لهر جي اڀرندي طرف برهمڻ آباد جو قديم شهر هو. ميجر جنرل هيگ جي

خيال موجب تہ هيءَ شاخ موجودهہ سڪرنڊ شهر کان ڏهہ ميل اپرندي کان ڪلري وٽان مڪيہ درياهہ سان نڪري هيٺ منصوره جي اوپر پاسي کان وَهي ڏکڻ طرف ور ڪري منصوره کان ڏهہ ميل ڏکڻ-اولهہ طرف اچي وري اچي مڪيہ لوهاڻي درياهہ ۾ ڇوڙ ڪندي هئي، ان جي جملي ڊيگهہ پنجاهہ ميل کن هئي. انهيءَ کي عرب جاگرافي دانن نقشن ۾ درياهہ جي پيٽ واري صورت ڏيکاري آهي[٣٠].

انهيءَ سان گڏ وري ٻي شاخ، جيڪا مٿينءَ شاخ جي بلڪل پرسان لڳو لڳ وهندي هئي، جنهن کي پڙ جلواليءَ جي نهر ڪري چوندا هئا، جا برهمڻ آباد جي اوپر ۾ وهندي هئي؛ اها مڪيہ درياهہ يا هاڪڙي درياهہ سان نڪرندي هئي، ليڪن يقين سان چئي نٿو سگهجي تہ هيءَ نهر بہ منصوره جي وٽ سان وَهندي هئي. جراڙي جو ڳوٺ ۽ ديهہ اڄ بہ موجود آهن، انهيءَ ڳوٺ، وارا ڪنڊرات منصوره جا آهن[٢١]. انهن قديم آثارن ۽ شاهدين کي نظر ۾ رکڻ کان پوءِ ٢٠-١٩٢٢ع واري کوٽائي ظاهر ڪري ٿي تہ موجودهہ شهداد پور شهر جي ٨ ميلن تي اوپر-ڏکڻ ۽ جمڙائو واهہ جي پڪ سان دلور جي مشهور پڙي وارا ڪنڊرات ”برهمڻ آباد-منصوره“ جا آهن ۽ انهن ڪنڊرات جي ويجهو جتان قلعي وغيره جا نشان ظاهر ٿيا آهن، سي انهيءَ قديم عربي فوجي ڇانوڻيءَ ”محفوظ“ جا ڪنڊرات ڪري سمجهڻ گهرجن! يا، جيڪڏهن ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي راءِ کي قبول ڪندي ”ڳاڙهي پڙي“ جي ڪنڊرن کي، جي جلواليءَ نهر جي پرسان ملن ٿا[٢٢]، انهيءَ قديم شهر ”محفوظ“ جا ڪنڊرات تصور ڪرڻ گهرجن!

هينري ڪزنس انهن کوٽايل قديم آثارن کي ڏسڻ کان پوءِ انهيءَ راءِ جو آهي تہ ”محفوظ“ منصوره کان اڳ ۾ آباد ڪرايو ويو هو. برهمڻآباد جي ڪنڊرات سان گڏوگڏ ”محفوظ“ ۽ ”منصوره“ جا گڏيل ڪنڊرات آهن[٢٣]. ”محفوظ“ جو فوجي قلعو منصوره جي لڳ آباد ڪرايو ويو هو. موجودهہ دور ۾ آثار قديمہ وارن جيڪا انهن ڪنڊرن جي کوٽائي ڪئي آهي، ان سان انهيءَ ڳالهہ جي پوري تصديق ٿئي ٿي تہ محفوظ ”برهمڻ آباد-منصوره“ جي بلڪل ويجهو تعمير ڪرايو ويو هو ۽ سنڌو درياهہ شهر جي الهندي کان وهندو هو. انهيءَ بيان ڪيل قلعي جا آثار درياهہ جي بلڪل پرسان، موجودهہ ڊوري سان لڳ ملن ٿا.

لئمبرڪ پڻ هينري ڪزنس جي خيال جي پوٺواري ڪندي خيال ظاهر ڪيو آهي تہ ”برهمڻ آباد-منصوره“ ساڳئي شهر جا ٻہ نالا آهن. صرف ”محفوظ“ جي باري ۾ لئمبرڪ جو هينري ڪزنس سان اختلاف نظر اچي ٿو. لئمبرڪ ان لاءِ ٻن هنڌن جي نشان دهي ڪري ٿو هڪ ”سوانديءَ جو دڙو“ ۽ ٻيو ”ڏيپر گهانگهري جا آثار“. سنڌس خيال موجب تہ انهن ٻنهي مان ڪنهن هڪ هنڌ محفوظ جا قديم آثار آهن. اسان جي مشاهدي ۽ خيال موجب تہ هينري ڪزنس جو رايو وڌيڪ مستند آهي ۽ ”محفوظ“ جا قديم آثار ٻن اٽيءُ ٽيءُ موجوده ڪنڊرن جي پرسان تلاش ڪرڻ گهرجن.

منصوره شهر جي آباد ٿيڻ ڪان پوءِ محفوظ جي اهميت ۽ شهرت گهٽ ٿيندي ويئي ۽ ايتري قدر جو پوءِ جي مصنفن، مؤرخن ۽ سياحن ان جو ڪوبه ذڪر نه ڪيو آهي. چئي نٿو سگهجي ته "محفوظ" جو شهر سن ٣٧٥هه تائين منصوره سان گڏ قائم هو يا ان ڪان اڳ ۾ مقامي شورشن، بغاوتن يا ٻاهرين جي حملن ڪري ڊهي تباهه ٿي ويو.

## حوالا ۽ واڌارا


[١] علامه سيوطي، "تاريخ الخلفاء"، ص ٢٤٧.
[٢] تاريخ "يعقوبي"، ج ٢، ص ٣٧٦.
[٣] (الف) بلاذُري، "فتوح البلدان" (مصري ڇاپو)، ص ٤٤٨.
(ب) تاريخ "يعقوبي"، ج ٢، ص ٢٨١.
[٤] ڪتاب ايضاً، ص ايضاً.
[٥] فتوح البلدان، ص ٤٤٨. تاريخ يعقوبي، ج ٢، ص ٢٨١.
[٦] سيد ابوظفر ندوي "تاريخ سنڌ"، ص ١٣٦، اعظم گڙهه انڊيا.
[٧] بلاذُري، فتوح البلدان (اردو)، ص ٦٢٨، نفيس اڪيڊمي ڪراچي.
[٨] ڪتاب ايضاً (مصري ڇاپو)، ص ٤٤٤.
[٩] (الف) ڪتاب ايضاً (مصري ڇاپو)، ص ايضاً.
(ب) سيد سليمان ندوي، عرب و هند ڪے تعلقات، ص ٢٣٣.
[١٠] سيّد سليمان ندوي، ڪتاب ايضاً، ص ايضاً.
[١١] (الف) فتوح البلدان (مصري ڇاپ)، ص ٤٤٥.
(ب) شاهه معين الدين ندوي، تاريخ اسلام، ج ٢، "بني اميه" (اردو) ص ٢٦١، اعظم گڙهه انڊيا.
[١٢] ابن خلدون "خلافت معاويه وَ آل مروان" (تاريخ)، ص ٢٥٨-٢٥٩ (اردو) نفيس اڪيڊمي ڪراچي.
[١٣] بلاذُري، فتوح البلدان (اردو ڇاپو)، ص ١٢٩.
[١٤] شاهه معين الدين احمد ندوي، تاريخ اسلام، ج ٢، "بني اميه" (اردو) ص ٢١٢.
* جنيد سن ١١١هه ۾ سنڌ جي گورنريءَ تان معزول ٿيو ۽ ان ڪان پوءِ خراسان جو حاڪم ٿيو، جتي سن ١١٦هه ۾ يزيد بن مهلب جي ڌي فاطمه سان شادي ڪيائين. خليفو ان ڪري سخت ناراض ٿي پيو ۽ معزول ڪيو ويو. مرض استسقا ۾ مبتلا ٿي "مرو" ۾ وفات ڪيائين. [ابوظفر ندوي، تاريخ سنڌ (اردو)، ص ١٣٥].
[١٥] The Antiquties of Sind- Henry Cousins, p 64

[١٦] شمس الدين قريشي "تاريخ آئينہ قديم سنڌ" ص ١١٩-١٢٠.
[١٧] ڪتاب ايضاً، ص ١١٩.
[١٨] آئين اڪبري، ج ٢، ص ١٦٠، نول ڪشور لکنو.
[١٩] رسالو نگار ماهہ جنوري-فيبروري سن ١٩٤٨ع فوٽ نوٽ، ص ١٧.
[٢٠] ايم- آر- هيگ، انڊس ڊيلٽا ڪنٽري، ص ١٣٥.
[٢١] ايضاً، ڪتاب ايضاً، ص ١٣٥.
[٢٢] چچنامہ "تعليقات" ص ٤٠٠.
[٢٣] هينري ڪزنس، "سنڌ جا آثار قديم" (انگريزي) ص ٦٤-٦٥.



غلام محمد لاکو

# ڪلهوڙن جا تختگاهه

## (همعصر مواد جي آڌار تي هڪ اڀياس)

سنڌ جي تاريخ ۾ بجا طور تي، ڪلهوڙن جي دؤر کي نمايان اهميت حاصل آهي. مولانا مهر هن دور جو جائزو ٽن جلدن (تاريخ ڪلهوڙا) ۾ پيش ڪيو آهي، تاهم ڪجهه موضوعن تي يا ته هو صاحب خود مواد پيش ڪرڻ ۾ ناڪام ويو آهي؛ يا وري نئين ۽ تازه معلومات جي آڌار تي، هاڻي ڪجهه بابن کي، نئين سر لکڻ لاءِ ڪافي مواد موجود آهي. جيتريقدر ڪلهوڙن جي تختگاهن جو سوال آهي ته، ذڪر ڪيل ڪتاب ۾ ان متعلق ڪوبه سلسليوار ۽ صحتمند مواد نٿو ملي؛ جنهن ذريعي هڪ پڙهندڙ سير حاصل معلومات حاصل ڪري، ان دور جو تمدني نقشو آڏو آڻي سگهي.

هونئن ته مير علي شير قانع کي هن موضوع تي ميني ڪم ڪندڙن حوالي طور ڪتب آندو آهي؛ پر ساڳئي وقت ميجر هيگ جي ڪتاب "دي انڊس ڊيلٽا ڪنٽري" (جيڪو ڪلهوڙن جي زوال کان هڪ سؤ ٻارنهن سال پوءِ لکيو ويو)، کي وچ ۾ آڻي، موضوع جي سڄي صحت کي هيٺ مٿي ڪيو ويو آهي. ميجر هيگ بلاشبه هن خاندان جي سياسي غلبي ۽ اوسر لاءِ، اسان کي بهترين سوچ ڏني آهي، پر افسوس جو ڪلهوڙن جا فرضي تختگاهه ڏيندي، هن پنهنجي بنيادي ماخذ جو حوالو به نه ڏنو آهي، ته جيئن اسين سندس تحقيق کي تصديق ڪري، ان جي صحيح ۽ ٺيڪ هجڻ جو اطمينان ڪيون.

مير علي شير قانع کي، هڪ اديب، شاعر ۽ تاريخدان جي حيثيت ۾، تمام مٿانهين اهميت حاصل آهي. هن ڪلهوڙن جي حاڪميت جا آخري سترنجاهه سال ڏٺا ۽ ٽالپوري دور جي ڇهين سال ۾ فوت ٿيو. پاڻ ڪلهوڙن جي عروج ۽ زوال جو اکين ڏٺو شاهد آهي ۽ هن دور جو تمدن ۽ تهذيب سندس آڏو هلي آهي؛ گڏوگڏ مختلف تختگاهن جو ٺهڻ- ڊهڻ، حڪمرانن جو تخت نشين ٿيڻ ۽ هڪٻئي جا ترا ڪيڻ، هي سڀ فعل ۽ عمل سندس حياتيءَ ۾ ٿيندا رهيا. ان کان وڌيڪ ته، ميان غلام شاهه جي دور ۾ مير صاحب کي هن خاندان جي تاريخ لکڻ لاءِ پڻ مقرر ڪيو ويو هو. جڏهن قانع جي، ڪلهوڙن جي معاشرت ۽ تاريخ ۾ ايڏي وڏي

ان موقعي تي يرغمال ٿيڻ کان بچڻ لاءِ پيءُ کان الڳ ٿي ويو هو. مراد ياب امرڪوٽ ۾ هو ته ديوان گدومل سندس ئالي حڪومت جو پروانو حاصل ڪري ورتو، تڏهن نئين حڪمران لئين تختگاهه ٺاهڻ جو حڪم ڏنو. مير قانع لکيو آهي ته "حڪم ملڻ تي ڪامورن اتان اڇي نصرپور جي سامهون [نواب جي] ڪئمپ لاءِ هڪ زمين تيار ڪئي. [نواب جي] انهيءَ زمين تي تشريف فرما ٿيڻ کان پوءِ، ٿورن ئي ڏينهن ۾، مراد آباد ئالي هڪ وڏو شهر تيار ٿي ويو" (٢٤).

اندازو آهي ته ميان صاحب هي شهر ڪابل ۽ قنڌار جي حملن جي خوف کان ٻڌايو، ته جيئن ضرورت وقت هتان ڪوچ ڪري، جاءِ پناهه ڏي سولائيءَ سان رڙهي سگهجي. ان لحاظ سان اڳيان شهر مناسب جڳهه تي نه هئا. ذوالحج ١١٧٠هه برابر آگسٽ ١٧٥٧ع تي، مراد ياب معزول ٿي گرفتار ٿيو ۽ زندگيءَ جا باقي ڏينهن 'خدا آباد' ۾ ڪٽيائين. ان بعد ميان غلام شاهه مسند تي ويٺو، پر ٿورن ڏينهن کان پوءِ (محرم ١١٧١هه - سيپٽمبر ١٧٥٧ع)، هي شهر درياهه غرق ڪري ڇڏيو.

مراد ياب ٿي جُڙي حڪومت تي ويٺو ته پر ۾ بازاريون لڳي ويون. امير، جنرل، وزير ۽ سپاهه کان علاوه، پڪ آهي ته ذات سنڌي وڏيري جي پڻ سلامي ڀرڻ لاءِ هتي ٻهتي. ان کان سواءِ اديب، عالم ۽ شاعر پڻ نئين حڪمران کي مبارڪ چوڻ ۽ سندس شان ۾ قصيدا چوڻ لاءِ ٻهتا ۽ انعام اڪرام وٺي واپس ٿيا. مير قانع چند شاعرن جو ذڪر ڪيو آهي، جيڪي هن دربار ۾ پاڻ ڏنا. مراد آباد ۾ جلوس جي رسم ٿي، ته مير ابوالقاسم سراج الدين قاسم هيءَ تاريخ چئي:

ان فضله ڪان عليڪ (١١٦٧هه)

مير قانع پڻ شعر چيو، جنهن جي ڪيفيت هي آهي:

(١) هر شعر جي نقطي وارن ۽ بنان نقطي وارن حرفن جي جوڙ ڪرڻ سان تاريخون نڪتيون ٿي.

(٢) هرهڪ شعر جي هرهڪ مصرع مان جلوس جي تاريخ نڪتي ٿي.

(٣) پهرين مصرع جي بنا نقطي وارن حرفن کي ٻيءَ مصرع جي بنا نقطي وارن حرفن ۾ جوڙجڪ ڪرڻ سان تاريخون نڪتيون ٿي.

افسوس جو مير قانع جا هي دلچسپ بيت محفوظ نه ٿي سگهيا. البت مير قانع، مير عبدالجليل بلگراميءَ جي تتبع تي (جنهن شاهه عالم بهادر شاهه جي تخت نشينيءَ جي تاريخ چئي)، ميان مراد ياب جي تخت نشينيءَ تي هي بيت چيو:

"هزار و صد و پنجه و هفده بالا
بدان روز اسعد جلوس معلا" (٢٥).

(٥٦) ايم. ايچ. پنهور "سنڌ تي مواد" (انگريزي) ص ٤٧٨، ناشر سنڌالاجي.
(٥٧) مرزا عباس علي بيگ، "خدا يار خاني ميان سرفراز عباسي" ص ١٠، ناشر سنڌالاجي.
(٥٨) حوالو (٤٧) ص ٢٥٠.
(٥٩) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، مقالو "حيدرآباد" (مهراڻ ١٩٦٢/١) ص ١٣٥؛ "انسائيڪلو پيڊيا برٽنيڪا" جلد ١١، ص ٩٢٥؛ "جنت السنڌ" ص ٥٨٤؛ "سنڌ جو سيلاني" از پيرومل، ص ١٤٧؛ چنا صاحب جو مقالو (حوالو مٿي ڏنل) ص ٢٠٢.
— مرزا قليچ بيگ پنهنجي هڪ ٻئي ڪتاب ۾، هن واقعي جو سال ١٧٨٩ع/١٢٠٤ھ لکيو آهي ("اي هسٽري آف سنڌ" جلد ٢، ص ٢٠٥، ناشر سنڌ ڪلاسڪز ڪراچي ١٩٨٢ع)



پروفيسر محمد اسحاق ابڙو

# حافظ شيرازي

اسان جي ادبي تاريخ شاهد آهي تہ لنڊي ڪنڊ ۾ فارسي ٻوليءَ کي سرڪاري ٻولي تسليم ڪيو ويندو هو. مغلن جي دؤر ۾ فارسي ٻوليءَ کي نہ صرف سرڪاري ٻوليءَ جي حيثيت حاصل هئي، پر عوام ۽ خواص جي ٻولي بہ فارسي هوندي هئي. اهوئي حال اسان وٽ ڪلهوڙن ۽ ميرن جي دور ۾ هوندو هو. الهيءَ ڪري نہ صرف عرفي ۽ نظيري ايران ڇڏي لنڊي ڪنڊ ۾ آيا، پر هتي بہ فارسيءَ جا وڏا عالم پيدا ٿيا، جن ۾ اڪبر جي دربار جا ٻہ هيرا ابوالفضل ۽ ابوالفيض فيضي قابل ذڪر آهن. فارسي ٻولي اسان جي معاشرت تي بہ گهرو اثر وڌو آهي، جو اسان جي رهڻي ڪهڻي، آٿ ويهڻ ۽ کائڻ پيئڻ بہ ايراني تمدن ذريعي متاثر ٿيو. فارسي ٻوليءَ اسان جي ادب تي بہ گهرو اثر وڌو، ايتري قدر جو سنڌي ادب ۾ گل و بلبل، لالہ و نرگس، سرو ۽ سُنبل جون تشبيهون ۽ استعارات فارسي ادب کان حاصل ڪيا. جيتوڻيڪ فرنگين جي اچڻ کان پوءِ فارسيءَ جي اهميت گهٽجي وئي، تاهم سعدي ۽ حافظ جي ڪلام سان اسان کي اهڙو تہ عشق آهي، جو اڄ بہ گلستان ۽ بوستان اسان جي لاءِ معلم اخلاق جي حيثيت رکن ٿا. حافظ جي ڪلام سان تہ اهڙو سنبنڌ آهي، جو مسلمان ديوانِ حافظ مان فال ڪيندا آهن ۽ حافظ کي "لسان الغيب" سڏيندا آهن. حافظ جو ڪلام اسان وٽ ايڏو تہ مقبول آهي جو حال ۽ قال جون محفلون خواجہ حافظ جي ڪلام سان گرم ڪيون وينديون آهن. ڪٿي وقت ۾ حافظ جي ڪلام مان استخاره ڪيو ويندو آهي. محفلِ سماع ۾ اڄ بہ حافظ جو ڪلام وَجد ۽ روحاني انبساط جو سرمايو آهي. ان حقيقت جي پس منظر ۾ آڪم پبلشنگ ايجنسي حيدرآباد جا ارباب اختيار ڪيرون لهڻن، جن محترم محمد يعقوب نياز جو ترجمو شايع ڪري، نہ صرف سنڌي ادب جي خدمت ڪئي آهي، پر خواجہ حافظ کي سنڌيءَ جي چاهہ رکندڙ حضرات سان واقف ڪرايو آهي. اهو حافظ جي ڪلام سان عقيدتمنديءَ جو ثبوت آهي.

هتي هڪ ڳالهہ خاص طور قابل ذڪر آهي تہ حافظ پنهنجي "ميخانہ زدند" ۽ "پيمانہ زدند" واري غزل ۾ هڪ شعر چيو آهي تہ:

آسمان بارِ امانت نتوانست ڪشيد،
قرعہ فال بنام منِ ديوانہ زدند.

حافظ جي ڪلام ۾ شراب جو ذڪر جابجا آهي، جنهن سان مرشد جي رهبريءَ جي مراد ورتي وئي آهي. ساقيءَ مان مراد مرشد آهي، پيالي مان مراد آهي مرشد جي نگاهه، جيڪا منبع ِ فيض و هدايت آهي. طريقت ۾ ڪڏهن ڪڏهن اهڙا حڪم ملندا آهن، جيڪي مريد جي سمجهه کان مٿي هوندا آهن، پر انهن جي اطاعت به لازم هوندي آهي. جهڙي طرح حافظ خود فرمائي ٿو:

بمئي سجاده رنگين کن گرت پير مُغان گويد
کہ سالک بي خبر نبود ز راه و رسم منزلها.

وري پنهنجي محبوب لاءِ چوي ٿو ته جيڪڏهن تون مون کان نفرت به ڪرين ۽ گاريون به ڏين، ته به مان تنهنجي لاءِ دعا گهرندو رهندس، ڇاڪاڻ ته مٺڙن چپن کي تلخ جواب سونهي ٿو. فرمائي ٿو:

اگر دشنام فرمائي و گر نفرين دعا گويم
جواب تلخ مي زيبد لب لعل شکر خارا.

انهيءَ ساڳئي غزل ۾ اڳتي چوي ٿو ته مطرب و مئي جو ذڪر ڪر، دنيا جو راز معلوم ڪرڻ ڇڏي ڏي، ڇاڪاڻ ته عقل و حڪمت ذريعي اڄ تائين ڪير به ان راز کي معلوم ڪري نه سگهيو آهي. ان لاءِ ڪامل مرشد جي نظر ۽ سندس روحاني تعليم ضروري آهي.

حديث از مطرب و مي گو و راز دهر کمتر جو
کہ کس نکشود و نکشايد بحکمت اين معما را.

حافظ جي نظر ۾ پنهي جهانن جو آرام ٻن لفظن جي تفسير ۾ آهي: دوستن سان مروت ۽ دشمنن سان مهرباني:

آسايش دوگيتي تفسير اين دو حرفست
با دوستان مروّت با دشمنان مدارا.

هڪ جاءِ تي فرمائي ٿو ته دنيا جي شر ۽ شور کان ان وقت ڇوٽڪارو ملندو، جڏهن دولت، عزت، جاهه، منصب، نام و نمود ۽ عزت ۽ اقتدار تان هٿ کڻبو. انهيءَ لاءِ اهڙي شراب جي ضرورت آهي، جيڪو ڪڙو هجي ۽ ان ۾ اهڙي طاقت هجي، جو مڙس کي ڪيرائي وجهي. فرمائي ٿو:

شراب ِ تلخ ده ساقي کہ مرد افگن بود زورش
کہ تا لختي بيا سايم ز دنيا و شر و شورش.

سندس هڪ دلچسپ شعر آهي، جنهن ۾ محبوب کي لکي ٿو ته گلن ۾ جيڪا کنڊ ملائي ويندي آهي يعني گلقند، اهو منهنجي بيماريءَ جو علاج ڪونهي: پر تون گارين ۾ ڪجهه بوسه يعني چميون ملائي ڏي.

قند آميخته با گل نه علاج دل ماست
بوسه چند بيا ميز به دشنامي چند.

هن طرز ادا جي بلاغت تي ٿورو غور ڪريو. پهريون ته عاشق بيمار آهي ۽ معشوق کي خبر پوي ٿي ته عاشق بيمار آهي ۽ کيس دل جي بيماري آهي. انهيءَ ڪري محبوب گلقند کڻي ٿو اچي ۽ عاشق کي ڏئي ٿو. اهو سڀ ڪجهه غير مذڪور آهي، پر خود بخود سمجهه ۾ اچي ٿو. وري گلقند جو لفظ بيان نٿو ڪري، پر ان جي ترڪيب بيان ڪري ٿو ۽ آميختن مصدر ڪتب آڻي ٿو. جهڙيءَ طرح ڪنڊ ۽ گلن جي گڏجڻ سان گلقند ٺهي ٿو ۽ دل جي بيماريءَ جي دوا تيار ٿئي ٿي، اهڙيءَ طرح بوسه و دشنام به هموزن هجن ته دل جي دوا تيار ٿي ويندي، يعني جيتريون گاريون هجن، اوتريون چميون هجن.



ڏاهن ڏيان ڏنو ۽ ان علم تي جيڪي ڪتاب لکيل هئا، انهن کي پڙهڻ شروع ڪيم. جئن ته علم طب ڪو ڏکيو علم ڪونهي، تنهنڪري مون ٿوري ئي وقت ۾ ان ۾ مهارت حاصل ڪئي ۽ ڪيترائي حاذق طبيب مون کان اهو علم پڙهڻ لڳا. انهيءَ سان گڏ مون مريضن جو به علاج ڪرڻ شروع ڪيو. اهڙيءَ طرح تجربي جي آڌار تي علاج جا ڪيترائي طريقا مون کي معلوم ٿيا، جن کي بيان نٿو ڪري سگهجي. ساڳئي وقت آءٌ فقه ۽ مناظري جهڙن علمن جو به مطالعو ڪندو رهيس. ان وقت منهنجي عمر سورهن سال هئي.

ايندڙ ڏيڍ سال جي عرصي ۾ آءٌ مطالعي ۾ ڏاڍو مصروف رهيس. مون هڪ ڀيرو وري منطق کي پڙهيو ۽ فلسفي جي سڀني مسئلن جو گوڙهو اڀياس ڪيو. انهيءَ عرصي ۾ مون هڪ رات به سهڻي آرام نه ڪيو ۽ رات ڏينهن علم حاصل ڪرڻ ۾ گذاري ڇڏيم. ان سلسلي ۾ منهنجي اڳيان جيڪو به بيان ۽ مسئلو ايندو هو، ان کي مختصر ڪري، ان جي نتيجي کي ايستائين ڀوريءَ ريت ڇڪاسڻ کان سواءِ نه ڇڏيندو هوس، جيستائين اهو بيان يا مسئلو پوريءَ طرح صحيح يا يقيني نه ٿئي. جڏهن به ڪو بيان يا مسئلو منهنجي سمجهه ۾ نه ايندو هو ته آءٌ مسجد ۾ ويهي پنهنجي پالڻهار ۽ ڪائنات جي خالق جي حضور ۾ ڪيري پاڌائيندو هوس ته جئن مونجهارا ۽ تڪليفون مون تي آسان ٿين. پوءِ رات جو آءٌ گهر موٽي ايندو هوس ۽ پنهنجي اڳيان ڏيئو روشن ڪري، هيڪر وري پڙهندو ۽ لکندو هوس. اهڙي وقت جڏهن به مون تي ننڊ جو غلبو ٿيندو هو يا آءٌ ٿڪجي پوندو هوس، تڏهن آءٌ ٿورو شراب پيئندو هوس ته جئن منهنجي طاقت موٽي اچي. پوءِ آءٌ وري مطالعي ۾ لڳي ويندو هوس. انهيءَ وچ ۾ ننڊ جي غلبي جي ڪري جهوٽو اچي ويندو هو ته آءٌ خواب ۾ به اهو ئي مسئلو ڏسندو هوس، جيڪو سمهڻ کان اڳ منهنجي ويچار هيٺ هوندو هو. اهڙيءَ طرح ڪيترن ئي سوالن جا جواب مون کي ننڊ ۾ معلوم ٿيا. اهو سلسلو لاڳيتو هلندو رهيو، تان جو مون کي انهن علمن جي پوري ڄاڻ حاصل ٿي وئي ۽ جيتريقدر انسان جي طاقت آهي، اهي سڀ منهنجي قبضي ۾ اچي ويا. ان وقت مون جيڪي پڙهيو ۽ پرجهيو، ان ۾ تازو هن وقت جيڪي مون پرايو آهي، ان جي ڪري ڪو به واڌارو ڪونه ٿيو آهي.

پوءِ مون علوم الاهي ڏانهن ڌيان ڏنو. مون ارسطو جو ڪتاب مابعدالطبعيات پڙهيو، پر ان جو هڪ لفظ به منهنجي سمجهه ۾ نه آيو. مصنف جي مطلب تائين پهچڻ منهنجي لاءِ مشڪل هو. جيتوڻيڪ مون اهو ڪتاب اول کان آخر تائين چاليهه ڀيرا پڙهيو ۽ اهو مون کي لفظ به لفظ ياد به ٿي ويو، ان هوندي به نه آءٌ ان جي معنيٰ سمجهي سگهيس نه مقصد. آءٌ پنهنجي سر ان کي سمجهڻ کان بلڪل مايوس ٿي ويس ۽ پاڻ کي چيم ته، "هيءُ ڪتاب منهنجي سمجهه کان مٿي آهي". پوءِ هڪ ڏينهن آءٌ بازار مان پئي ويس، اتي ڪتابن جا دڪان هئا، هڪڙي دڪاندار مون کي هڪ ڪتاب ڏيکاريو، جنهن جي قيمت جو هن واڪ پئي ڏنو. آءٌ ته

- قابل ۽ لائق استادن جي نظرداريءَ ۾ ابن سينا پنهنجي علم ۽ ڄاڻ ۾ بيپناهه واڌارو ڪري ٿو. سندس آخري استاد مشهور فيلسوف ناتلي ڪيس تعليم ڏيڻ ختم ڪري ٿو، ڇاڪاڻ تہ هاڻي ابن سينا کي پڙهائڻ جي لاءِ وٽس ڪجهہ بہ ڪونهي.
- سورهن ورهين جي عمر ۾ ابن سينا هڪ حاذق طبيب جي حيثيت ۾ شهرت حاصل ڪري ٿو ۽ وٽس مريضن جا ميڙ ڪٺا ٿيڻ شروع ٿين ٿا.
- ارڙهن ورهين جي ڄمار تائين پهچڻ کان اڳ ۾ ئي هو پنهنجي وقت جي سمورن علمن جهڙوڪ دينيات، عربي ادب، علم هندسہ، علم رياضيات، علم طبيعيات، علم منطق ۽ فلسفي تي پوريءَ طرح مهارت حاصل ڪري ٿو.
- بخارا جي ساماني سلطان نوح ابن منصور جي علاج ڪرڻ ۾ جڏهن پيا سڀئي طبيب ناڪام ٿين ٿا، تڏهن ابن سينا هن جي علاج ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿئي ٿو. هو سلطان جي خوشنودي حاصل ڪري ٿو ۽ انعام ۾ ڪيس شاهي ڪتب خاني ڏسڻ جي اجازت ملي ٿي.
- بخارا ۾ رهڻ واري زماني ۾ پنهنجا پهريان ڪتاب خاص ڪري "الحاصل والمحصول" (معنيٰ ۽ مقصد) ۽ "البر والاثم" (نيڪي ۽ بدي) لکي ٿو.
- سال ١٠٠١ع (٣٩٢ ھ) ۾ ساماني رياست کي سلطان محمود غزنوي (غزني موجوده افغانستان ۾ آهي) جهڙي طاقتور جي حملي جو خطرو ٿئي ٿو. ابن سينا خورزم (موجوده سوويت روس جي رياست ترڪمان) جي گاديءَ واري شهر گورگنج ڏانهن وڃي ٿو. اتي جو وزير ابوالحسين السهيلي علم جو وڏو قدردان آهي. گورگنج جي حاڪم علي ابن مامون جي دربار مشهور معروف عالمن جهڙوڪ ابو ريحان البيروني، ابو نصر العراقي، عيسائي عالم ابو مسيحي ۽ ابوالخير الخمر (ابو سعيد ابوالخير) جي ڪري مشهور آهي.
- ڪجهہ عرصو اتي رهڻ کان پوءِ جڏهن سلطان محمود غزنويءَ جي طرفان گهُر ٿي تہ گورگنج جي سڀني عالمن کي سندس دربار ۾ آماڻيو وڃي، تڏهن ابن سينا لاچار ٿي گورگنج مان هليو وڃي ٿو. شهزادو مامون پنهنجي طاقتور پاڙيسري سلطان جي اڳيان مجبور ٿي پوي ٿو، پر ابن سينا عيسائي ابومسيحي کي ساڻ ڪري، ڪئسپين سمنڊ جي ڏکڻ اوپر ۾ گورگان ڏانهن روانو ٿئي ٿو. ان سفر ۾ سندس ساٿي ابو مسيحي گذاري وڃي ٿو.
- گورگان ۾ رهندي سندس ملاقات ابو عبيد الجزجاني سان ٿئي ٿي، جيڪو (پنجويهہ ورهيہ پوءِ ابن سينا جي لاڏاڻي تائين) سندس ڏاڍو وفادار شاگرد ۽ سوانح نگار ٿيندو.

- ابن سينا ٻن سالن تائين پاڻ کي ڪتابن پڙهڻ ۽ لکڻ ۾ مصروف رکي ٿو. ان عرصي ۾ "المبداء والمعاد" (ابتدا ۽ واپسي) نالي ڪتاب مڪمل ڪري ٿو ۽ پنهنجو هڪ شاهڪار ڪتاب "القانون في الطب" لکڻ شروع ڪري ٿو.

- گورگان ڇڏي شهزادي مجدالدوله جي گادي‌ءَ واري شهر "ري" ڏانهن سفر ڪري ٿو (ان شهر جا کنڊر طهران شهر جي ڏکڻ اولهه ۾ اڄ به ڏسجن ٿا). اتي ابن سينا شهزادي جو علاج ڪري، کيس صحتياب ڪري ٿو.

- سن ١٠١٤ع (سن ٤٠٥هه) ۾ ري شهر ڇڏي همذان جي ويجهو رهي ٿو. ابن سينا کي سندس علمي شهرت جي ڪري شهزادي شمس الدوله جي علاج ڪرڻ جي لاءِ گهرايو وڃي ٿو، جيڪو کيس پنهنجو وزير اعليٰ مقرر ڪري ٿو.

- فوجي بغاوت کان پوءِ سندس عهدو ختم ٿئي ٿو، پر پوءِ ابن سينا کي وزير اعظم جو عهدو ملي ٿو ۽ ايندڙ ڇهن سالن تائين نسبتاً سانتيڪي زندگي گذاريس ٿي. انهيءَ عرصي ۾ هو تمام گهڻو مصروف رهي ٿو.

- ابن سينا فلسفي تي پنهنجو عظيم قاموسي ڪتاب "الشفاء" لکڻ شروع ڪري ٿو. فجر کان اڳ اٿي ٿو، صبح جو سويل پنهنجن شاگردن کي پڙهائي ٿو، نماز ۾ سندن امامت ڪري ٿو ۽ "الشفاء" جا هر روز پنجاهه صفحا لکي ٿو.

- سال ١٠٢١ع (٤١٢هه) ۾ سندس سرپرست شهزادو شمس الدوله وفات ڪري ٿو ۽ هن جو پٽ ابن سينا کي وزير اعظم جي عهدي تان لاهي ڇڏي ٿو. ابن سينا روپوش ٿئي ٿو ۽ روپوشيءَ وارن ڏينهن ۾، بعد ۾ جڏهن پاڻ پڌائي ٿو، ڪتابن کي ڏسڻ کان سواءِ ۽ پنهنجي حيرت انگيز يادداشت جي آڌار تي ڪتاب "الشفاء" لکي پورو ڪري ٿو.

- اصفهان جي حاڪم شهزادي علاءالدوله ڏانهن لکيل هڪ خفيه خط جهلجي ٿو ۽ ابن سينا جي روپوشيءَ واري هنڌ جي خبر پوي ٿي. هن کي سندس وفادار ۽ معتقد الجزجانيءَ سميت گرفتار ڪري قيد ۾ آماڻيو وڃي ٿو. قيد ۾ چار مهينا رهڻ وقت ڪتاب "رسالة حئي ابن يقظان"، "الهدايه" ۽ "الادويات القلبيه" لکي پورا ڪري ٿو.

- شهزادي صماءالدوله ۽ شهزادي علاءالدوله جي وچ ۾ جنگ ٿيڻ کان پوءِ، جنهن ۾ شهزادي علاءالدوله کي فتح حاصل ٿئي ٿي، ابن سينا آزاد ٿئي ٿو، پر همذان ۾ ئي رهڻ تي مجبور آهي.

- سال ١٠٢٣ع (٤١٤هه) ۾ پنهنجي وفادار دوست الجزجانيءَ سان اصفهان پهچي وڃي ٿو.

- ابن سينا جي انهيءَ ڏکي ۽ ٿڪائيندڙ سفر جي آخر ۾ هيءُ فيلسوف پنهنجي حياتيءَ جا باقي چوڏهن سال اصفهان ۾ شهزادي علاءالدوله جي سرپرستيءَ هيٺ گذاري ٿو.

- شهزادي (علاءالدوله) جي خواهش تي "ڪتاب العلم" لکي تيار ڪري ڏنو. موسيقيءَ جي فن تي هڪ باب لکي ڪتاب "الشفاء" ۾ شامل ڪري ڇڏيو ۽ علم لسانيات جي سلسلي ۾ "عربن جي ٻولي" جي عنوان سان ڪتاب لکڻ شروع ڪري ڏنو.
- همدان تي علاءالدوله جي حملي ڪرڻ وقت ابن سينا تي قولنج (پيٽ ۾ وٽ جي بيماري) جو سخت حملو ٿيو هو، جنهن جي تڪڙي علاج جي پاڻ ڪوشش ڪئي هئي.
- ماهه رمضان سن ٤٢٨هه (آگسٽ ١٠٣٧ع) جي پهرين جمعي تي، ستونجاهه ورهين جي ڄمار ۾ وفات ڪري ويو.



نفيس احمد شيخ (خبرنامو)

# ”مهراڻ“ - ”پير حسام الدين راشدي نمبر“ جي تقريب رونمائي

سنڌي ادبي بورڊ سنڌ جي برک عالم ۽ محقق ۽ پنهنجي محسن مرحوم پير حسام الدين راشديءَ جي پهرينءَ ورسيءَ جي موقعي تي سندس ياد ۾ رسالي مهراڻ جو خاص نمبر ۱- اپريل ۱۹۸۳ع تي شايع ڪيو. سنڌ جي وزير تعليم ۽ ثقافت جناب جسٽس سيد غوث علي شاهه صاحب الهيءَ يادگار نمبر جي رونمائي جي تقريب جي صدارت ڪئي، جنهن ۾ حيدرآباد جي علمي ۽ ادبي، تعليمي ۽ ثقافتي ادارن جي سربراهن ۽ ڪارڪنن، اديبن ۽ شاعرن، مجلس شوريٰ جي ميمبرن ۽ اعليٰ سرڪاري عملدارن، يونيورسٽي ۽ ڪاليجن جي استادن ۽ شاگردن، تعليمي ماهرن ۽ ڪراچيءَ مان خاص طور آيل عالمن ۽ اديبن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي.

بورڊ آف انٽرميڊيٽ اينڊ سيڪنڊري ايجوڪيشن حيدرآباد جي وسيع آڊيٽوريم ۾، ۷- اپريل تي صبح جو ۱۱ بجي، تلاوت ڪلام پاڪ سان مذڪور تقريب جي شروعات ٿي. سڀ کان اول، سنڌي ادبي بورڊ جي چيئرمن علامه غلام مصطفيٰ قاسمي، وزير موصوف ۽ معزز مهمانن کي خوش آمديد چوندي، مرحوم پير صاحب سان پنهنجن علمي صحبتن ۽ دوستاڻن محفلن جو ذڪر ڪيو ۽ تجويز ڏني ته مرحوم پير صاحب جي ڪيل خدمتن جي اعتراف ۾، سندس نالي تي ڪو يادگار قائم ڪيو وڃي. پير صاحب جي لاتعداد علمي ۽ تحقيقي ڪارنامن جو ذڪر ڪندي فرمايائون ته پير صاحب سنڌي ادب لاءِ جيڪا جاکوڙ ڪئي آهي، سا سنڌ تي هڪ وڏو احسان آهي.

مير مجلس جناب جسٽس سيد غوث علي شاهه صاحب پنهنجي صدارتي خطاب ۾ مرحوم پير صاحب کي زبردست خراج تحسين پيش ڪندي فرمايو ته مرحوم پير حسام الدين راشديءَ جون علمي ۽ ادبي خدمتون دنيا جي علمي ۽ تحقيقي مرڪزن ۽ حلقن ۾ هميشه ياد رهنديون. وزير موصوف سنڌ جي نئين نسل کي اپيل ڪئي ته هو مرحوم جي زندگيءَ مان سبق پرائين.

محترم شاهه صاحب مهراڻ رسالي جي ”پير حسام الدين راشدي نمبر“ جي اشاعت تي خوشيءَ جو اظهار ڪندي، سنڌي ادبي بورڊ جي ڪارڪنن کي مبارڪباد ڏني.

شاهه صاحب چيو ته پير صاحب سنڌ جي تاريخ مرتب ڪرڻ لاءِ بنيادي تحقيقي ڪم ڪري، آئنده جي محققن لاءِ راهه هموار ڪري ڇڏي آهي. مخدوم محمد هاشم ٺٽوي، علامه مخدوم معين ٺٽوي، مخدوم عبداللطيف، شاهه عبداللطيف ڀٽائي ۽ سچل سرمست جو ذڪر ڪندي، شاهه صاحب چيو ته سنڌ ماضيءَ ۾ وڏا وڏا مشاهير پيدا ڪيا آهن ۽ سنڌ جي اها

روايت سدائين جاري رهندي. پير حسام الدين سنڌ جو هڪ جليل القدر عالم هو، جنهن تي اهل سنڌ کي بجا طور تي ناز حاصل آهي.

محترم شاهه صاحب جي خطاب دوران، سامعين طرفان بار بار تحسين جو اظهار ٿيندو رهيو. بورڊ آف سيڪنڊري ايجوڪيشن جو وڏو ۽ وسيع آڊيٽوريم ماڻهن سان سچوئي ڀريل هو. ان هوندي به ڪيترا ماڻهو هال جي اندر گنجائش نه هئڻ ڪري، هال جي دروازن وٽ آپين پيرين بيٺا هئا.

ڪراچيءَ مان آيل ۽ مرحوم پير صاحب جي علمي دوست جناب ڊاڪٽر رياض الاسلام (صدر شعبهءِ تاريخ ڪراچي يونيورسٽي) پنهنجي تقرير ۾ پير صاحب مرحوم جي تحقيقي ڪارنامن جي حوالي سان سندس ڪيل خدمتن تي کيس زبردست خراج عقيدت پيش ڪيو.

مسٽر مهتاب اڪبر راشدي پنهنجي مقالي ۾ پير صاحب جي شفقت، ڪريمي، پاڄهه، نهٺائي ۽ نماڻائيءَ جي جذبن کي ياد ڪندي، کيس خراج پيش ڪيو ۽ چيو ته ساڻس گهاريل گهڙيون، اسان سڀني لاءِ قيمتي اثاثو آهن. محترمه چيو ته پير صاحب جي شفيق شخصيت اسان سڀني لاءِ هڪ گهاٽي "ٻڙ" مثل هئي، جنهن جي ڇانوَ هيٺان ڪيئي ٿڪا ماندا ادبي مسافر ويهي، ٿڪ لاهي، گهڙي سُڪائي، تازه دم ٿي، نئين سوچ سان پنهنجي منزل طرف روانا ٿي ويندا هئا.

آخر ۾ سنڌي ادبي بورڊ جي سيڪريٽري جناب غلام رباني آگري، وزير موصوف ۽ سامعين جو شڪريو ادا ڪيو ۽ ٻڌايو ته سنڌ جي مشاهيرن جا ڏينهن ملهائڻ ۽ سندن ياد ۾ خاص نمبر شايع ڪرڻ، سنڌي ادبي بورڊ جهڙن ادارن جو فرض آهي. موصوف چيو ته اسان پنهنجي سوڀيل فرض جي ادائگي ڪئي آهي ۽ ان ۾ اسان کي ڪاميابي انڪري حاصل ٿي آهي جو عالمن، اديبن ۽ پير صاحب جي مداحن اسان سان ڀرپور تعاون ڪيو آهي.

رباني صاحب، رسالي جي تياري ۽ اشاعتي مرحلن جو تفصيلي تذڪرو ڪندي ٻڌايو ته هن نمبر ۾ پير صاحب جي خاص خاص دوستن جا تاثرات ۽ سندن خط پڻ ڏنا ويا آهن، جن ۾ برصغير جا هاڪارا عالم پڻ شامل آهن.

ان موقعي تي سنڌي ادبي بورڊ طرفان جسٽس سيد غوث علي شاهه، تاڙين جي گونج ۾، پير صاحب جي خاندان جي فردن جناب حسين شاهه راشدي، جناب اياز راشدي ۽ سيد علي رضا کي خاص نمبر جون ڪاپيون ڏنيون ۽ اجرڪ پارايا.

تقريب جي اختتام تي سنڌي ادبي بورڊ طرفان وزير موصوف ۽ معزز مهمانن کي هڪ پرتڪلف لنچ ڏني وئي، جنهن ۾ پير صاحب جي عزيزن، عالمن، اديبن، شاعرن ۽ معزز شخصيتن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي. لنچ جو انتظام يونائيٽيڊ بئنڪ لميٽيڊ طرفان ڪيو ويو هو، وائيس پريزيڊنٽ جناب محمد علي خواجه ۽ مئنيجر مسٽر انصاري معزز مهمانن جي گرمجوشيءَ سان آجيان ڪئي.

---

# ڀنڀور نئشنل سيمينار - ١٩٨٣ع




آيا آس ٿيام، ڀاروچا ڀنڀور ۾،
گوندر وسريام، سکن شاخون مکيون.
— (لطيف)



جسٽس سيد غوث علي شاهه، وزير تعليم ۽ ثقافت سنڌ، ڀنڀور سيمينار جي موقعي تي نمائش جو افتتاح ڪري رهيو آهي. سندس ساڄي جناب عبدالله ميمڻ ڪمشنر حيدرآباد ڊويزن ۽ کاٻي جناب قلي بخش رند ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو آهن. سيمينار جو ڪنوينر جناب عبدالقادر منگي اسسٽنٽ ڪمشنر، مسٽر عبدالسبحان ميمڻ ۽ مسٽر انورشاهه اسسٽنٽ ڪمشنر نمايان نظر اچي رهيا آهن.



جسٽس سيد غوث علي شاهه
وزير تعليم ۽ ثقافت، سنڌ



جناب عبدالله ميمڻ
ڪمشنر حيدرآباد



جناب قلي بخش رند
ڊپٽي ڪمشنر، ٺٽو



جناب عبدالقادر منگي
اسسٽنٽ ڪمشنر، گهارو



ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ



ڊاڪٽر ايف- اي- خان



جناب غلام رباني آگرو



ڊاڪٽر غلام علي آلانا



ڊاڪٽر حميده کهڙو



پروفيسر امينه خميساڻي



جناب سراج الحق



لوئيس فليم



ڊاڪٽر رياض الاسلام



ڊاڪٽر جي- ايم- مهڪري



نفيس احمد ناشاد



عزيز جعفراڻي



جناب علي احمد بروهي



جناب ايم- ايڇ- پنهور



جناب مظهر يوسف



مير محمد بخش خان ٽالپر



محترمه مريم مجيدي



بيگم ممتاز راشدي



پنيور سيمينار ۾ نه رڳو سنڌ جي عالمن، اديب ۽ اهل قلم خواتين سرگرميءَ سان حصو ورتو، پر ان سان گڏ سامعين ۾ ادب ذوق عورتن جو پڻ وڏو تعداد موجود هو.

نفيس احمد شيخ (خصوصي رپورٽ)

# ڀنڀور سيمينار

۲۸-۲۹ اپريل ۱۹۸۳ع تي ٺٽي ضلعي ۾ ڀنڀور جي قديم آثارن وٽ سنڌ جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو قومي سيمينار ٿيو، جنهن ۾ ملڪ جي برک عالمن ۽ محققن، اديبن ۽ دانشورن تحقيقي مقالا پڙهيا ۽ سنڌ جي تاريخ جا ڪيئي نوان نُڪتا نروار ڪيا.

”ڀنڀور سيمينار“ ڪوٺائڻ ۽ ان کي ڪامياب ڪرڻ ۾ هونئن ته گهڻن شخصن جون ڪوششون شامل آهن، پر صحيح معنيٰ ۾ مبارڪ جا مستحق ٻه ماڻهو آهن، هڪ جناب قلي بخش رند، ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو ۽ ٻيو جناب عبدالقادر منگي اسسٽنٽ ڪمشنر گهارو. انهن کان علاوه ٺٽي ضلعي جي ادب ذوق بزرگن، خاص طرح سان جناب مولوي عبدالله ميمڻ ميمبر مجلس شوريٰ، جناب رئيس محمد موسيٰ خان چانڊيو چيئرمن ڊسٽرڪٽ ڪائونسل ٺٽو، جناب احمد خان ميمڻ چيئرمن ڊسٽرڪٽ ڪوآرڊينيشن ڪميٽي ۽ جناب بديع الزمان چيئرمن ميونسپل ڪميٽي ٺٽو جون ڪوششون پڻ قابل تعريف آهن. علمي ادارن مان سنڌي ادبي بورڊ جي سيڪريٽري جناب غلام رباني، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ جي ڊائريڪٽر جناب ڊاڪٽر غلام علي الانا، پير حسام الدين ايڪيڊمي جي باني سيد حسين شاهه راشدي ۽ ڊائريڪٽر ڪلچر جناب عبدالحميد آخوند سيمينار جي ڪوٺائڻ ۾ منتظمين سان ڀرپور تعاون ڪيو.

۲۸- اپريل جي صبح جو، سنڌ جي تاريخي ماڳ ڀنڀور ۾، ٻر ۾ بازار لڳي آهي. ميدان ۾ شاميانا ۽ پنڊال لڳي چڪا آهن. اديبن، عالمن، تاريخدانن، محققن ۽ علم دوست ماڻهن جا ميڙ هرهنڌ نظر اچي رهيا آهن. ٺٽي ضلعي ۽ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان علم ۽ تاريخ سان دلچسپي رکندڙ مردن ۽ زالن جا قافلا پهچي ويا آهن. هرطرف رنگيني ۽ راحت، سونهن ۽ سرهاڻ آهي. اهڙيءَ ماحول ۽ منظر ۾ ڀنڀور سيمينار جو آغاز ٿي رهيو آهي.

## سيمينار جي ڪاروائي

جناب جسٽس سيد غوث علي شاهه، وزير تعليم ۽ ثقافت سنڌ جي تشريف آوريءَ سان سيمينار جي ڪاروائي شروع ٿي. ڪاروائي هلائڻ جا فرائض جناب غلام رباني سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ جي سپرد ڪيا ويا. اسٽيج تي انهن ٻن صاحبن سان گڏ جناب قلي بخش رند

جناب عبدالقادر منگي ڪنوينر سيمينار، رئيس محمدموسيٰ چانڊيو، جناب بديع الزمان ۽ ۽ جناب احمدخان ميمڻ رونق افروز ٿيا ته تلاوت ڪلام پاڪ سان سيمينار جو آغاز ٿيو. سڀ کان اول مقامي اديب جناب عزيز جعفراڻي خطبهٔ استقباليه پڙهيو، جنهن ۾ هن معزز مهمانن ۽ حاضرين مجلس کي خطاب ڪندي چيو:

”ڀنڀور نئشنل سيمينار“ جي هن پرمسرت موقعي تي آءٌ توهان سڀني موجود حاضرين کي دلي خوش آمديد چوان ٿو ۽ دل جي گهراين سان شڪريو ادا ڪريان ٿو، جو توهان سڀئي پنهنجو قيمتي وقت سيڙائي، اسان جي نماڻي ڪوٺ کي قبول ڪري، هن ڏورانهين هنڌ تي تشريف فرما ٿيا آهيو. آءٌ خاص طرح سان، سنڌ جي علم دوست وزير تعليم ۽ ثقافت، جسٽس سيد غوث علي شاهه صاحب جو نهايت مشڪور آهيان، جو پاڻ پنهنجن لاتعداد مصروفيتن ۽ اهم مشغولين مان ڪجهه وقت ڪڍي، هت تشريف فرما ٿيا آهن ۽ هن تاريخي سيمينار جو افتتاح ڪرڻ فرمائيندا.

معزز خواتين و حضرات!

توهان سڀئي ڄاڻو ٿا ته سنڌ جي هن تاريخي ۽ تمدني ماڳ ”ڀنڀور“ ۾ اڄ پهريون ڀيرو هن قسم جو سيمينار منعقد ٿي سگهيو آهي، ائين برابر آهي ته هن سيمينار منعقد ڪرڻ جي تمنا اول اسان چند دوستن جي دلين ۾ پيدا ٿي، پر ان کي عملي روپ بخشڻ لاءِ هن ضلعي جي علم دوست بزرگن ۽ رهواسين وڏي چاهه ۽ اتساهه سان، اسان سان سهڪار ڪري، پاڻ ملهايو آهي، جنهن لاءِ مان سندن نهايت شڪرگذار آهيان.

”ڀنڀور سيمينار“ جي منعقد ڪرڻ جا مقصد واضح آهن ۽ ڪنهن به تفصيلي تعارف جا محتاج ناهن. هن قسم جي سيمينارن ۽ ڪانفرنسن جي قومي زندگيءَ ۾ وڏي اهميت آهي. اهڙن اجتماعن جي وسيلي ئي اسان پنهنجي ماضيءَ کان واقف ٿي، پنهنجي مستقبل کي سنوارڻ ۽ سينگارڻ جو اهتمام ڪري سگهون ٿا. انهيءَ بنيادي مقصد ۾ حاصلات ٿي ته اسان جي هنن ڪوششن کي صحيح معنيٰ ۾ ڪاميابي حاصل ٿي سگهندي.

توهان سڀئي باخبر آهيو ته هي تاريخي ماڳ ڀنڀور پنهنجي قدامت ۽ تاريخي حيثيت جي لحاظ کان هڪ اهم هنڌ آهي. ڀنڀور سان گڏ اسان جو هي سمورو ٺٽو ضلعو سنڌ جي تاريخ ۾ هڪ ممتاز مقام رکي ٿو ۽ ماضيءَ ۾ ان جي عظمت، دنيا جي چند اهم مشهور ترين علمي ۽ تهذيبي مرڪزن ۽ شهرن سان هم پلہ رهي آهي. ٺٽو صدين تائين سنڌ جي گاديءَ جو هنڌ رهيو آهي. سنڌ جي ڪلچر ۾ هن شهر جو خاص مقام آهي.

هي تاريخي شهر ڀنڀور، حضرت عيسيٰ عليه‌السلام کان اڳ به هڪ وڏي ساموندي بندر جي حيثيت ۾ مشرق ۽ مغرب ۾ متعارف رهيو آهي. اهڙي اهم تاريخي هنڌ جي قدامت ۽ علمي حيثيت اجاگر ڪرڻ لاءِ مان سمجهان ٿو ته اڄوڪي سيمينار نهايت سودمند ثابت ٿيندو.

هي تاريخي مقام هڪ پئي نقطہ نظر سان پڻ اهم آهي، جو اسان جي سنڌ جو نيم تاريخي روماني داستان "سسئي - پنهون" پڻ هن ئي ماڳ سان واسطو رکي ٿو، جنهن کي اسان جي سدا حيات شاعر شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ۽ ٻين صوفي شاعرن ۽ بزرگن پنهنجي ڪلام ۽ پيغام ۾ امر ڪري ڇڏيو آهي.

هن تاريخي شهر "ڀنڀور" جي کوٽائيءَ کان پوءِ ٽڪر جا ٽانو ۽ جيڪي ٻيون شيون مليون آهن ۽ جي هتي جي ميوزيم ۾ محفوظ آهن، سي آثار قديمہ جي ماهرن جي راءِ ۾ وڏي اهميت رکن ٿيون ۽ سنڌ جي قديم تهذيب جي نشاندهي ڪن ٿيون.

آخر ۾ هڪ دفعو وري بہ مان انهن سڀني دوستن جو نهايت شڪرگذار آهيان، جن هن سيمينار منعقد ڪرڻ ۾ اسان جي حوصلہ افزائي ڪئي آهي، انهن ۾ سنڌي ادبي بورڊ، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ۽ سنڌ سرڪار جو شعبہ ڪلچر نمايان آهن.

خطبہءِ استقباليہ کان پوءِ سينئر عالمن کي پنهنجا مقالا پيش ڪرڻ لاءِ گذارش ڪئي ويئي، لهاذا جناب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، جناب ڊاڪٽر ايف. اي. خان، جناب ڊاڪٽر غلامعلي الانا، جناب مظهر يوسف، جناب علي احمد بروهي، جناب محمد حسين پنهور، جناب مير محمد بخش خان ٽالپر، محترمہ ڊاڪٽر حميده کهڙو، محترمہ ممتاز راشدي، محترمہ مهتاب اڪبر راشدي، محترمہ امينہ خميساڻي پنهنجا مقالا پڙهيا، جن کان پوءِ مير مجلس، جناب جسٽس غوث علي شاهہ، وزير تعليم ۽ ثقافت سنڌ، صدارتي تقرير ڪندي فرمايو:

"سنڌ آڳاٽين صدين کان اسلامي تهذيب ۽ تمدن جو گهوارو رهندي آئي آهي ۽ هن برصغير کي باب‌الاسلام هئڻ جو شرف حاصل آهي. اسلام جي اچڻ کان اڳ بہ سنڌ ۾ تمام وڏي تهذيب آباد هئي، جنهن جا ثبوت کنڊرن مان ملن ٿا. ڀنڀور ڪنهن زماني ۾ هڪ وڏو بندرگاهہ هو. هتي هڪ وڏو شهر آباد هو. سنڌ کي فتح ڪرڻ کان پوءِ محمد بن قاسم هتي هڪ شاندار مسجد جوڙائي، جنهن جا نشان اڄ تائين موجود آهن. اسلام جي روشنيءَ، سنڌ جي تهذيب کي نوان موڙ ڏنا ۽ هتان جيڪي علم ۽ فضل جا ڪرڻا نڪتا، انهن جي روشني پوري ننڍي کنڊ کي روشن ڪري ڇڏيو. انهيءَ بحث کان هٽي ڪري، تہ هن بندرگاهہ جو نالو "ڀنڀور" هو يا "ديبل"، ان ڳالهہ جو چٽو ثبوت موجود آهي تہ هتي هڪ عظيم‌الشان تهذيب آباد هئي. اسان سڀ پاڪستاني هجڻ جي حيثيت سان ان تي فخر ڪري سگهون ٿا تہ عظيم تهذيب جي اها نشاني سنڌ ۾ موجود آهي. سنڌ ۾ جيڪو بہ رهي ٿو، اهو سنڌي آهي. اسان جون دليون گڏ ڌڙڪڻ گهرجن، ڇو تہ مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ايڪو ضروري آهي. پاڪستان ان وقت ئي سگهيو ٿي سگهي ٿو، جڏهن سڀ ماڻهو ٻڌيءَ سان ان جي ترقيءَ ۽ سهنجائيءَ لاءِ ڪم ڪن. اردو

اسان جي قومي زبان آهي، مگر ان سان گڏوگڏ علائقائي زبانن سان چاهه به ضروري آهي. جيڪڏهن علائقائي زبانن سان محبت ڪئي ويندي ته قومي زبان کي سگهه ملندي. سنڌي قوم کي پنهنجي تاريخ، پنهنجي تهذيب ۽ پنهنجو ماضي آهي. پاڪستان اسلام جو قلعو آهي ۽ اهو قلعو ان وقت مضبوط رهي سگهندو، جڏهن پاڻ سان ڪدورتون ڪڍيون وينديون ۽ اتحاد ۽ ايڪو قائم ڪيو ويندو. سنڌ جي اسلام سان وابستگي ڪنهن ٻئي صوبي کان گهٽ نه آهي. ٺٽي ضلعي جي پنهنجي عظيم تاريخي حيثيت آهي. هي شهر نه رڳو علم و ادب جو گهوارو رهيو آهي، پر ان سان گڏ صدين تائين سنڌ جي گاديءَ جو هنڌ پڻ رهيو آهي. ٺٽي جي تاريخي ۽ ثقافتي ورثي جي تحفظ لاءِ هڪ اختياري قائم ڪئي وئي آهي، جنهن لاءِ پنجاهه هزار رپيا ڏيڻ جو اعلان ڪجي ٿو."

ڀنڀور جي قدامت ۽ تاريخي حيثيت اجاگر ڪندي، وزير موصوف فرمايو:

"ڀنڀور جا پاڻ، جتي اڄ اسان سڀ اچي گڏ ٿيا آهيون، تاريخي لحاظ کان اڄ کان شايد ست-اٺ سؤ سال اڳ اجڙي چڪا هئا.

سنڌ جي تاريخ ۾ اهڙا ڪيترائي شهر آهن، جي پنهنجي عروج جي زماني ۾ سنڌ جا مرڪزي شهر بلڪ پايه تخت هئا، مثلاً: ٺٽو، سيوهڻ، اروڙ ۽ نصرپور وغيره. اتي وڃڻ سان اوهان کي زندگيءَ جي اجا به ٿوري گهڻي رمق نظر ايندي، پر ڀنڀور کي اهڙو ڪو پاراتو مليو، جو هي شهر هيڪر اجڙيو ته وري ساهه ڪونه ڪنيائين.

پر، سنڌ جي شاعرن جي شاهه جا چند بيت، جي مون اوهان جي اڳيان پڙهيا، اهيءَ حقيقت تي شاهد آهن، ته ڀنڀور سنڌ جو اهو خوشنصيب شهر آهي، جنهن کي سنڌ جي تاريخ ۾ گهڻي کان گهڻو ڳايو ويو آهي. شايد سنڌ جي زنده شهرن ۾ به ڪو اهڙو شهر ڪونهي، جنهن جو نالو، راڳ ۽ روپ جي مجلسن ۾ عوام جي زبان تي ايترو عام جام هجي، جيترو ڀنڀور جو.

سنڌ پنهنجن ڳوٺن ۾ آباد آهي. ٻهراڙيءَ ۾ شادي وهانوَ جي موقعي تي، لاڏن ۽ سهرن ۾ به اوهان ڀنڀور جو نالو بار بار ٻڌو هوندو. انهيءَ نفسياتي پس منظر ۾، جڏهن ماڻهو ڀنڀور اچي ٿو ته دل تي ٻن قسمن جا تاثر اڀرن ٿا: هڪ ته خوشي ٿئي ٿي ته جنهن شهر جو مون ننڍپڻ ۾ بار بار نالو ٻڌو آهي، اڄ اهو تاريخي هنڌ اکين سان ڏسي پسي رهيو آهيان ۽ ٻيو تاثر اهو به دل تي اچي ٿو ته چوطرف سناٽو ۽ ويرانو آهي.

تصور ڪريو ته ڪڏهن هي وسندڙ شهر هو، منجهس ماڻهن جا ميڙا هئا، بندر ۽ بازاريون هيون، وڻج ۽ واپار هو، عطر ۽ عنبير جون هٻڪارون هيون. جڏهن صبح

ٿيندو هو ته آسپاس ۽ پري پري کان آن تي آيل واپاري قافلا ڀنڀور جي مارڪيٽ ۾ الائـي ڪهڙا ڀَتَ ڀَتِيهر اچـي لاهيندا هئا ۽ جڏهن شام ٿيندي هئي، تڏهن هن شهر مان ناڪئا ڏيساور ڏانهن ويندڙ غورابن جا سڙه سنوان ڪندا هئا.

هن شهر جا ڏينهن زندگيءَ سان ڪيڏو نـه ڀرپور هوندا. ڀنڀور جـون اهـي راتيون ڪيڏيون نه پياريون هونديون، جڏهن چوڏهينءَ جو چنڊ آسمان ۾ چمڪندو هوندو ۽ مسئي پنهونءَ لاءِ سيج وڇائيندي هوندي.

هن شهر جي ڪهڙي ڳالهه ڪجي!

ڪي آثارقديمه جا ماهر ۽ تاريخ جا عالم ائين ٻه چون ٿا ته هي شهر اهو تاريخي ديبل بندر آهي، جتي نوجوان سپه سالار محمد بن قاسم اسلامي فتوحات جو سڀ کان اول جهنڊو لهرايو هو. ڪن جو خيال آهي ته ڀنڀور ئي يونانين جو باربريڪان آهي. پر 'Antiquities of Sind' جي مصنف هينري ڪزنس ڪي انهن ٻنهي ڳالهين سان اختلاف آهي. چوي ٿو:

> But the most casual inspection of the place is sufficient to dıspel this idea (that Bhambhor is Debal) because it is too in significant a site to have been that of the city which for some time defied the forces of the Arab invadors in the eightth century.

ساڳيءَ ريت، اليٽ ۽ ڪننگهام جي راين ڪي جنرل هيگ جي حـوالـي سان رد ڪندي، چوي ٿو ته:

> Barbarikan was probably in the vicinity of the modern Shah Bander.

پر هينري ڪزنس جي تحقيق کي تقريباً اڌ صدي گذري چڪي آهي. ان کان پوءِ علم جا نوان نوان دروازا کليا آهن. آثار قديمه جي ماهرن ڀنڀور جي پاڻن جي کوٽائي ڪري، نون نون حقيقتن جو انڪشاف ڪيو آهي. عالمن ۽ محققن سنڌ جي تاريخ جا ڪيترا ئي لڪل باب کولي هٿ ڪيا آهن. سنڌي ادبي بـورڊ، سنڌ جي تاريخ جا بنيادي ڪتاب شايع ڪيا آهن. هـاڻـي چچ نامي، تاريخ معصومي ۽ تحفةالڪرام جو سنڌي ۽ اردو ۾ آسانيءَ سان مطالعو ڪري سگهجي ٿو.

ڀنڀور جي تاريخي حيثيت جو تجزيو، انهن مڙني حقيقتن جي روشنيءَ ۾ ڪرڻو آهي. هوئن ٻـه تاريخي اختلافي ۽ تحقيقي مسئلا ڪو هڪ ڏينهن ۾ تـه حـل ڪـونـه ٿيندا آهن. سچو محقق پنهنجي راءِ هميشه احتياط سان ڏيندو آهي.

آخر ۾ مهمان خصوصي جناب عبدالله ميمڻ جي صدارتي خطاب سان اِها نشست پوري ٿي ۽ چالهه جي وقفي جو اعلان ڪيو ويو.

شام جو سيمينار جو ٽيون اختتامي اجلاس منعقد ٿيو، جنهن جي صدارت ڪراچي يونيورسٽيءَ جي پروفيسر ڊاڪٽر محمودالحسن صديقي ڪئي ۽ محترم ڊاڪٽر غلام علي الانا مهمان خصوصي هو. محترم حسين شاهه راشدي ان نشست جي ڪاروائي هلائي. جيئن ته هن نشست جي شروع ٿيندي ئي سج لهي چڪو هو ۽ مهمانن جي واپسيءَ جو مسئلو هو، انڪري باقي مقاله نگارن مان گهڻن اديبن پنهنجا مقالا منتظمين جي حوالي ڪيا. جناب ڊاڪٽر جي. ايم. مهڪري هن نشست جو خاص مقرر هو، جنهن پنهنجي پُرجوش ۽ ولوله انگيز تقرير سان اختتامي اجلاس جي گرماگرميءَ کي ٻه آتشه ڪري ڇڏيو.

آخر ۾ سيمينار جي ميزبان جناب قلي بخش رند، ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو، پنهنجي تقرير ۾ عالمن ۽ اديبن ۽ مهمانن جي آمد تي دلي شڪريو ادا ڪندي، واضح ڪيو ته سيمينار جي ڪاميابيءَ جو سهرو اسان جي معزز محققن جي سر تي آهي، جيڪي وقت سيڙائي، سفر جون صعوبتون برداشت ڪري، هن اڙانگهي هنڌ تي پهچي، پنهنجن مضمونن ۽ تقريرن وسيلي، سيمينار کي ڪامياب بنايو آهي. جناب رند سنڌي ادبي بورڊ ۽ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ جو خاص طرح شڪريو ادا ڪيو.

سيمينار جي پٺيءَ ڏينهن ساڳئي هنڌ هڪ شاندار محفل موسيقي منعقد ٿي، جنهن جو سمورو انتظام جناب حميد آخوند، ڊائريڪٽر ڪلچر، سنڌ، ڪيو هو.





سچل نئشنل سيمينار (مارچ ١٩٨٣ع) جي موقعي تي جسٽس سيد غوث علي شاهہ، وزير تعليم ۽ ثقافت، رانديون ۽ قانون، حڪومت سنڌ، مغربي جرمنيءَ جي ممتاز مستشرقه پروفيسر ڊاڪٽر انيمري شمل کي سچل ۽ سندس همعصرن ۽ طالبن متعلق سنڌي ادبي بورڊ جا شايع ڪيل ڪتاب تحفي طور ڏيئي رهيو آهي.